ساهتيه ساگر

(ساهتڪ مضمونن جو مجموعو)



ليکڪ: ڪشن خوبچنداڻي "رنجايل"

ارپڻ



سداحيات ڏرمپتني تارانونتيءَ کي

جنم تاريخ : 27.12.1936 سرڳواس : 15.08.2009

پتي : ڪشنچند ايسرداس خوبچندآڻي پاڳيا

اپار عزت ۽ شرڌا سان سندس ياد ۾

ڌيءُ : جوتي ديوانند پرساڻي
(ريڪا)

ڌيءُ : رتنا ڪشنچند گلاڻي
(ديپڪ، روي، اومي)

پٽ : راجو ڪشنچند خوبچندآڻي
(پوجا، ڏَوَلُ)

پٽ: اشوڪ ڪشنچند خوبچندآڻي
(ديپڪا، مهما، موهت)

نونهن : سيما راجو ڪشنچند

نونهن : ڪومل اشوڪ ڪشنچند

ڏير : رميش ايسرداس
(پنڪي، نريش، منيش)

ڏير : جڳديش ايسرداس
(سوني، پرت، ڪئلاش ۽ هيمراج)

خوبچندآڻي پريوار

جي ڀاويني شرڌانجلي

''ساهتيہ ساگر''


(ساهتڪ مضمونن جو مجموعو)



سچل سرمست




ساڌو هيرانند




هري دلگير



اي. جي. اُتم



سدارنگاڻي ''خادم''



لالچند امرڏنومل جڳتياڻي

يکڪ : ڪشن کوبچنداڻي ''رنجايل''

فهرست

ساهتيہ ساگر

(ساهتڪ مضمونن جو مجموعو)

ليکڪ : ڪشن خوبچنداڻي ”رنجايل“

ليکڪ ۽ پبلشر : ڪشنچند اِيسرداس خوبچنداڻي
26/B، آنند پارڪ، چندرما سوسائٽيءَ جي ڀرسان،
نيو جي-وارڊ، ڪبيرنگر، احمدآباد-382340.
فون : 22822681 موبائيل : 9328020018

ڇاپو : پهريون حق واسطا پبلشر جا

سال : 2009ع قيمت : 80 روپيہ ڪاپيون : 500

ڇپيندڙ : اسڪين ڪمپيوٽرس،
3، راڌيشيام اپارٽمينٽ،
پاٽيا، نروڙا روڊ، احمدآباد-382340.
فون : 30246776 موبائيل : 9327007002

(سنڌي ساهتيہ اڪادمي، گانڌينگر گجرات راجيہ جي مالي مدد سان ڇپايل)

SAHITYA SAGAR

(Collection of Literary Essays)

riter & Publisher : **Kishinchand Issardas Khubchandani**
26/B, Anand Park, Nr. Chandrama Soceity,
New G-Ward, Kubernagar, Ahmebad-382340.
Phone : 22822681

ar : 2009 Price : Rs. 80/- Copies : 500

tner : **Scan Computers**
3, Radhyshyam Apartment, Patia,
Naroda Road, Ahmedabad-382340.
Phone : 30246776 Mobile : 9327007002

(Published with the Financial aid of Sindhi Sahitya Academy,
Gandhinagar, Gujarat State)

ساهتيڪار جي سوچ

ساهت-کيتر ۾ رهي مورچو سنڀالڻ اڪائيو ڪم آهي، ان جو احساس
اُنهن کي ٿيندو جن ساهت سان ناتو جوڙيو هوندو. ساهت سرجڻ هڪ ساڌنا
آهي، هڪ تپسيا آهي جنهن لاءِ گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي، جوکم پچائڻا
پون ٿا. ان لاءِ اپياس تہ ڪيپي ئي پر ساڳئي وقت فني قوتون بہ ڪپن.

مان هن ادبي ميدان ۾ 1958 کان قدم ڌريو آهي ۽ منهنجي پهرين رچنا
(لوڪ ڪٿا) ”يائي يائي“ 21 ڊسمبر 1958ع جي ”هندواسي“ هفتيوار ۾
ڇپي ۽ اُها ئي ”هندواسي“ آهي جنهن 8-2-1959، 9-8-1959، 29-7-1962،
17-7-1960، 15-12-1960، 10-5-1961، 28-10-1961، 29-7-1962 ۽
20-1-1963 وارن پرچن ۾ منهنجي رچنائن کي جوڳي جاءِ تہ ڏني پر ساڳئي
وقت 15-12-1960 جي پرچي ۾ ڇپيل مضمون ”اِنسان تي سرسري نظر“
تي انعام پڻ حاصل ٿيو. مون کي ياد آهي تہ ججن مان هڪ جج پروفيسر
منگهارام ملڪاڻي هو.

تماهي ”سنڌي گلشن“ جو چوٿين انڪ ۾ ”بي انت بڻيئن“، هولي
پرچي ۾ ”چت چرو بڌ“، آزادي پرچي ۾ ”گل مشڪيو پر ڪڇيو ڪون“.
هي ٽي ادب لطيف 1962-63 ۾ شايع ٿيا ۽ پوئين ادب لطيف تي ”سنڌي
گلشن“ انعام ڏيڻ جي نوازش ڪئي.

”چوڏس“ احمدآباد جي جنوري فيبروري مارچ 1963، ”ڪونج“ ممبئي
مارچ 1963، تماهي ”سيپتا“ اپريل 1963. بڙودا ”ڪونج“ آڪٽوبر 1963،
ماترڀومي“ اندور 12-2-1963، ”سنڌو ڌارا“ ممبئي 22-12-1963 ۽ ”سنڌو
رتي“راجڪوٽ مارچ-اپريل 1969 ۾ غزلن شايع ٿيڻ تي مونکي پڪي پختي
عر طور ساهتيڪارن ادبي رايا ڏيئي حوصلہ افزائي تہ ڪئي پر ساڳئي وقت
شاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ جي وقت بوقت قرب سنڌي ڪوٺ بہ ملڻ لڳي.
9-10-19 تي شري اندر پوڄواڻيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ منهنجي زير
صدارت بانٽوا ۾ ”سوراشٽر سنڌي ساهتيہ منڊل“ جي اِسٿاپنا ڪئي ويئي.

كشن کوبچنداڻي ”رنجايل“

جو سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۾ املھ يوگدان

(1) 1956ع کان 1961ع تائين سنڌي ماڌيم مڊل اسڪول، پاونگر ۾ شڪشڪ.

(2) سنڌي ٻولي ۽ علم لاءِ چاھ سبب مرڪزي سرڪار جي اناج کاتي جي پڪي سَرو
ڇڏي 1966ع کان خانگي، مھاتما گانڌي هاءِ اسڪول، ڪٻيرنگر، احمدآباد ۾ شڪش
طور تعليمي ڪيتر ۾ وري گھڙيس. 1956ع کان 1961ع ۽ 1966 کان 1974ع تائي
تيرهن سال شڪشڪ طور ڪيل سَروسِ واري عرصي ۾ تعليم سان وابستہ، هيٺ ڄاڻا
سرگرمين ۾ سرگردان رهيس : (1) مضمون چٽاپيٽي (2) ليڪچر چٽاپيٽي (
بحث مباحثہ (4) ڪھاڻي چٽاپيٽي (5) شھر ۽ ضلع ليول تي تعليمي ڪانفرنس
شرڪت ۽ ليڪچر (6) وديارٿين جي ڊانوَ جي ريڊيو اِسڪرپٽس جو ليکڪ ۽ هدايتڪ
(7) تعليمي وشين تي آل اِنڊيا ريڊيو تان تقريرون پرسارت ٿيل (8) آل اِنڊيا ليول ت
تعليمي ڪانفرنسن، سيمينارن، ماستر ورڪشاپن ۾ شرڪت ڪيل، پيپر پڙهي
بحث مباحثہ ۾ سرگرم ڀھرو ورتل (9) تعليمي پروگرامن جو آرگنائيزر.

(3) 1975 کان 1985 تائين نڙياد جي سنڌي ماڌيم ”جواهر وديا مندر“ (هاير سيڪنڊر
اسڪول) ۾ پرنسيپال طور شيوائون ڊنل. (1) اِن عرصي ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي
ساهتيہ سڀا (بمبئي) ڪي تعليمي ڪانفرنسن لاءِ نينڊ ڊنل ۽ ٻئي ڪانفرنسون ڪامي
ويون. مٿي ڄاڻايل مشغولين ۾ اڳرو رهيس. آل اِنڊيا فيڊريشن آف سنڌ
ايڊيوڪيشنل اِنسٽيٽيوٽس جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميمبر. سڄي ڀارت
ٻارهن ڪاروباري ميمبرن مان هڪ. راشٽريہ سطح تي ڪل 102 مئنيجمينٽس.
سلسلي ۾ بمبئي، ڄئپور ۽ اجمير جي ڪانفرنسن ۾ تعليمي وشين ۽ سنڌي ماڌ
قائم رهي ان بابت پيپر پڙهيل. اِن عرصي ۾ گھٽي ۾ گھٽو ڀھرو ورتل. گجرات
سنڌي هاءِ اسڪولن جي پرنسيپالن جي ائسوسئيشن جو وائيس پريزيڊنٽ. ڪ
ٿي دفعا ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميمبر. اکل ڀارت ليول تي سنڌي شاگردن
Terminnology ساڳي رهي، اهڙن سيمينارن ۾ ڪافي ڀھرو ورتل.

(4) 1986 کان 1991 تائين ”سنت ڪنوررام سنڌي هاير سيڪنڊري اسڪول“ پاونگ
پرنسيپال. مطلب 13 سال ماستر ۽ 17 سال پرنسيپال. مذڪور پرورتين ڪانسواءِ ’س
سوشل سرڪل‘ پاونگر طرفان هر سال وديارٿين کي انعام. اِن سنسٿا جو ڇھہ ئي
پريزيڊنٽ 1986 کان 1991.

(5) ائين کان ٻارهين درجي جي سنڌي درسي ڪتابن سان گڏوگڏ ٻين ڪتابن جو مول
منتخب، سمالوچڪ ۽ سمپادڪ. اِسڪولي مخزنن، ٻين مخزنن، اِخبارن ۽ رسال
تعليمي رچنائون وقت بوقت شايع ٿيل.

ساهتيہ سنسار ۾ اِهو منهنجو شروعاتي دؤر هو ۽ هاڻي منهنجا ٻيا ٻہ اٺ ڪتاب ڇپيل آهن. ٻي شمار رچنائون شايع ٿيل آهن.

احمدآباد ۾ 1964 ۾ جيئن ئي خيمو ڪوڙيم تيئن ''سنڌو سماج'' سنستا جو ميمبر ٿيس جنهن سڄاتا ناول ڇپايو هو. ''سنڌي ساهتيہ سنگت'' ڪبيرنگر احمدآباد جو بہ ميمبر ٿيس ۽ 65-1964ع ۾ صلاحڪار طور چونديو ويس. ان ئي سنستا ''ڇيڄ'' پرچو ڇپايو جنهن ۾ منهنجو ادب لطيف ''پسند ڪانهي'' (پڙهو پل پل تند تنوار (ڪويتائون) ڪتاب جو صفحو-16) شايع ٿيو جنهن جي ساراهہ اُن وقت جي ميمبرن سرو شري ارجن ''حاسد''، هيرو شيوڪاڻي، ويڙهو رفيق، نندلعل راماڻي، گورڌن تنواڻي، جيوترام ترنگ ۽ ٻين بہ ڪئي ۽ ان سنستا جي ادبي ڪلاس ۾ بہ سرگرم ڀرو وٺندو رهيس. واڙيچ ڪان ڪبيرنگر سائيڪل تي ايندو هوس.

گهڻي عرصي ڪانپوءِ هاڻي لڳ ڀڳ پنجن سالن ڪان چالو ڪيل ادبي ڪلاس اِهو خال ڀري ٿو. ايم. جي. هاءِ اسڪول، ڪبيرنگر، احمدآباد ۾ هر مهني جي ٻئي آرتوار تي صبوح جو 11 ٻجي ادبي ڪلاس ۾ رچنائون پڙهيون ويندڙيون آهن. صحتمند تنقيد ٿيندي آهي. اِن سلسلي ۾ رهنما آهن: شاعرن ۾ مٿاهون درجو والاريندڙ شاعر واسديو موهي.

ڪبيرنگر جي ادبي ڪلاس جي سهڪار سان 09-5-24 ڪان هر مهني جي چوٿين آرتوار تي آديپور جي سنڌالاجيءَ طرفان سنڌو ڀون ٻوڙڪديو احمدآباد ۾ بہ ادبي ڪلاس چالو ڪيو ويو آهي جنهن جو اِنچارج آهي شري دوارڪاداس داوڙا ۽ ڪبيرنگر جو ڪشن خوبچنداڻي.

منهنجي دل کي ڇيريو ويو آهي، ڇيپاٽيو ويو آهي، ڪشن ڄڻ ڪسجي ويو آهي. زماني جي گردش، ذاتي زندگيءَ جي تضادن ۽ واقعن، دغائن ۽ دولابن، حالات جي ڇپيٽن ۽ پنهنجن جي پيڙائن ۽ عقوبتن مون کي ''رنجايل'' بڻايو، ''رنجايل''. (تخلص بابت اِن ڪري ٿو چاٽايان جو ڪن اديبن سوال اُٿاريو آهي تہ رنجايل تخلص ڇو؟) سچ چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ويتر شانت ۽ ماٺيڻي سڀاءُ سبب حق ۽ سچ جي صدا بلند نہ ڪري سگهندو آهيان. شروعاتي زندگيءَ جا لمحا قهر جا پيالا هئا جي مهر جي ميءِ جا پيالا سمجهي پيتم ۽ رنج کي راحت جو روپ ڏيندو پئي آيو آهيان تنهن ڪري مون کي ڪو شڪوو

''سنڌو ڌارا'' 1960-1-10، ''سپيتا'' بڙودا جولاءِ آگسٽ سيپٽمبر 959
جنوري فيبروري مارچ 1960، جولاءِ آگسٽ سيپٽمبر 1960، ''هندواسي
1961-12-28، ''پارتواسي'' ممبئي 1963-5-19 ۽ ''جهرمر'' آگسٽ 69
جي پرچن ۾ مضمون اشاعت هيٺ آيا. ڪيترين رچنائون محفوظ نہ رک
سگهيس.

مذڪور مخزنن ڪانسواءِ ٻين بہ ڪيترين مخزنن ۾ جيئن تہ ''نئين زندگي
''نئين دنيا''، ''چوڏس''، ''تصوير''، ''مالتي'' ۽ ''نرگس'' ۾ بہ معيار
رچنائون شايع ٿينديون رهيون جن کان متاثر ٿي سنڌو سماج احمدآباد وا
منهنجو انواد ڪيل ناول ''سڄاتا'' ڇپايو جنهن ناول جي فلم پڻ نڪتل آهي
ان وقت مان پاونگر رهندو هوس ۽ خط و ڪتابت جو سلسلو جاري رکي مونک
''سڄاتا'' ناول جو دستخط 1963 ۾ گهرايو. مان ان سنستا جو اڄ بہ احسانم
آهيان جو منهنجي پهرئين ڪتاب کي ساهتڪ کيتر ۾ آڻي مون تي وڏو
ڪيو.

1959 ۾ سنڌي ساهتيہ سنگهہ جي پاونگر ۾ اِستاپنا ڪيم. اِن سنگهہ ج
سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ 'هندستان' روزاني، بمبئيءَ ۾ ڇپايم تہ جي
سوراشٽر جا ساهتيڪار مون کي پنهنجو ساهتيڪ يوگدان لکي موڪلين
جيئن هڪ ''سوراشٽر جا ساهتيڪار'' ڪتابڙي ڇپائجي. مان تڏهن پاونگر
مرڪزي سرڪار جي اناج کاتي ۾ سروس ڪندو هوس. منهنجي احمدآ
بدلي ٿي اِن ڪري ڇپائڻ جي سرانجامي نہ ٿي سگهي. ڪجهہ بہ هجي م
انهن ساهتيڪارن جو معافي طلبگار آهيان. اڄ بہ انهن جو ''لکيل'' مون
محفوظ آهي. جن ساهتيڪارن مونکي پنهنجو يوگدان لکي موڪليو اُهي آه
سرو شري تلسيداس تلريجا-ڪتيانا-1962-11-11، ڪشن شرما-جهوناڳ
1960-10-9، ڪنعيالال شاديجا-بانٽوا، جينت ريلواڻي، ڪمار آهوج
جهوناڳڙه، بولچند ڪتواڻي 'ڪمل'، تلوڪ ايس. ڪتري-جيتپور، هوند
وليچا-جيتپور، ڪيئلداس تلريجا-پاليتاڻا، ٿانورداس سدرشن-اونا، اش
چندناڻي-جهوناڳڙه، پچن رتناڻي فولاد-ڪتيانا، لڇمڻ دبي-جهوناڳڙه، گو
ريجهواڻي-جهوناڳڙه، نروتم ساٿي-بانٽوا ۽ ڪي ٻيا.

سنڌيت کي برقرار رکڻ لاءِ سجهاءَ

* سنڌو سنسڪرتيءَ جو ورثو ٻارن تائين پهچائڻ لاءِ مڪمل اپاءَ ورتا وڃن. * وڏان جي آرٽيڪلس 13 (2) 14، 19 (1) ۽ 29 (1) موجب ٿورائيءَ وارن کي پنهنجي ڀاشا ۽ تهذيب جي وجود لاءِ خاص اڌڪار ڏنل آهي. جن جو اسين سنڌي فائدو نٿون. نوان اسڪول کوليون. * اسان سنڌي چوائڻ/سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ کي احساس ڪمتري Inferiorty نه سمجهون. * ماتر يومي ويئي ته هاڻي ماترياشا کي وڃڻ نه ڏيون. * سنڌي اخبارون، مخزنن، رسالن ۽ ساهتڪ ڪتابن جو واهپو وڌي ۽ سنڌي ساهتيه جو وِڪرو ٿئي. * اڄ جي ٿهيءَ کي ڪهڙي ميوزم ۾ ڪلچر ڏيکاريون؟ رٿا رٿيون. * سنڌي اوچ سيپتا جي ڄاڻ ننڍن کي ڏيون، انهن کي وانجهيل رکيو آ. * سنڌين جي ذهنيت ۾ ڦيرو اچڻ کپي اهو هڪ بنيادي سوال آهي. * ورهاڱي وقت اڌ سنڌ نه طلبي ويئي جا مهاپاري پل هئي جنهن سنڌي ٻوليءَ کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. ٻي پل اها هئي جو 1956ع ۾ راڄين جي نونرماڻ وقت سنڌي ٽڪري/هوم ٽائون/سنڌ جي گهر نه ڪئي ويئي. * سنڌي ٽڪري نه هئڻ سبب سنڌي ٻوليءَ جو گهربل وڪاس نه ٿيو آهي. * پرانتيڪ ٻوليون ئي گهربل وڪاس ڪري رهيون آهن. سنڌي سماج ٻوليءَ جي سڌاري واڌاري ڏانهن جاڳرت ڪونهي. * ٻُڏي آهي، ٻَڏي ڪانهي. بس آپسي ڦوٽ ختم ڪريون. * مغربي عالمن گريئرسن، ٽرمپ، برٽن، اسٽئڪ ۽ ٻين عظيم عالمن سنڌي ٻوليءَ جي مهانتا کي مڃيو آهي، پوءِ اسان سنڌي ٿي ڪري مادري ٻوليءَ کي گهٽ درجو ڇو ٿا ڏيون؟ * سنڌي ٻوليءَ کي 10 اپريل 1967ع کان وٺي ڀارت جي جوڙجڪ ۾ 8 شيڊيول ۾ 15 ٻوليءَ طور سرڪار ته تسليم ڪيو آهي، پر چڻ اسان سنڌين جوڳي جاءِ نه ڏيئي تسليم نه ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي هر طرح همٿايون. * اسان ۾ چيتنا (Consciousness) اچڻ کپي ته سنڌيت جو ننگ، ماتا جو ننگ آهي. * مڪاني سنسٿائن، وڏان سڀائن ۽ پارليامينٽ ۾ عيوضيپڻو حاصل ڪري سياسي ٻل سان سنڌي ٻولي، ساهتيه، ڪلا ۽ تعليم جا مسئلا حل ڪريون. * مئنيجمينٽس ۽ تعليمدانن کي گهرجي ته سنڌي ماڌيم جاري رکڻ ممڪن نه هجي ته سنڌي وشيه ضرور رکي وڃي. * ٽيڪنيڪل ۽ هن وقت هلندڙ وشين جي لفظن جي ڊڪشنري ٺهي ۽ انهن پرانتن جو ساڳيو ڪورس تيار ٿئي. * سنڌي سازن، چترڪاري، سنگتراشي، سنڌي ويسن، برتنن ۽ مٽيءَ جي ٿانون جون درلڀ شيون سانڍي هڪ مرڪزي ميوزم کوليون. * سنڌي تعليمي سنسٿائن جي واپاري منورتي ٻوليءَ کي ڪاٽ هڻي رهي آهي. * اسان آرٿڪ وڌيڪ سوچيندا آهيون، پر سنڌي تعليم/ٻولي/ساهتيه/ڪلا/سماج لاءِ به سوچيون.

شڪايت ڪانهي اٿلندو انهن جو احسانمند آهيان ڇاڪاڻ تہ جيڪڏ
مٿان صدما نہ سهان ها تہ قلم نہ هلائي سگهان ها ۽ اندر جا اُڌما ۽ غبـ
ذريعي نہ ڪڍي سگهان ها سو بہ صادق جذبي سان. ڪي آپ بيـ
بيتيون ٿينديون آهن. منهنجون رچنائون منهنجي جيون جا ايماندا
آهن. هيءُ مضمون لکندي ڊاڪٽر ستيش روهڙا، شري منوهر نهالاڻـ
نردوش ۽ سداحيات ليلارام رچنداڻيءَ جي ليکن مان خيال کنيا اَٿـ
مختصر اِن ڪري لکيا اٿم جو وقت جي پابندي هئي.

عمر 76 سال هوندي بہ لکڻ جي اُمنگہ جي اُڇل ۽ جنبش قوه جـ
آهي. قوي اُميد اٿم تہ ''ساهتيہ ساگر'' مضمونن جو مجموعو ادبي
پسند پوندو. ڪتاب جو خير مقدم ڪندي احترام سان پڙهندا. او
راين ۽ صلاحن لاءِ انتظار اٿم جيڪي مون کي فيضياب ڪندا ۽ بس

ڪشن ''رنجايل'' جو اڳتي ۽ اڳتي قدم

اڻلوڪين رچنائن جا اڻ اڻ ڇپيا ڪتاب : (1) ''معصوم مـ
ساهتيہ تي (2) ''ڪشن ويو ڪُسجي'' (آتم ڪٿا) (3) ''ٻاراڻي محـ
ريڊيو اِسڪرپٽس جو مجموعو (5) ساهتيڪ پيپر ۽ مقالا (6) ''ڪڻ
ٻڻي ڪِرڻ'' شعر (7) ''چمڪ چلو'' ڪهاڻين جو مجموعو (8) سنڌ
اُپاسڪ سداحيات اي. جي. اُتم جي خطن جو سنگره. اٽڪل ٻين
ڪتابن لاءِ ذخيرو محفوظ. **اڻ ڇپيل ڪتاب :**

(1) ''سجاتا'' ناول (1964) (2) ''ساهتيہ سريتا''-ساهتيڪ مضمون
(3) ''ڪرٽا ڄڻ مشڪڻ لڳا'' ڪهاڻيون (1993) (4) ''ٻانوري ٻاک''
(1993) (5) ''وڻ ۾ منهنجو ساهہ'' لوڪ ڪٿائون (1995) (6) ''پل
تنوار''-شعر (1997) (7) ''ذات جا ڏيئا''-شعر (2002) (8) ''رنجا
غزل ۽...''- شعر (2008) - **ڪشن خوبچنداڻي ''رنـ**

صفحہ 75 کان 88 تائين اديبن جا رايا :

هيرو شيوڪاڻي، تيج قابل، ڪيمن موٽلاڻي، اندرلال سوماڻي، لڇمڻ خوبـ
ديال آشا، ڄيٺانند پرمانانداڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڀڳوان نردوش،
شهدادپوري، موهن اُداسي، ڪمل پياسي، واسديو موهي، ڪملا گوڪلاڻي
تنواڻي، شيام سچانداڻي، وليرام ڪشناڻي، موتيلال جوتواڻي.

صاحب مئنيجنگ ايڊيٽر هو. هن مخزن سنڌي ادب جي مڙني شاخن کي چڱي اوچ ڏني. سنڌي نثر ۾ مشهور ڪتاب لکي نثر ۾ نئين عبارت آندائين. ”چوٿ جو چنڊ“ ناول جو پهريون ڇاپو 1905 ۾ ڇپيو هو. ٻيون ڇاپو 1947 ۾ پارت جيون ساهت منڊل ڇپايو هو. جنهن ۾ هن صاحب ناول کي سنواريو هو. هن جو ٻيو ناول هو ”ڪشنيءَ جو ڪشٽ.“

سنڌي آکاڻيءَ جو ٻيو دور لعلچند امرڏنيمل جي برپا ڪيل ”سنڌي ساهتيه سوسائٽي“ جي ماهوار رسالن سان 1914ع ۾ شروع ٿيو. هي رسالو سنڌي آکاڻيءَ جي اوسر ۾ هڪ اهم اضافو هو. هي رسالو ان سال شروع ٿيو، جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي هئي. هن رسالي جي شروعاتي آکاڻي هئي. لعلچند امرڏنيمل جي ”شاهوڪار هر مکيءَ جا“ (1914) هيءَ هڪ تاريخي ڪوجنا واري آکاڻي هئي. هن جون ٻيون آکاڻيون هيون ”نوورنيءَ جو خون“ (1923)، ”ننڍڙي نئنا“ (1946). هن جي سيرتنگاريءَ واري آکاڻي آهي ”مون به سنگتيءَ ۾ ڪي ته ڏٺو هو“ هيءَ آکاڻي 1947ع ۾ ڇپي جا اصطلاحن سان ڀَٽيل عبارت ۾ لکيل آهي. هن جي ٻي مشهور آکاڻي آهي ”دکن ڏٺي زندگي“ (1925).

هن ڪي ريکا چتر ۽ جيون چرتر به لکيا. ڪيترا ئي ننڍا ناٽڪ، ڪلائينڊز توڙي گنڀير نوع ۾ لکيائين، مثلا ”سيٺ ڪين ويٺ“ (1906)، پارت جاول، اُت اُتي جاڳ (1919) هي ناٽڪ آزاديءَ تي لکيل هو ۽ نيو هاءِ اِسڪول ۾ ڪراچيءَ واري جلسي ۾ اِسٽيج تي آيو.

اسٽيج تي آڻڻ جي لحاظ کان ڏسبو ته لعلچند صاحب جو ”عمر مارئي“ برابر پهريون لوڪ ناٽڪ هو جو حيدرآباد رابيندرنات ڪلب وارن 1925ع ۾ بيحد ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو هو. هي ناٽڪ 10-12 دفعا اسٽيج تي آيو. اهڙي فتحيابي ڪنهن به سنڌي ناٽڪ حاصل نه ڪئي هئي. آکاڻي ناٽڪ ۾ آڻي لعلچند ساهت جي عمدي شيوا ڪئي. ان ۾ شاه جون ڪافيون ۽ ڏوهيڙا به ڪم آندائين. هن صاحب ”سهڻي ميهار“ جنوري (1941) ناٽڪ به لکيو، پر اثر جمائي نه سگهيو. هن صاحب ٻيا به ناٽڪ لکيا. مضمون نويسيءَ جي خيال کان هن صاحب جو ”ڦلن مٺ“ (1927) پرمانند ميوارام جي ”گل ڦل“ کانپوءِ ٻيو نمبر عاليشان مضمونن جو مجموعو آهي. هن ڪتاب کي

نامڪئيو نثر نويس

لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي

ر ٻوليءَ کي پنھنجو ساھتيہ آھي. ساھتيہ ديش ۽ قوم جي آتما آھي.
يہ اِنساني سماج جو آئينو آھي. ساھتيہ جا ٻہ پھلو آھن نظم ۽ نثر. ٻئي
زندگيءَ جو چٽر چٽين ٿا، نظم ڪلپنا جي ذريعي زندگيءَ کي پيش
ي ٿو. نثر دماغ وسيلي جيوت جي رھنمائي ڪري ٿو. ساھتيڪار سماج
رھنمائي ڪري ٿو.

روفيسر لعلچند امرڏنومل سنڌيءَ جو بزرگ ساھتيڪار ٿي گذريو آھي.
س جنم 25 جنوري 1885ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. نامڪئين نثر نويسن
ھڪ ھو. سنڌي نثر جو ٻھريون ۽ مکيہ پيلپائو ديوان ڪوڙومل چندنمل
ي ھو. سنڌي نثر جو آڳاٽو اُستاد منشي اُڌارام ٿانورداس ڪونيو ويندو
''سورٺ راءِ ڏياچ'' سنڌي نثر ۾ ھن جي ٻھرين آڪاڻي ڇٺي وڃي ٿي.
جا ٻھريان ٿي ٿنيا ڪوڙومل چندنمل کلناڻي، مرزا قليچ بيگہ ۽ پرمانند
ام ھئا. ٻيءَ قطار آھن : ڀيرومل مھرچند آڏواڻي، ھوتچند گربخشاڻي،
ل پرسرام لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي. نثر جي ان ٻئي دؤر ۾ لعلچند
مل جو اعليٰ اِستان مڃيو وڃي ٿو نہ صرف نثر پر نظم ۾ بہ ماھر ھو.
ي ساھتيہ ۾ اٽڪل ٽيھارو ڪتابن جو اضافو آڻي جوڳو وڙ ڪيائين. ھن
لم ۾ پارس جو ڪيميائي اثر ھو. جنھن پتل کي سون ٿي بڻايو. انوکي
جو مالڪ ھو. ان دؤر ۾ سنڌي نثر وڌي ويجھي ڦوھہ جوان ٿيو. ويھين
يءَ جا ٻھريان پنجاھہ سال سنڌي ادب کي اؤج تي رسايائين.

س. اين. ڊي. ٽي. وومينس يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ھو.
ي ساھتيہ جي مرڪزي صلاحڪار بورڊ جي ڀاران جيڪا سنڌي لغت سنڌ
ر پئي ٿي، تنھن ۾ ھن صاحب چڱو ڀھرو ورتو ھو. سنڌ ۾ آخرين مخزن
انڻ'' 1946ع ۾ سنڌ سرڪار جي برپا ڪيل ''سنڌي ادب لاءِ مرڪزي
ڪار بورڊ'' جي سھاري ھيٺ نڪتي جنھن جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ھي

(1920)، سچ تان صدقي (1940)، پريم جو ٻل (1953)، لڳ ننڍو جيءَ گهڻو (1954). هن صاحب نظماڻا نثر ٻہ لکيا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي ڪتاب 'سنڌي نثر جي تاريخ' جو بنياد هن صاحب جي سڳورن هٿن سان وڌو ويو.

هن صاحب جهڙي پڪي، پختي، اجاين عربي، فارسي ۽ سنسڪرت لفظن کان آجي سنڌي لکندڙ ڪو ڇڏو ليندو. هن جي عبارت تي هنجي شخصيت جي ڇاپ لڳل آهي. هنجي ڀاشا اصطلاحي، نيٺ سنڌي، وڻندڙ ۽ رس ڀري آهي. جملن جي بناوت موزون ۽ دلپذير آهي. هنجي لکڻيءَ تي شاہ صاحب جي ٻوليءَ جو اثر آهي. سنڌ جي سنسڪرتي ۽ پرمپرا لاءِ هن کي اَتي صدق هو. ذات پات ۽ مذهبن جي ڀيدن کان آجو هو. ساهتيہ جي هر صنف تي لکيائين. اهڙو لاثاني لعل، بزرگ ۽ برک ساهتيڪار سنڌي ساهتيہ جي پوئين گهڙيءَ تائين شيوا ڪندي 18 اپريل 1954ع تي بمبئيءَ ۾ سرڳواس ٿيو. هنجي سرڳواس ٿيڻ سان سنڌي نثر جو ڪلاسيڪل دؤر ختم ٿيو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ بدلاوَ

ٻوليءَ جي ماهرن، دنيا جي سڀني ٻولين کي، الڳ الڳ ڪُٽنبن ۾ ورهايو آهي. دنيا جي ٻولين جا جيڪي ڪُٽُنب آهن اُنهن مان هڪ ڪٽنب ''ڀارت- يورپين ڪُٽُنب'' Indo-European آهي. ڀاشا شاسترين ثابت ڪيو آهي، تہ يورپ ۽ ايشيا جون گهڻيون ٻوليون، سنسڪرت، گريڪ، لئٽن، فارسي، گاٿڪ، روسي، جرمن، انگريزي، هندي ۽ سنڌي وغيرہ هڪ ئي ''ڀارت يورپين ڪٽنب'' جون ٻوليون آهن. عيسوي سنہ کان ٽي چار هزار ورهيہ اڳ جو اِهو ڪُٽُنب ڇيو وڃي ٿو.

اِن ڪٽنب جون اٺ شاخون آهن. انهن سڀني شاخن سان، اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو جڳري ناتو، سنسڪرت جي ڪري آهي. هڪ شاخ ''ڀارت ايراني'' شاخ آهي. ڀارتيہ آريہ ڀاشا جي پراچينتا مان، معلوم ٿئي ٿو تہ، اِن شاخ جو سنبنڌ، هندن جي پراچين ۾ پراچين گرنٿ ''رگ ويد'' سان آهي. ڇيو وڃي ٿو تہ اِهو گرنٿ عيسوي سنہ کان 2000 سال اڳ مها سنڌ جي ماٿريءَ ۾ لکيو

ن شخصي (سبجيڪٽو) مضمونن جو مجموعو آهي. هن ۾ مائيدار محاورا
جهيل آهن.
ن جا پيا مشهور مضمون آهن : مسافريءَ جو مزو ۽ سير جو رنگ (1915)،
(1920)، جت ڪير (1920)، سنڌي ٻوليءَ سان انڌير (1925) حقيقت
ي ڪان وچتر (جنوري 1942)، سنڌي اخبار نويسيءَ جي تاريخ (1946)
آهن (مي 1945).
و عالم جنهن سنڌي تنقيد کي سڌريل، ترتيب واريءَ ڪڙيءَ تي آندو
لعلچند امرڏنومل جنهن ساهت جي ٻين شاخن ۾ به بنيادي ڪم ڪيو.
جي ميدان ۾، ''شاهاڻو شاهه'' سندس برپا ڪيل 'سنڌي ساهتيه سوسائٽي'
191 ۾ ڇپايل پهريون رسالو هو. جڏهن پاڻ پنجويهن سالن جو هو. هن
ب پڙهڻ مان پهريون دفعو مغربي تنقيد جي طريقي جو خيال پئي آيو.
خواه عبارت جي لحاظ کان تور تڪ ڪيل هئي. هي ڪتاب اڻلڀ هو.
ڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر-3 وارن 1985 ۾ ٻيو ڇاپو ڇپايو. شاهه
اه جي شعر تي تنقيدي ويچار ڏيئي سنڌي جديد تنقيد جو بنياد وڌائين.
جي سلسلي ۾ هن جون ٻيون رچنائون آهن: سرڪيڏارو (1910)، سر
ـ (1910)، سونهارو سچل (1914)، بيرنگي باغ جو گل سنڌي (1920)،
ن ڪلياڻ (1924)، جيون ماڙ يا سر ڏهر (1956). ٻال ساهتيه تي به هن
ون ۽ گيت لکيا. 1925 ۾ 'هندستان جي تواريخ' ڀاڱو 1-2 ڇپايائين.
ن جا ترجما به قابل ذڪر آهن. سدا گلاب نالي سان ٽئگور جي گارڊنر
جوانيءَ جي نفيس اُمنگن ڀريل گيتن جو ترجمو پنهنجي اصطلاحي نثر ۾
ئين. جن جي اوٽ تي ڪي پنهنجا جذباتي ٽڪرا به ملائي ڇڏيائين.
ارتواسي' 10 آڪٽوبر 1925 ۾ چينمل پرسرام لعلچند امرڏنيمل جي
ورنيون دليون' تي هن ريت آلوچنا ڪئي. ''هيءُ ڪتاب يورپ جي
مشهور ناولن مان هڪڙو آهي. نالو اٿس 'هارٽس آف گولڊ' مسٽر لعلچند
نيمل اهو ڪتاب سنڌي ۾ آندو آهي. ڪتاب جي جهڙي سنڌي آهي
سولي ۽ سلوٽي، تهڙي آڪاٽي آهي دل ڀڄائيندڙ ۽ اُتم آدرش ڏيکاريندڙ.
تماٽي نينگر ڪامڪ پيار کي ڇڏي سچي پچي قرباني تي ڪري. هرهڪ
نينگرين کي هيءُ ڪتاب پڙهڻ گهرجي. هن جا پيا ترجما آهن لچاوتي

ساهت جي اثر هيٺ آهي. ملڪ جي آزاديءَ بعد، سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس سنڌ ۾ ۽ ڀارت ۾ ڀن الڳ ڊسائن ۾ ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي اردوءَ جي اثر هيٺ جڻ تہ دٻجي ويئي آهي ۽ اردوءَ ذريعي اِها عربي-فارسي لفظن ۾ ادبي روايتن کي زور شور سان اَپنائي رهي آهي. ٻئي طرف، ڀارت ۾ سنڌي ٻولي مکيہ طور هنديءَ جي اثر هيٺ ڪيترن ئي هندي لفظن ۽ محاورن کي جذب ڪندي ٻيئي وڃي. هنديءَ ذريعي چڱي تعداد ۾ سنسڪرت لفظ، تتسم روپ ۾ وري نئين سر، سنڌيءَ ۾ واهپي ۾ اچي رهيا آهن. سنڌ ۽ ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ فرق ڏينهون ڏينهن ايترو قدر وڌندو پيو وڃي جو ڪيترين حالتن ۾ هڪ ٻئي جي رچنائن کي سمجهڻ مشڪل ٿيو پوي. ٻنهي ملڪن جي ماحول مطابق، سنڌ ۽ ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ اِهو ويڇو ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي. هڪ ڀارتي سنڌي لهجو ۽ ٻيو پاڪستاني سنڌي لهجو.

نئين ٽهيءَ جا سنڌي ٻار، جيڪي سنڌي ماڌيم سان تعليم نٿا پرائين يا اِسڪولي پانيڪرم ۾، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس نہ ٿا ڪن. اهڙن هنڌن تي رهن ٿا، جتي ڪين سنڌي ماحول ميسر نہ آهي، مائٽ بہ ساڻن، سنڌيءَ ۾ نہ ٿا ڳالهائين، اُنهن جي ٻوليءَ ۾ گهڻو بدلاءُ اچي ويو آهي. اِهي ٻار نج سنڌي آواز نٿا ڪري سگهن؛ اُهي آواز آهن- ڳ، ڄ، ڏ، ٻ. ڪن جو تہ لهجو ئي اَهڙو هوندو آهي جڻ اِهي سنڌي ٻار غيرسنڌي آهن.

سنڌ جي سيينا جا ڪي لفظ گم آهن مثال : لوڙهہ، ٻوراٽي، ڀٽي، گيدوڙا، پکي، ڏؤنئرا وغيره وغيره.

سنڌي ٻوليءَ جدا جدا ٻولين جا ڪيترا لفظ اپنائڻ شروع ڪيا آهن- اِدلي، سانبر، ڍوسو، شريکنڊ، کمڻ، ڍوڪلا وغيره لفظ سنڌيءَ جو حصو بڻجي چڪا آهن. هندي ۽ اردو محاورا بہ سنڌيءَ ۾ ڪتب آندا ويندا آهن- مسڪا پالش ڪرڻ، مکڻ لڳائڻ، چمچو هئڻ وغيره. اڪثر ڪن سنڌي لفظن جي جنس ۽ عدد کي هندي لفظن وانگر ڪتب آڻيندا آهن مثال طور- ڪتابون، غزلون، دوڪانون.

ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ جي اُپڀاشائن جو فرق ڏينهون ڏينهن ختم ٿيندو پيو وڃي مثال طور- زالان جي بدران زالون، جهنگهان جي بدران جنگهون، چيم بدران مون چيو وغيره. ٻول چال جي سنڌيءَ تي گجراتي ڀاشا جي اثر

ويو. رگ ويد ۾ انيڪ لفظ آهن جن سان سپت سنڌ واسي آرين جي وڏن جو سنبنڌ ڏورانهن ملڪن سان هو.

اهڙي ئي سنڌي ڀاشا، جيڪا اِندو-آريائي ڀاشائن ۾، هڪ اهميت ڀري ادبي ٻولي آهي؛ اها ڀارت جي ورهاڱي بعد، هڪ انوکي حالت ۾، پهچي ويئي آهي، بدلاءُ اچي ويو آهي. اُهي علائقا، جتي سنڌي ڳالهائيندڙ رهن ٿا، انهن جي چئني طرف، ٻيون آريه-ڀاشائون ۽ دراوڙي ڀاشائون ڳالهائيندڙ، نظر اچن ٿا؛ اِنهيءَ ڪري سنڌين ۽ ٻين ٻولين ڳالهائيندڙن وچ ۾ اهڙي قسم جو وڏيڪ گهرو رد-عمل پيدا ٿيو آهي، جيڪو عام رواجي اوسر وارين حالتن ۾ ٿيڻ مُمڪن نه هو. هِن وقت سنڌي ڳالهائيندڙ مکيه طور ڀارت ۾ گجرات، مهاراشٽر، راجستان، مڌيه پرديش، اُتر پرديس ۽ دهليءَ ۾ رهن ٿا.

ڀارت ۾ اهڙين حالتن ۾، سنڌي ٻوليءَ تي ٻين پرانتڪ ۽ ٻين الڳه الڳه ٻولين جو اثر پيو آهي اِنهيءَ سببان، سنڌي ٻوليءَ ۾ تبديل آئي آهي. اِن جو دائرو تمام محدود آهي. وري جدا جدا پيڙهين تي، الڳه الڳه اثر پيو آهي.

آوازي توڙي وياڪرڻي سرشتي ۾ به ٿورو گهڻو ڦيرو ايندو رهيو آهي. سنه 712ع ۾ جڏهن سنڌ، عربن فتح ڪئي ته سنڌي ٻولي، عربيءَ جي اثر هيٺ آئي. سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾، عربيءَ جون ڌونيون داخل ٿيون. مثال طور، عربيءَ جو- ف، ز، خ، غ، ق ڌونيون سنڌي ڀاشا اپنايون.

سومرن-سمن جي حڪومت واري دؤر کان وٺي، ميرن جي حڪومت جي آخر تائين، سنڌي ٻولي توڙي ادب تي، فارسي زبان جو نهايت گهڻو اثر پيو. ڪيترا ئي فارسي لفظ، سنڌي ٻوليءَ ۾ سڀاويڪ طور داخل ٿي ويا. اُهي اڄا تائين اسان جي ٻوليءَ جو اهم حصو آهن. انهن کان سواءِ ديوان غزل، قصيده، رباعيون، سي حرفيون ۽ فارسي شاعريءَ جون ادبي روايتون سنڌيءَ گهڻي چوچ سان اپنايون، جيڪي اڄ تائين سنڌي شعر ۾ قائم آهن.

انگريزن جي حڪومت واري دؤر ۾ يعني سنه 1843ع کان وٺي، سنه 1947ع تائين، سنڌي ٻوليءَ توڙي ساهتيه تي انگريزي ٻوليءَ ۽ مغربي ساهتيه جو گهڻو اثر ٿيو آهي. چڱي تعداد ۾ انگريزي لفظ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪتب پيا اچن. سنڌي نثر جو وڪاس به گهڻي قدر انگريزي ۽ ٻين مغربي ٻولين جي

علم عروض جي فن ۾ ماهر هو. تعليم جي لحاظ کان هن ٻٽي ڊاڪٽوريٽ ڊگري حاصل ڪئي.

هن جو جنم 22 آڪٽوبر 1913ع ۾ شهدادپور شهر، ضلع نوابشاهه سنڌ ۾ ٿيو. خادم صاحب ننڍپڻ ۾ ئي تيزفهم شاگرد هو. پنجين ۽ ڇهين درجي ۾ ئي هن تيز فهميءَ جو ثبوت ڏنو ۽ ساڌو نولراءِ ۽ ساڌو هيرانند تي رکيل مضمون چٽاڀيٽيءَ ۾ سڄي اِسڪول ۾ پهريون نمبر آيو. اِنعام ڏيڻ وقت اِسڪول جي مئنيجر کيس شاباس ڏيڻ سان گڏوگڏ آشيرواد ڏيندي چيو هو، ''شال! تون هنن اعليٰ شاعرن وانگر پنهنجو نالو ڪڍين.'' ۽ اِها دعا هن ٻالڪ کي اهڙي لڳي جو هوُ واقعي ساهتيڪ کيتر ۾ مقبول ۽ پڪو پختو شاعر بڻيو.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ شعر و شاعريءَ ۾ سنڌي عالم ۽ اعليٰ شاعر شري ليکراج عزيز جي رهبري حاصل ٿيس. حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪندي عزيز صاحب جي گهر اڪثر سندس وڃڻ ٿيندو هو. موزون شاعريءَ جي ڄاڻ حاصل ٿيندي ويو شعر و شاعريءَ ۾ قابل ٿيندو. ڪاليج جي پهرئين سال ۾ خادم صاحب گرو گوبند سنگهه جي جيون تي ڪوتا لکي جنهن تي کيس پهريون نمبر عطا ٿيو. حيدرآباد جي ادبي سوسائٽيءَ جي مشاعرن ۾ بہ بهرو وٺندو رهيو ۽ اهڙن موقعن تي هن جي واقفيت برک شاعرن ڊاڪٽر دائود پوٽي، پرسرام ''ضيا'' ۽ ٻين انيڪ شاعرن سان ٿي جن مان کيس ڪافي فيض رسيو. خادم صاحب اڃا بي.اي. ۾ پڙهندو هو تہ سندس ''شاهہ'' تي جوڙيل رباعيون بمبئي يونيورسٽيءَ جي مئٽرڪ جي درسي ڪتاب ''گلزار-خيال'' ۾ شايع ٿيون. سنڌ ۾ ايم. اي. پاس ڪرڻ کانپوءِ 1938ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ فارسي وڀاڳہ جو پرمکہ ٿي رهيو. ورهاڱي بعد دهليءَ جي ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيو. خادم صاحب مهاودوان هو، خاص ڪري فارسي، سنڌي ۽ انگريزي ڀاشائن جو ماهر هو. 43 سالن جي عمر ۾ 1956 ۾ 84 هندو ۽ مسلم شاعرن تي کوجنائمڪ ڪاريہ تي هن ڪتاب لکيو The persian poets of sindh. ان بعد هن صاحب ڊاڪٽر سڏائڻ جو شرف حاصل ڪيو ۽ 1976 ۾ ''پارسي گويان هندو سنڌ'' ڪتاب ڇپيل. Indian poetry today بہ هن جو ڪتاب 1979 ۾ شايع ٿيو. ڪجهہ وقت آڪاشوائي دهليءَ ۾ فارسيءَ جو سپروائيزر هو. ساهت اڪادميءَ جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جو 1968 کان 1977 تائين ڪنوينر

جا ڪجهه مثال پيش ڪندس.

1- واندو ناهي = پولو نہ آهي، پرواهہ نہ آهي.

2- رَجا = موڪل. راجي نامو = استعفا. ڊورجي ويو = چلڪي ويو. ڪيڙوت = ڪسان، ڪڙمي. چوڪس = ضرور. گامڙو = ڳوٺ.

گجرات ۾ جدا جدا وشين جا سنڌيءَ ۾ جيڪي درسي ڪتاب تيار ڪيا ويا آهن، انهن ۾ پڻ ڪيترا ئي گجراتي ٽيڪنيڪي لفظ جئن جو تئن استعمال ڪيا ويا آهن جو صحيح پيو لڳي. ٻولين جي پاڙ ۾ ڏي-وٺ تہ آهي ئي آهي. انگريزي لفظ بہ چڱي قدر استعمال ڪيا پيا وڃن. جئن تہ : ائڪٽنگہ، آڊيٽوريوم، اِنوائيٽ ڪرڻ، وِش ڪرڻ، پوزيشن، ڊائلاگہ، سِرِ اَپ ڪندي، ٿِراءِ ڪندي، مَئنرسِ وغيره وغيره.

سيني مکيہ ٻولين مان ساهتيڪ هنديءَ جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي وڌيڪ ٿيو آهي. ڪيترا ئي هندي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ جذب ٿيندا پئي رهيا آهن جيئن تہ : سنبوڌن، ادرشيہ، اپنيہ، پرشٽ ڪرڻ، لڙکڙائڻ، نئتڪتا وغيره وغيره. انگريزي ۽ هندي لفظن جي اڻ وٽندڙ اجائي ٺنب ٺنب بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي - مثال - اپاس، سنگتي، آگهات، منچيڪرڻ. مطلب ٻوليءَ جو روپ بدلبو رهي ٿو. اِهو ياد رهي تہ جيڪا عربي آئيوپتا ڪم اچي ٿي اُها 1853ع ۾ ٺهي. سنڌي ٻولي زنده باد.

هرومل سدارنگاڻي 'خادم'

هر ٻوليءَ کي پنهنجو ساهتيہ آهي. ساهتيہ ديش ۽ قوم جي آتما آهي. ساهتيہ اِنساني سماج جو آئينو آهي. ساهتيہ جا بہ پهلو آهن نظم ۽ نثر. ٻئي پهلو زندگيءَ جو چٽر چٽين ٿا. نظم ڪلپنا جي ذريعي زندگيءَ کي پيش ڪري ٿو، نثر دماغ وسيلي جيوت جي رهنمائي ڪري ٿو. ساهتيڪارُ سماج جو رهبر آهي.

هرومل اِيسرداس سدارنگاڻي ''خادم'' سنڌي ساهتيڪارن ۾ سڀ کان اعليٰ تعليمدان، اوچ ڪوٽيءَ جو شاعر، مايہ ناز مضموننگار ۽ ڪهاڻيڪار هو.

ڳل ڪي بہ سڳنڌ جي ڪري تا ٽوڙين،
ڳڻ ئي تو تئي ڳٽوان جي ليءِ دکہ جو ڪارڻ،
تا لات سبب ڀڪيءَ لاءِ ڀڃرو جوڙين.

رباعي خادم جي دلپسند صنف آهي. رباعيون لکڻ ۾ جيڪڏهن سيني شاعرن کان وڌيڪ ڪنهن پاڻ موکيو آهي تہ اُهو ڀهريون نمبر شاعر آهي خادم صاحب. هن جون رباعيون : ’روح ڏنو ريلو‘ ۽ ’خوشبوءِ جو سفر‘ مجموعن ۾ شايع ٿيل آهن.

فارسي ۽ عربي ڀاشا جو ودوان هئڻ ڪري مٿس ’عمر خيام‘ جي رباعين، روميءَ جي مثنوي، حافظ ۽ امير خُسروءَ جي غزلن ۽ اقبال جي شاعريءَ جو مٿس گهرو اثر ٿيو تہ بہ سندس شاعريءَ ۾ پنهنجو نج مفهوم ۽ سنڌي لحظو قائم رهيو. انگريزيءَ ۾ وردس ورٿ جي ادب جو شائق رهيو.

خادم جي تنقيدي مضمونن جو ڪتاب ’ڪکہ ۽ ڪانا‘ (1966) جي اِشاعت کان پوءِ مضمون‌نگار طور ادبي حلقن ۾ مانُ ۽ مرتبي جو مالڪ بڻيو. هن ڪي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا آهن - بابرنامو، گرو گوبندسنگھہ، اُمراو جان ادا. سنڌيءَ کانسواءِ اردو، پارسي ۽ انگريزيءَ ۾ بہ هن صاحب ڪتاب لکيا.

سدارنگاڻيءَ روايتي شاعريءَ ۾ رباعين کانسواءِ غزل ۾ ڪجھہ نظمون بہ لکيون آهن. ”پرہ جي باک“ مجموعي ۾ مختلف موضوعن تي آزاد نظم ذريعي شعر پيش ڪيل آهن. اِن تصنيف تي کيس يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن پاران 1981 ۾ اِنعام بہ مليو جيڪو اصلوڪي معياري تخليق تي ڏنو ويندو آهي.

”پرہ جي باک“ ۽ اُن بعد جنهن ڪتاب جي ساهت جڳت خوب آجيان ڪئي اُهو آزاد نظمن جو مجموعو آهي ”چيخ“ جنهن تي کيس مرڪزي ساهت اڪاڊميءَ جو اِنعام عطا ٿيو. خادم صاحب پنهنجي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏنو. احساسات سان گڏ نئين عبارت پڻ پيش ڪيائين. شهري زندگيءَ جي پيچ پچان ۽ ڏم ڀڄاڙ جو حقيقي چتر چٽيو ويو آهي. ساهت جي پارکن جي نظر ۾ ”چيخ“ پوريءَ طرح ڪامياب ڪونہ ٿي سگهيو آهي. بر کہ شاعر هري دلگير لکيو آهي، ”سندس بي‌قافيہ نظمن ۾ اُن منيءَ جي مهڪ ڪانہ آهي جنهن منيءَ جو خادم سچ پچ نهيل آهي.“

تي رهيو. ڀارت سرڪار جي هندي ڊئريڪٽوريٽ جي سنڌي وڀاڳ جو چيئرمن هو. ”چيخ“ ڪتاب تي 1978 ۾ مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ طرفان خادم صاحب کي اِنعام عطا ٿيو.

ورهاڱي کان اڳ سنڌ سرڪار جي سنڌي ساهتيه ڪنٽرول جي مرڪزي صلاحڪار بورڊ جو 8 سالن لاءِ ”مهراڻ“ فارسي رسالي جي سمپادڪي منڊل خواه ايس.اين. ڊي. ٽي. يونيورسٽي، بمبئيءَ جي بورڊ آف اِسٽڊيز اِن سنڌيءَ جو ميمبر ٿي رهيو. خادم صاحب پهريون سنڌي ساهتيڪار آهي جنهن ٻئي ڊائريڪٽوريٽ جي ڊگري طهران مان حاصل ڪئي. آل اِنڊيا ريڊيو تان گهڻيئي دفعا رچنائون پيش ٿيس. دهلي، پنجاب، بمبئي ۽ گجرات يونيورسٽين ۾ ڪيترا ئي ڪتاب بي.اي.، ايم. اي. ۾ درسي ڪتابن طور تسليم ٿيل هئس. دهليءَ جي نوجوان سنڌي سڀا جو فائونڊر پريزيڊنٽ هو. هن صاحب ئي ڀارت سرڪار کان وڪاس بورڊ جي خودمختيار روپ ۾ برپا ڪرڻ ۾ عملي قدم کنيو.

ڀومڪي شخصيت جي مالڪ خادم صاحب ساهتيڪار يوگدان جي لحاظ کان سال 60 تائين واه جا سنڌي جاتيءَ جي خدمت ڪئي. هن صاحب جا شعرن جا مجموعا هن ريت آهن : (1) رنگين رباعيون (1959)، (2) روح ڏنو ريلو (1964)، (3) پره جي باک (1972)، (4) چيخ (1977) مرڪزي ساهتيه اڪادمي اِنعام وجيتا ڪتاب، (5) خوشبوءِ جو سفر (1980).

”رنگين رباعيون“ جي شايع ٿيڻ سان ئي ساهت جڳت ۾ خادم صاحب کي مقبوليت ملي ويئي ۽ اِن ڪري ڪيس سنڌين جو ”عمر خيام“ ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. هن مجموعي ۾ سليس ۽ سڪيادائڪ رباعيون ڏنل آهن. خادم فرمائي ٿو:

(1)

ذرو چو سڏايان، مان صحرا آهيان،
قطرو نه چئو، ڪوزي ۾ دريا آهيان،
مجنو ٿي خدا خود ٿو ڦري منهنجي پنيان،
’خادم‘ نه، خداوند جي ليليٰ آهيان.

(2)

ڪستوريءَ سبب هرڻ جو ٿا ڏُن ڦوڙين،

وڻ ٻوٽا اَسانجي جاگير

اسان جي پراچين سنسڪرتيءَ ۾ وڻن جي مهما ڀڳتي پوروڪ ڳائي ويئي آهي. اسان جي شاسترن ۾ ڌرتيءَ کي ماتا ۽ ميگهراجا کي پتا چيو ويو آهي. وڻ اِن ماتا پتا جا پيارا ٻالڪ آهن. انهن ٻارن سان ملڻ ۽ پريم وچان ڪين ڀڃائي ڇڏڻ لاءِ ئي ميگهراجا هيٺ لهندو آهي ۽ اِن صدقي ۽ اسان کي اناج ۽ پاڻيءَ جهڙا جيون ضرور تتوَ مليا آهن. ڪيتر ۽ نديون آباد ٿين ٿيون.

پرماتما جنهن سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي، اُها اَتي سندر ۽ مڪمل آهي. جهڙيءَ طرح ''ساهوارا'' سرشٽيءَ جو مکيه انگ سمجهيو وڃي ٿو اهڙيءَ طرح وڻ، ٻوٽا ۽ ٻيلا پڻ سرشٽيءَ جو مکيه انگ آهن. وڻ ۽ ونسپتي نه هجي ها ته سرشٽي سندر نه هجي ها. سرشٽيءَ جو وڪاس وڻن ۽ ونسپتيءَ سان ٿيو. ساهوارا ته ڪروڙن سالن ڪانپوءِ پيدا ٿيا. رشي مُني تپسيا وڻ جي هيٺان ڪندا آهن. گوتم ٻڌ کي پرڪاش وڻ جي هيٺان ئي مليو. اِنسان جنم وٺندي ئي وڻن جو سهارو ورتو. آدي مانوَ وڻن جا منا ۽ تازا ڦل کائي پنهنجو پيٽ پاليو. اُس جي تيز تپت ۾ وڻن جي هيٺان ڪٽنب سميت آرام ڪيو. وڻن جون ڪاٺيون ٽوڙي هٿيارن جو ڪم ورتو ۽ اهڙيءَ طرح اڄ جي هن يُگ ۾ به وڻن مان انيڪ فائدا حاصل ڪيا پيا وڃن. اڄ اُهو ڪو گهر ڪونهي جو وڻ جي وستو لڪڙي وغيره نه هجي. وگيانين جي راءِ موجب اِهو چيو پيو وڃي ته جيڪڏهن وڻ ٻوٽا نه هجن ها ته ڪوبه ساهوارو زنده رهي نه سگهي ها.

پر اڙي! اسان تي ميگهراجا جي پيارن ٻالڪن يعني اِنهن وڻن جو خون ڪري رهيا آهيون ۽ ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تان انهن جي هستي ختم ڪري رهيا آهيون! پوءِ ڪنهن تي پيار وسائڻ لاءِ ميگهراجا اچي؟ سندس ٻارن جي خونيءَ تي پيار وسائڻ ڪنهن کي وڻندو سهين؟ ڌرتي به ڇو پوءِ اناج ڏئي جيڪڏهن سندس ڇاتيءَ تان وڻ ڪٽيا وڃن؟ اِن سبب ئي ڏڪار ٿيندا ٿا رهن، نه؟

تنهن ڪري اڄو ته وڻ پوکي ميگهراجا کي ريجهايون. ڌرتيءَ کي به خوش ڪريون. ڪنهن جي ٻار کي خون ڪري ان ٻار جي ماءُ پيءُ کي ڪير ريجهائي سگهندو؟ تنهن ڪري اسان پراشچت ڪريون ته وڻ ڪٽڻ نه ڏيون. اسين خون نه ٿا ڪريون ته خون ٿيندي ڏسون ته ٿا. سنو پراشچت اِهو آهي ته پرتگيا

هن جي ڪتابن جا مختلف موضوعون آهن - سنڌي جاتيءَ جي ڪمزورين
جي اوگهڙ - وطن پرستي - پرشٽاچار تي طنز - سماجڪ گراوٽ - ٻچڙين عادتن
تي ڦتڪار - اڄ جي سياسي اڳوانن تي ٽوڪزني - اِنساني اُمنگن جو اظهار
زندگيءَ جا مونجهارا - زندگيءَ جا آزمودا - روحاني راز سلڻ - نصيحت آميز
نُڪتا - عوام جي مفلسيءَ جو ڪيس تاءُ - فلسفاڻا خيال.

شعر و شاعريءَ ۾ سنڌي عالم ۾ اعليٰ شاعر شري ليکراج ''عزيز'' جي
سونهپ تہ حاصل ٿيس پر سائين وقت شاه، سچل، ساميءَ جهڙن اعليٰ صوفي
مت جي شاعرن جي شعر جو مطالع ڪرڻ سان هن کي ڪافي فيض رسيو.

هن جي لکڻيءَ جون مکيہ خوبيون آهن : رنگين زباني، ٻوليءَ جو فنائتو
ڍنگ - خيال جي بندش - فن ۽ فڪر عيان - خاص النڪار : تمثيل استعارو
تشبيہ، عبارت پڪي پختي بنا نقص جي موضوع لفظن جي لاثاني چونڊ
خيالن جي خوبصورتي - رواني.

خادم صاحب روايتي شاعريءَ جو برک شاعر ۽ علم عروض جي فن ۾ ماهر
هو پر جيڪڏهن فارسي لفظن جو اِستعمال خادم پنهنجي شعر و شاعريءَ ۾
گهٽ ڪري ها تہ اعليٰ درجي جي شاعر سان گڏ هو عوام جو شاعر ٿيڻ جو
شرف حاصل ڪري ها.

آخر تائين ٻال برهمچاري رهي، ليکراج عزيز ۽ تيرٿ بسنت سان
برميچجڻ جو شرف حاصل ڪيائين. سمورو عرصو دهليءَ ۾ رهيو.

مهاودوان، قابل تعليمدان ۽ عظيم اديب هوندي بہ سياءَ جو سادو ۽ نيا
نئڙت جو مُجسم هو. 7-12-1992 تي سنڌي ساهتڪ ۽ تعليمي کيتر جو هڪ
انمول رتن سنڌي جاتيءَ وڃايو جنهن ساهتيڪ جڳت کي ڌوڏي ڇڏيو. 992
وارو سال سنڌي قوم لاءِ بدقسمت سال ثابت ٿيو ڇو جو اِن سال ۾ سنڌي ساهت
جا اعليٰ ساهتيڪار - موهن ڪلپنا، ايشور چندر، اِندر پوچواڻي ۽ آ
درگاپوري وڇڙجي ويا.

ياءُ پڳوان نردوش سچ چيو آهي تہ رباعيءَ جو رنگہ ڇمائي، ساهت ج
جوت کي جڳندو رکي، چيخ سندو ساز وڃائي ڊاڪٽر خادم راه رباني ون
ويو. سندس ادبي خدمتن لاءِ سندس قوم هن صاحب جي هميشہ ٿورائت
رهندي.

رهن ٿا. هيءُ زهري هوائون جيڪڏهن نيڪال نہ ٿين تہ وايومنڊل ۾ زهري هوائن جو پرماڻ خوب وڌي وڃي، آڪسيجن جو پرماڻ هڪدم گهٽجي وڃي ۽ سنسار ۾ رت جو دؤرو ۽ دل جي بيماري، سلهہ جهڙا ڀينڪر روڳ ڏينهون ڏينهن وڌي وڃن. اِهي وڻ زهري هوائن کي کائي ٿا وڃن. اِن ريت وڻن جو اسان تي وڏو اُپڪار آهي.

وڻ ۽ ٻوٽا قدرت جي بخشيش آهي، ايشور جي سوغات آهي، اسان جي جاگير آهي. اونهاري ۾ ٿڌي ڇانوَ ڏين ٿا. هنجا پن ڏڪار وقت جانورن جي کائڻ لاءِ ڪم اچن ٿا. وڻن مان ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون، بانس جون ڪاٺيون، ميوا، گل، گدامڙي، گاهہ، لاکہ، ڪنور، نرم ڪاٺ، چندن جو ڪاٺ، ساڳہ، شيشم ۽ ٻيون انيڪ شيون ملن ٿيون.

وڻن ۾ بہ ساهہ آهي. ٻين ساهوارن وانگر هن کي پڻ آنند ۽ ڏپ جو احساس هوندو تنهن ڪري وڻن جي رکشا ڪريون. رکشا ڪرڻ لاءِ اچو تہ اُپاءَ سوچيون- اهڙا ليکہ لکون. ايس. ٽي. ۽ بسين تي لکون، اِسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پرچار ڪريون. ڪتنب جو هڪ هڪ ڀاتي ”وڻ پوکيو“ کي همٿائي. پوليس جي واهنن تي لکون. پردن تي نعرا لکي جلوسن ۾ ڪڍون. هڪ ساڌو سنت ٻوٽ ٻوٽ ڦري ۽ پنهنجن پوئلڳن کي پريرڻا ڏئي. اهڙا اُتسوَ ملهايا وڃن. منڊل برپا ڪيا وڃن. الڳ الڳ ڌرمن جا وڏا اِن وشيہ تي پنهنجا ويچار پيش ڪن. هرهڪ مندر بہ اِها هلچل هلائي تہ ”وڻن جي رکشا ڪريو ۽ وڻ پوکيو“ هر اخبار ۽ فلم اِن جو پرچار ڪري. هر ماڻهو هر سال هڪ وڻ ضرور پوکي ۽ اِن کي وڌائي ويجهائي. انهن اُپاون وٺڻ سان اُهي وڻ ڪروڙ ٿيندا؛ برسات ايندي، ڏڪار پڇي ويندو.

ڪيترن سالن کان ون مها اُتسوَ دواران وڻ پوکڻ جو ڪم تہ ٿئي ٿو پر انهن جي وڌڻ ويجهڻ جو اهڙو ڌيان نہ ڏنو ويو آهي. جهڙو ڏيڻ گهرجي. اِهو ئي ڪارڻ آهي جو ون مها اُتسو کي گهربل ڪاميابي نہ مِي آهي. ون مهاُتسوَ، لوڪ مهاُتسوَ بڻجي پون اهڙو ڪجهہ ڪريون.

اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ وڻن جو وناش معنيٰ اسانجو وناش. زهري جيوڙن کي پکي ناس ڪن ٿا جي پکي وڻن ۾ ئي رهندا آهن. ڪيس نہ ڪٽيندا سين تہ هيءُ گونگي تپسويءَ وانگر آسيس ڏيندو نہ تہ سراپ ملندو.

ڪريون تہ وڻ پوکيندا سين ۽ وڻن جي رکشا بہ ڪندا سين.

سرڪار وڻن جي اهميت کي بخوبي سمجھيو آهي ۽ هرهند ون مهاُتسوَ جي شڪل ۾ قومي هلچل شروع ڪئي آهي.

ڀارت ديش جي جهنگلن، ٻيلن ۽ وڻن جي بچاءَ ۽ سڌاري جي سلسلي ۾ نهراءُ پاس ڪري سموري ايراضيءَ جي ٽئين حصي ۾ جهنگلن جي وڪاس ۽ وڻ پوکڻ جي يوجنا جي گُهر ڪئي آهي. سرڪار طرفان جهنگلن جي بچاءَ لاءِ جهنگل کاتو کوليل آهي. آبهوا کي ٺيڪ رکڻ لاءِ بہ جهنگلن جو بچاءُ ضروري آهي. قدرت جو سچو مزو ڏسڻو هجيوَ تہ جهنگلن ۾ وڃو. ڦلن ڦولن سان وڻ ڪيڏي نہ راحت ڏيندا آهن. وڻن تي هوندا آهن لات لنوندڙ پکي، آس پاس گهمندڙ ڦرندڙ جانور. پُراڻي زماني ۾ رشين مُنين جا آشرم ۽ ودياليہ جهنگلن ۾ ئي هوندا هئا. راجائون مهاراجائون پنهنجن راجڪمارن کي شهر کان پري انهن وديالين ۾ تعليم لاءِ موڪليندا هئا. پاڻ بہ آخر راڄ وغيره تياڳي جهنگلن ۾ پرويش ڪندا هئا. اُتي ئي ڪٽيا ٺاهي شانتيءَ سان رهندا هئا.

ڀارت جي ڪل زمين جو اٽڪل 23 سيڪڙو زمين ٻيلن سان ڇانيل آهي. ٻيلا، جهنگل، وڻ ۽ ٻوٽا ديش جي سمپتي آهن. بادلن مان برسات کي ڇڪڻ جو ڪشش ڪندڙ جزو وڻن وٽ آهي، جهنگلن کي آهي. وڻن جون پاڙون زمين ۾ اندر اونهيون وڃن ٿيون ۽ ڌرتيءَ مان پاڻي چوسي سڄي وڻ کي پهچائين ٿيون. گهڻي پاڻي هئڻ ڪري وڻن جا پن پنهنجن باريڪن سوراخن وسيلي بخار جي صورت ۾ هوا ۾ ڇڏين ٿا. اِن بخار جي ڪري هوا گهميل رهي ٿي پوءِ مٽي وچي وڏيڪ ٿڌي ٿي مينهن وسائي ٿي. برسات جي ڪري سج جي تابش پڻ گهٽجي ٿي. اونهاري جي هڪ ڏينهن جي گرميءَ ڪري ايترو تہ پاڻي وڻن مان بخار ٿي نڪري ٿو جيترو هڪ اِنچ مينهن پوڻ سان.

جن هنڌن تي ٻيلا آهن، اُتي گرمي پد گهٽ رهي ٿو ڇاڪاڻ تہ ٻيلا گهميل هوائن کي ڌوڪين ٿا. اُتي برسات پوي ٿي. خط اِستوا جي ٻيلن ۾ ٻارهن ئي مهنا برسات وسي ٿي. ٻيلا هوا کي موافق ٺاهين ٿا. زمين جي کاڌ کي روڪڻ ۾ ٻيلا مددگار ٿين ٿا. وڻن جون پاڙون مٽيءَ کي جهلي رکن ٿيون. ندين ۾ ايندڙ سخت ٻوڏ کي روڪڻ ۾ ٻيلا مدد ڪن ٿا.

ڪارخانا ۽ ساهوارا ڪاربانڊاءِ آڪسائيڊ ۽ ڪاربان مونو آڪسائيڊ ڪيند

هن جي من ۾ ولوڙو ٿو پوي، ڪنهن پيڙا جو احساس يا انيوَ شاعرُ، شبدن ۾ قلمبند ڪري بين تائين پهچائڻ جو يتن ٿو ڪري.

اڪثر هر ٻوليءَ جي ساهتيہ جي شروعات شعر سان ئي ٿي آهي. سنڌي زباني شعر ڏوهيڙن سان شروع ٿيو. اِهو دؤر، 1935ع کان 1521ع تائين چيو وڃي ٿو. اِن بعد سنڌي شعرجو اوائلي تحريري دؤر شروع ٿيو، انيڪ شاعرن شعرُ رچيو. سنڌ کي ترمورتي اعليٰ شاعر - شاهہ، سچلُ ۽ سامي عطا ٿيا جن تي سنڌ هند کي ناز آهي. اِهو شعر جو روحاني دؤر هو. سنڌي شعر جو اِهو سونهري زمانو چئجي. تنهن ڪري 18 صديءَ ۽ 19 صديءَ جو پهريون اڌ سونهري اکرن ۾ لکڻ جهڙو آهي جو سنڌي صديءَ ۾ پهريون اڌ سونهري اکرن ۾ لکڻ جهڙو آهي جو سنڌي ساهتيہ خوب مالا مال ٿيو.

نون خيالن، ترقي پسند دؤر کي جنم ڏنو، جنهن جو باني سنڌي شعر ۾ ڪشنچند بيوس هو. ڪشنچند بيوس سنڌ هند جو عظيم شاعر هري دلگير جو گُرو هو جنهن جي صحبت مان گهڻو ئي ڪجهہ پرايو. هيءُ صاحب گيتن جو باني ۽ سنڌيءَ ۾ ''ترائيل'' نالي صنف جو جنم داتا ليکيو ٿو وڃي. ترائيل اصل ۾ فرانسي چيز آهي. انگريزيءَ ۾ Triolet چئبو آهي، جنهن کي دلگير ''ترائيل'' جي نالي سان پنجين ڏهاڪي جي شروعات ۾ سنڌي ويسُ پهرائي سنڌي شاعريءَ کي هڪ سندر سوکڙي ڏني. هن جي غزل مان گيت ليئا پائيندو نظر ايندو آهي. هن غزل کي وڌيڪ عام فهم بڻايو. اِن سلسلي ۾ هن جو خاص حصو آهي. گيت جي موسيقيت ۽ روانيءَ واري وصف کي غزل جي لاءِ استعمال ڪري هڪ نئون تجربو ڪيو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ گيت صنف جو آغاز اٽڪل ٻاهتر سال اڳي ٿيو جڏهن سائين ڪشنچند ''بيوس'' جو گيت شيرين شعر 1930 ۾ ظاهر ٿيو. هري دلگير اڄ گيتن جو باني - گيتڪار چيو وڃي ٿو. ڪويتا صنفن جي خيال کان هري دلگير سنڌي شاعريءَ جي تقريبن مکيہ صنفن تي ڪامياب قلم آزمائي ڪئي آهي.

برڪ عالم اديب-عظيم شاعر هري دلگير جو شاعراڻو سفر تڏهن شروع ٿيو جڏهن هن جي عمر تيرهن چوڏهن سال هئي. رات جو ساڍي نوين بجي لاڙڪاڻي سنڌ جي مشاعري ۾ 1930 جي ڳالهہ آهي، ان وقت جي اُستاد شاعرن اڳيان هري دلگير هڪ غزل پڙهيو تہ جتان ڪٿان ''خوب خوب'' ۽

معدني پيدائش ختم ٿي سگهي ٿي. پر جي وڻن جو ناس ٿيندو رهندو ته پاڻي ندين ۾ هليو ويندو جو وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو يعني وڻن بنا ڌرتي پاڻي نه ڪٺي سگهندي. وگيانڪ تجربن ذريعي ثابت ٿيو آهي ته جتي وڻن جي پاڙ هوندي آهي اُتي برسات جو پاڻي چوڏهوڻون وڌيڪ زمين ۾ لهندو آهي.

صحرا وغيره جڏهن رڻ پٽ نه هئا پر سرسبز ميدان هئا پر وڻ ۽ ونسپتيءَ جو ڪنهن ڌيان نه ڏنو ته نتيجو اِهو نڪتو ته رڻ پٽ ٿي ويا. جڻ سنسڪرتي ختم ٿي ويئي. وڌندڙ رڻپٽن کي روڪڻ لاءِ وڻ پوکڻ ضروري آهي.

ڪبير چيو آهي : پنهنجو تن، من، ڌن پراُپڪار ۾ ارپي ڏيندڙ وڻ سچ ته سچا سنت آهن جن جي شيوا ڪندڙن کي ايشور درشن ڏيندو آهي. گوتم ٻڌ چيو آهي - ”وڻ ته بيحد پراُپڪارجو زنده نشانُ آهي. هو پنهنجي پرورش لاءِ ڪنهن کان ڪجهه گُهري نه ٿو ۽ تنهن هوندي به پنهنجي زندگيءَ جي درميان جڳت کي انيڪ ڪمائتيون سامگريون ڏيندو رهي ٿو، ايترو ئي نه، ڪيس ڪٽڻ لاءِ آيل ڪاٺير کي به ڇانوَ ڏئي ٿو.“ يا ٻوت ۾ لکيل آهي - ”وڻ ٻين جي لاءِ پراڻ پڻ ارپيندڙ آهن، اهڙن وڻن جو جيون ڌنيه آهي، ڌنيه آهي.“ خليل جبران چيو آهي، ”وڻ ته آڪاش ۾ لکيل ڪويتائون آهن.“ پنڊت نهروءَ چيو هو : ”وڌندڙ وڻ ته ترقي ڪيل ديش جو زنده مثال آهن.“

اسان چاواسين تڏهن کان ڌرتي ماتا کي ڌائيندا اچون ٿا. ڌرتي ماتا به خوب پريم وچان اناج، گاهه ۽ ڦلن ڦولن جي روپ ۾ اسان کي پريم سان ڌارائي ٿي. نه صرف اِنسان ذات کي پر ڍورن ڍڳن کي به. ڌرتيءَ کي ٿڃ نه ٿيندي ته ڏڪار نه پوندو ته ٻيو وري ڇا ٿيندو؟ ايندڙ وقت جون پيڙهيون سکي ۽ شاد ڪيئن رهي سگهنديون؟

سکي ۽ شاد رهڻ لاءِ اچو ته اِهو سنڪلپ ڪريون ته، ”پنهنجي رکشا ۽ وڪاس لاءِ وڻن جي رکشا به ڪريون ۽ وڻ پوکيون.“

هري دلگير جو شاعراڻو سفر

شعر آتما جي ٻولي آهي - شعر دل مان نڪري ٿو ۽ دل ۾ ٻيهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. شعرُ تڏهن ٿو جُڙي جڏهن شاعرُ، جو هڪُ پيغمبر آهي، رشي آهي،

مئجسٽريٽ هو ۽ هڪ درويش طبع اِنسان هو. هوُ ٿوري گهڻي شاعري بہ ڪندو هو.

دلگير اجا چوڏهن پندرهن سالن جو هو تہ هن جي اکہ هڪ ڏهن يارهن سالن جي ڇوڪريءَ سان اڙي ۽ اُها ڇوڪري هئي نانڪي ليلارام هگوراڻي جنهن سان هن پنهنجي وديارٿي جيون ۾ ئي 2 جون 1939 تي لاڙڪاڻي ۾ شادي ڪئي. دلگير جي ڪتاب ڪوڏ ۾ نانڪيءَ جون بہ تصويرون ڏنل آهن. هوءَ ئي سندس ڪوتا جي آتما بڻي رهي. پنهنجي نثري نظمن جو مجموعو ''جهنگلي گل'' (1988) هن 'نہ' کي ارپيو آهي ۽ اُها صرف نانڪي ئي ٿي سگهي ٿي. 'ن' ڏانهن لکي ٿو : تون سدا گلاب آهين/رنگہ ۽ خوشبوءِ سان پرپور/ ٻوُلهڻ سان بہ نہ لڌم ان ۾ ڪوئي ڪنڊو/مان ڇپائي ڇڏيانءِ ٿو ڇاتيءَ ۾ /سواس پرجي وڃن ٿا سڳند سان.

1941 ۾ بر ڪہ عالم-عظيم شا ر هري دلگير جي ''هريشچندر جيون ڪوتا'' جي مهاڳہ ۾ ڪشنچند بيوس لکيو آهي تہ ڪوتا جهڙي پڪيري آهي، تهڙي ئي رسيلي. ''پنديءَ پڪو ميوو آهي، جتان چکہ اُتان رسيل.'' اِن ڪتاب ۾ 'ڪوڏ' ڪتاب تي سنڌي ادبي بورڊ (سنڌ سرڪار جي سنستا) کيس اِنعام عطا ڪيا. 'ڪوڏ' ۾ جيڪي گيت ڇپيا ان کان اڳہ ڪنهن نہ لکيا هئا. دلگير ٻارن لاءِ بہ هڪ پيارو شاعر آهي ۽ سندس ٻال ڪويتائون درسي ڪتابن ۾ اڪثر شايع ٿينديون آهن. سندس ٻال ڪويتائن جا چار مجموعا (1) موجي گيت (بيوس سان گڏ- 1942 ۾) (2) مزيدار گيت (1983)، 1987 ۾ N.C.E.R.T طرفان اِنعام (3) گيت گلابي (1989) ۽ (4) اِنتخاب ٻال پروليون 1996 ۾ ڪويتائن ۾ لکيل پروليون 'ٻال ڪويتائون'.

(1) دهل وڄي ٿو ڌم ڌم ڌم، ڪار ڪري ٿي پم پم پم.

(2) ڏنگڙو ڦڏڙو گهمنڊڙ ٻالڪ ٻولي ٻاتا ٻول،
ڪاش سياڻو سمجهي ڪوئي، هي اُپديش امول.

(3) بابا ڇڏ هي پستڪ پنهنجا ۽ مون سان ڪر راند،
بابا پوٿين جي پيچري ۾، ڪيسين رهندين باند.

(4) دادا اچ ڪيسي کي ڪول،
پيو ڪوئي پيي پول نہ پول،
هيليڪاپٽر آڻي ڏينم،

”سبحان الله“ جا آواز اچڻ لڳا.

هري دلگير جي اُستاد شاعر جناب نواز علي جعفريءَ ان ئي وقت مشاعري ۾ ظاهر ڪيو ته مون ڪيس سڌارن جي صلاح ڏني آهي پر غزل هري دلگير جو لکيل آهي. هن ننڍڙي شاعر کان اوهان بحر-وزن، قافئي-رديف يا خيال بابت ڪوبه سوال پڇي سگهو ٿا. هنن سوال ته پڇيا پر صحي جوابن ملڻ سبب خوب تاڙيون وڄيون. هري دلگير جو مشاعري ۾ غزل پڙهڻ جو پهريون آزمودو هو. ان وقت لاڙڪاڻي جي سرڪاري هاءِ اِسڪول ۾ چوٿون درجو-اچوڪو اٺون درجو پڙهندو هو.

اِسڪول ۾ درسي ڪتاب طور ڪشنچند ”بيوس“ جو ”شيرين شعر“ پڙهيائين ته هواڻ ڏنل شاعر ”بيوس“ جي ڪتاب تي ايترو ته متاثر ٿيو جو 1930 ۾ روهڙيءَ مان واپس لاڙڪاڻي ۾ آيو ۽ اچي سرڪاري هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. لاڙڪاڻي ۾ اُستاد شاعر نوازعلي جعفري ۾ سائين ڪشنچند بيوس جي صحبت جي اثر هيٺ آيو. 1930 ۾ ئي هري دلگير جي ڪويتا لاڙڪاڻي جي ڪنهن هفتيوار اِخبار ۾ شايع ٿي. دلگير ڪي فن جي پختگي نياز صاحب کان ملي ته سڪدرسي شاعريءَ ۾ نواڻ جو نظريو سائين بيوس مان حاصل ڪيائين. اِنهيءَ ڪري ته دلگير لکيو :

شمار ٿئي تو سنن، شاعرن ۾ اڄ دلگير،
ڪمال آهي سو بيوس نياز پارن جو.

1934 ۾ لاڙڪاڻي هاءِ اِسڪول جي ساليانی مخزن ظاهر ٿي ته ان ۾ دلگير جي ڪوتا ”منهنجي امڙ“ ڪي پهرئين صفحي تي شايع ڪيو ويو. ان وقت دلگير جي عمر ارڙهن سال هئي. 1934 ۾ ئي هن جي ڪوتا ”سونو سپنن جو سنسار“ بهترين ادبي ماهوار مخزن ”سنڌو“ ۾ ڇپي. 1939 کان 1942 تائين هوُ ساڳيءَ مخزن ’سنڌو‘ جي ايڊيٽوريل بورڊ تي رهيو ۽ ڪوتا وڀاڳ سنڌس چارج ۾ هوندو هو. 1940 کان 1947 تائين هوُ ٻارن جي اعليٰ مخزن”گلستان“ جو به ڪوتا وڀاڳ جو اِنچارج ايڊيٽر ٿي رهيو جا مخزن دادا شيوڪ ڀوڄراج ٻالڪن جي ٻاريءَ جو ٻانيڪار ڪيندو هو.

هري دلگير جو جنم 15 جون 1916ع تي لاڙڪاڻي ۾ ديوان گرڌنيمل بختراءِ درياڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هن جو پتا سنڌ ۾ فرسٽ ڪلاس ريزيڊنٽ

جهڙو پيارو شيام آ، تهڙو آ دلگير،
آءٌ تہ آهيان سدا جوان.

اڪثر هر موضوع ۽ صنف تي ڪامياب قلم هلايائين. علم عروض جو اُستاد هو. 11 اپريل 2003 تي سرڳواس ٿيو پر هيءُ لوڪ پريہ عظيم شاعر سدا حيات آهي.

اي.جي. اُتم - جيون ۽ ڪاريہ

ادب جي فلاسافيءَ کي هرڪو شخص سمجهي نہ سگهندو آهي. ادب هڪ قسم جي ڪلا آهي. انهيءَ ڏانچي ۾ هوُ پنهنجي جذبات کي پريندو آهي ۽ ان ريت ٻين کي متاثر ڪندو آهي. ادب پنهنجو پاڻ دؤلت جوروپ وٺي ڪنهن جي دماغي تجوڙيءَ ۾ محفوظ ٿي ويندو آهي. ادب ۾ هڪ عالمگير ۽ اوُچ ٻولي ڪم آندي ويندي آهي.

اديب جي سڃاڻپ ان وقت بہ ملي ٿي جڏهن سندس خيالن کي بلند چوٽيءَ تي پاتو ٿو وڃي. ان ريت ادب کي هوُمالامال ڪري ٿو. ڪتاب لکي ٿو جا وڏي پونجي آهي، اَملهہ پونجي آهي.

ساهتُ جيون آهي. ساهتيہ جيون جو سچو خزانو آهي. ساهتيہ مان ئي اسان کي پنهنجي پراچين سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي جهلڪ ملي ٿي. ساهتيہ اسان جي روح کي روشن ڪري ٿو. اِن ڪري پنهنجي ساهتيہ روپي امولہ خزاني کي محفوظ رکڻ اسان جو فرض آهي. اسان سنڌين کي پنهنجي مادري زُبان تي نازُ هئڻ گهرجي. اِها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ سنڌي هڪ سهڻي ۽ سريشٽ ٻولي آهي.

اِن مذڪور سلسلي ۾ ڪي اديب چوٽيءَ تي رسيل هوندا آهن. اُتم جو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اهم يوگدان آهي، جنهن سبب ادب جي اوچ چوٽيءَ تي پهتل آهي.

مضمون نويس، ڪهاڻيڪار، سمپادڪ، اخبار نويس، نقاد، سنڌيت جو شيدائي، سنڌي ادب جو صحيح معنيٰ ۾ اِتهاسڪار، سنڌي عربي لپيءَ جو ڪٽر حامي، ترقي پسند نظريو رکندڙ اعليٰ اديب ۽ سنڌي هلچل جو باني

پيارا دادا اچ تہ مجيم.

هري دلگير جي اکرن جي ڇا تہ اُٺت آهي!

1977 ۾ ڇپيل شعرن جي مجموعي ”پل پل جو پرلاءُ“ تي مرڪزي اڪادمي، دهليءَ طرفان هري دلگير کي 1979 ۾ انعام عطا ٿيو. ڳوٺ جي نينگرين ۽ جوان عورتن کي پريان ئي پريان اکين سان سندن سونهن جا پرپور پيالا پيئڻ هن جو پيارو شغل هوندو هو.

دلگير سنڌ ۾ ئي هو تہ ڀارت ۾ نارائڻ شيام سان گڏ سندس ڪلام جو مجموعو (1953 ۾) ”ماڪ ڦڙا“ ظاهر ٿيو. 1966 ۾ ”موج ڪئي مهراڻ“ ڇپجي ظاهر ٿيو. ڏسو هن جي لکڻ جي رواني :

ٺهہ ٺهہ ڪندي ڦهہ ڦهہ ڪندي،
گهوگهاٽ سان سوساٽ سان،
ٽڪرن کي ٽوڙيندي اچي.

هن گيتا ۾ جپ صاحب تي سرل ٽيڪا بہ لکي آهي ۽ اُنهن جو سنڌي ڪويتا ۾ ترجمو ڪيو آهي. ڀڳوت گيتا جو ترجمو 1981 ۾ ’امر گيت‘ جي نالي سان ظاهر ٿيو. ”رولو آواز“ (1984) جي شعر جو هڪ بند پيش آهي:

پڪ بادلن ۾ ناچ نچي ٿي ڪا نازنين،
آيا ڪٿان هي ڪنوڻ ۾ جهلڪا شباب جا.

1986 ۾ شايع ٿيل ڪتاب ”سدا هجن هوت حيات“ شبد ڀنڊار سان ڀريل آهي. اصطلاحن، نحوي بناوتن، سنڌي قافين جي استعمالي ڪمال جي پئي رهي آهي. 1998 ۾ ”اڪيلو چنڊ“ ڇپيو ۽ 2001 ۾ ”جيءُ جيءُ ڙي جيءُ“.

هري دلگير جي شاعريءَ جي مهراڻ کي هن ننڍڙي مضمون ۾ بند نہ ڪري سگهبو. ڪتابن جا ڪتاب ويهي لکہ هن جي شخصيت ۽ عظمت تي. هن کي انعامن مٿان اِنعام عطا ٿيا. گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان گوُرو پرسڪار، نانڪ روپاڻي پريہ درشني اڪادميءَ طرفان، لائيف ٽائيم اچيومينٽ سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفانءِ انڊس-انڊ طرفان مطلب اِهي اِنعام ۽ تنهن ڪانسواءِ انيڪ سنمان. گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جي چيئرمنيءَ جي پد ڪانسواءِ هيءُ انيڪ اِدارن ۽ سنستائن سان جڙيل رهيو.

شيخ اياز چيو آ :

مان ڪشن، پنهنجي خوشنصيبي ٿو سمجهان تہ مان ڀاونگر ۾ سؤراشٽر جي شهرن مان 'نئين دنيا'، 'سنڌو ڌارا'، 'چوڏس' ۽ ٻين مئگزنن جا گراهڪ ڪري سنڌي ساهتيہ جو ڦهلاءُ ڪندو هوس. انهن مئگزنن ۾ منهنجيون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ۽ ٻيون رچنائون شايع ٿينديون رهنديون هيون. 1993 ۾ ڇپيل ڪهاڻين جو مجموعو ''ڪرڻا ڇڻ مشڪل لڳا'' اِن جو ثبوت آهي. اِن سلسلي ۾ سداحيات اُتم جا، مون ڏانهن لکيل خط، مون وٽ محفوظ آهن جيڪي خط اڄ بہ پڙهندي مون کي پريرڻا ڏين ٿا. 'نئين دنيا' ۾ ڇپيل ڪهاڻين کي مان مجموعن جو روپ ڏيان تہ پيا بہ ٻہ ٽي مجموعا ڇپجي سگهجن ٿا. مون کي اُتم لاءِ ڪافي شرڌا آهي، اَتي عزت آهي.

سنڌ ۾ اَٽڪل 1941 کان وٺي ساهتيہ ۾ ترقي پسند ڌارا جي شروعات ٿي هئي. ساميہ واد، مالي نابرابري ۽ اِستري، پرشن جي نابرابري هُن ڌارا جا موضوع هئا. هيءُ ويچار انقلاب ۽ هلچل جو روپ ڌارڻ ڪري ڦهليا هئا. سنڌي ساهتيڪارن بہ رچنائن معرفت هنن ويچارن جو اظهار پئي ڪيو. 1946 ۾ تہ هنن پروگريسِو گروپ ٺاهي هئي. ترقي پسند ساهتيہ اُهو آهي جيڪو سماجي، سياسي ۽ مالي حالتن سان ٺهڪندڙ هجي. پروگريسو گروپ وارن ساهتيڪارن ڀارت ۾ اچڻ کان پوءِ بہ 'ادبي ڪلاس' جاري رکيا. نئين دنيا مئگزن ڪڍي ۽ لڏي اچڻ کانپوءِ بہ ڏکين مالي حالتن کي بہ منهن ڏنو. اُتم 'نئين دنيا' جو سمپادڪ هو. اُتم، شاهہ، سامي ۽ سچل تي لکيل تنقيدن کي مُرتب ڪري تنقيدي ڪتاب ڇپايو. 1981ع ۾ 'ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد' جو ورهاڱي کان اڳہ ۽ 1980 تائين، سلسليوار اِتهاس، آلوچنا ۽ ساهتيہ جي مکيہ ڌارائن جي جهلڪ، وديارٿين ۽ کوجنيڪن جي اڀياس لاءِ لکيو اٿائين.

اُتم پنهنجي پتني سندريءَ جي ڪهاڻين، ناٽڪن ۽ ناولن کي سڌاري سنواري 'نئين دنيا' پبليڪيشن پاران ڇپايو. سندري لکي ٿي، 'اُتم ئي منهنجو رهبر ۽ ساٿي آهي. هِن منهنجي جيئري ئي منهنجي مٿان ساهتيہ جو تاجمحل اڏي ڇڏيو آهي.'

1963ع تائين 'اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا' جو جنرل سيڪريٽري هو. سندس اپامڪاريءَ ۾ 'چيٽي چنڊ' 'سنڌيت جو ڏيهن ڪري ملهايو ويو. هن سنڌين کي بہ نعرا ڏنا آهن : 'آفرين ساٿيو، اڄا بہ اڳتي وڌو' ۽ 'جئہ سنڌي.'

آسن چينانند اُتمچنداڻي ''اُتم'' جو جنم 16-12-1933 تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. ايم. اي. پاس هو. هن جي جنم جي سال واري عرصي ۾، هن جي جنم ڀومي آزادي ۽ سياسي هلچل جو وڏو مرڪز هئي. اِنگريزي سنڌس آزاديءَ جي هلچل ۽ شاگرد تنظيمن سان وابستگي، قدرتي رهي، جو سنڌس ارد گرد اهڙيون شخصيتون هيون جن جو مٿس اثر پوڻ لازمي هو. نوجوان اي. جي. اُتم به اِسٽوڊنٽ يونين معرفت مهاتما گانڌيءَ ۽ نهروءَ جون آتم ڪٿائون پڙهيون. آزاديءَ جي 'ڪئٽ اِنڊيا' تحريڪ ۾ نه صرف ڀرپور ورتو پر جيل ياترا به ڪئي. اِن هلچل ۾ سرگرم ڀرپور وٺڻ ڪري ئي سنڌيت جي هلچل طرف نوجوان اُتم مائل ٿيو.

اُتم نومبر 1947ع ۾ پيار جي شادي ڪئي ۽ شاديءَ ۾ ڏيتي ليتيءَ ۾ هڪ پئسو به نه ورتو. 1947ع واري ورهاڱي ڪري حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان 6-جنوري 1948ع منگل ڏينهن فسادن ڪانپوءِ بمبئي شهر ۾ رهيو. هن پنهنجي ڏيئرن کي پڻ سنڌيءَ ۾ گرئجوئيٽ ڪرايو ۽ سنڌي نرتيه سيکاريو.

1960 1961ع ۾ بمبئي پرڳڻي جا به مهاراشٽر ۽ گجرات، الڳ پرڳڻا ٿيا ته اُتم کي بمبئي سڇيواليه جي نوڪريءَ مان گجرات بدلي ڪيو ويو پر اُتم جو ساهتيه ڪيتر بمبئيءَ ۾ هئڻ سبب هن سرڪاري نوڪريءَ تان استعفا ڏني. سنڌي ادب خاطر 37 سالن جي عمر ۾ سرڪاري نوڪري ڇڏيائين.

هن هندستان جي سنڌي بستين ۾ سنڌي لئبررين کولائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. اُتم جي ڪهاڻين ۽ رچنائن جي، هند ۽ سنڌ ۾، ايتري لوڪپريتا جو ڪارڻ اِهو آهي جو هوُ سنڌي جيوت ۽ سماج جو چٽر، حقيقت نگاريءَ سان چٽي، دلچسپ ۽ دلڪش ٻوليءَ ۾ پيش ڪندو آهي.

اُتم نئين دنيا ماهوار، سنڌو ڌارا هفتيوار، سنڌو سماچار روزاني ۽ سنڌو سنسار روزانيءَ جي سمپادڪيِ ڪاميابيءَ سان توڙ تائين نڀاهي.

سال 1950ع ڌاري ٽمورتيءَ (اُتم، ڪيرت ۽ گوبند مالهي) جي سمپادڪيءَ هيٺ نئين دنيا رسالو ٿي نڪرڻ لڳو. نوجوان ليکڪ هر آرتوار تي رسالو کڻي جدا جدا بستين ۾ وڃي وڪرو ڪندا هئا. آخر سال 1957ع ۾ نئين دنيا، مڪمل طور شري اي. جي. اُتم، رسالي تي بند ٿيڻ نه ڏيئي پنهنجن هٿن ۾ کنيو ۽ نئين دنيا جي اشاعت ۾ هڪ نئون دؤر آيو.

جي آڊيو ٽيپ جو تجربو ڪافي ڪامياب رهيو آهي. ’سنڌي ساهت جي ٿمورتي مالهي، ڪيرت ۽ اُتم‘ تي ويڊيو ڪئسيٽ ٺاهي، هڪ نئين سلسلي جي شروعات ڪئي اٿئون.‘

غلط بيان سبب هوُ پاڻ تان قابو ڪوهي ويهندو هو. اُتم جهڙو اندر تهڙو ٻاهر هو. اُتم معنيٰ اُتم.

هن وٽ سيني اديبن جي پستڪن ۽ اُنهن جي شايع ٿيل تاريخن جا رڪارڊ موجود آهن. هن ڪي رچنائون اُهي ئي وٽنديون آهن جن ۾ سنڌي ماحول هجي.

هن ڏات ڏٺيءَ جو ساهتيہ سان اٽوٽ ناتو رهيو. سنڌس پهرين رچنا 1940ع ۾ ڇپي. ورهاڱي کان اڳ سنڌس 25 کن ڪهاڻيون ۽ پنجاهہ کن ليکہ هندو، سنسار سماچار ۽ ٻين ڪيترين اخبارن ۾ ڇپيا. سنڌن ادبي شيوائن جي مڃتا طور کيس سوويت نهرو پيس اوارڊ ۽ ٻين ڪيترن انعامن ۽ سنمانن سان نوازيو ويو. اگر سنڌن گهر ۾ وڃي ڏسون تہ سنڌس بيڊروم نہ بلڪ هڪ لئبرري آهي. وڏي تعداد ۾ جهونن ۽ ناياب ڪتابن، مئگزنن ۽ اخبارن جو ذخيرو ملندو. جهونا خط پٽ، اخباري ڪٽنگس وغيره هٿيڪيون ملنديون. پي.ايچ.ڊي. ۽ تحقيق ڪندڙن لاءِ ڪارائتو مواد ميسر ملندو. سرڪاري اڪادمين جي سيمينارن ۾ ڪن کي خوف لڳندو آهي تہ ڪنهن ٿوري بہ غلط بيان تي اُتم ڏمرجي نہ وڃي.

اُتم هٺيلو نہ هجي ها تہ اڪيلي سر اکل ڀارت ساهت سڀا هلائي نہ سگهي ها. ’نئين دنيا‘ هلائي نہ سگهي ها. سنڌي ٻوليءَ کي جنوني حد تائين پيار نہ ڪري سگهي ها. هن جو اٿاهہ يوگدان ڏسي سوچجي ٿو تہ هن جو هٺ، هٺ نہ ٿو لڳي. هن پنهنجا اُصول نہ وڪيا، سوديبازي نہ ڪئي. سنڌي ٻولي، لپي ۽ سنڌيت خاطر هن پاڻ ٻتوڙيو.

1982ع ۾ گجرات سرڪار طرفان، پهريون نمبر اِنعام حاصل ڪيل، منهنجي ساهتيڪ مضمونن جي مجموعي ’ساهتيہ سريتا‘ ۾ مون ڄاڻايو هو - 25 سال اڳ ساهتڪ ديتر ۾ گهڙڻ وقت منهنجي رهبرن سرو شري اُتم، لال موٽوانيءَ ۽ چئنڊل آهوڄا منهنجي حوصلہ افزائي ڪئي.'' اِهي ٽئي سداحيات منهنجا سلسليوار رهنما، جي بہ سنڌن مون ڏانهن لکيل خط بہ پرٽا ڏيئي رهيا آهن.

سنہ 1966ع ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جي سوِپ' رچنا ڇپايائين جنهن ۾ سنڌ
ٻوليءَ جي تسليميءَ جو اتهاس آهي. اُتم ۽ سندريءَ جي ڀرين جوڙي 1964
شاهہ لطيف جي ورسيءَ تي سنڌ ياترا لاءِ ويئي. اُتم سنڌي ساهتيہ کي اڻکل (
ڪتابن ۽ انيڪ مضمونن سان مالا مال ڪيو آهي. احمدآباد مان نڪرندڙ 'جهول
لال' لاءِ لکندو رهندو هو جنهن جو سمپادڪ سداحيات ديالداس موٽواڻي هو ۽ هاڻ
هن جو سُپتر شري خوشحالداس موٽواڻي اِن هفتيوار اخبار جو سمپادڪ آهي

''سنڌيت جو اُپاسڪ اُتم'' ڪتاب جي مهاڳ ۾ ليکڪا رڪمڻي سندر
ڇئناڻيءَ پنهنجي مهاڳہ ۾ لکيو آهي: سچ پچ اُتم کي ڪير سڃاڻي ئي
سگهيو آهي. اُتم تي ڪجهہ بہ نہ لکي، سندس ڪاريہ تي، رچنائن تي، سنڌ
ٻوليءَ لاءِ عجيب عقيدت ۽ ساهت ڀڳتيءَ تي گهڻو ڪجهہ لکي سگهجي ٿو. اُ
هڪ ايپاس يوگيہ شخص تہ هو ئي، پر سندس سنڌيت لاءِ سڪ لاثاني آهي.

عالمگير، صلح جو ڪانکي، ڀائيچاري ۾ وشواس رکندڙ، اُتم ڪميونس
آهي يا ترقي پسند يا ناستڪ يا ڇا- چئي نہ ٿو سگهجي.

ورهاڱي ڪانپوءِ 1949ع ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي پرڌانپڻي هي
ٺاهيل 'سنڌي ساهت منڊل' سان سنڌي ٻولي هلچل شروع ٿي جنهن ک
1948ع ۾ ٺاهيل ترقي پسند مخزن 'نئين دنيا' هٿي ڏني. منڊل جي هفتي
ڪلاس ۾ سندريءَ کي سندس جيون ساٿي اُتم وٺي ايندو هو تہ ٻين ساهت
ميڙن ۽ سيمينارن ۾ بہ وٺي ايندو هو.

اُتم جا ٻار چون ٿا ''اسانجو ڊئڊي ٻين جي ڊئڊين کان بلڪل نرالو آه
سنڌيت جو شيدائي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪجهہ بہ ڪندڙ ۽ اسان ٻارن کي بہ
ئي سکيا ڏيندڙ، اسانجو ڊئڊي ڄڳہ جي پتائن کان نرالو آهي. اسين
سنڌيت جي جوت هميشهہ جڳائيندا رهنداسين. اسان جو ڊئڊي بلڪل س
منهن تي ڪنهن کي بہ سچ چئي ڏيڻ بہ منجهس خوبي تہ آهي، پر ڪ
سان بہ ٺهڪي هلڻ جي هوُ ڪوشش ڪڏهن ڪين ڪندو آهي اِن ڪري
ايترو لوڪپريہ نہ ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي آئين شيڊيول ۾ آڻڻ لاءِ سي
ليڪن جيڪا گڏجي ڪوشش ڪئي ان ۾ هن اهم رول ادا ڪيو آهي
سندس قدر پورو ڪونہ ٿيو آهي. اسان ٻنهي ڀينرن کي پنهنجي ٻوليءَ
'ڪجهہ ڪرڻ' جي چاهنا هميشهہ پئي رهي آهي. ان ڏس ۾ سنڌي ڪها

وهڻ جي ڪشمڪش ۽ سنگهرش وارين حالتن ۾ به سنڌي اِستري اوچي ٻاٽ رهي سگهي آهي. ان جو گهٽي ۾ گهٽو عڪس سنڌري اُتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻين مان ملندو. اِن سلسلي ۾ 'پوري' ڪهاڻي قابل-ذڪر آهي.

پيڻ پوپٽي هيراننداڻي سنڌي ساهتيه ۾ ممتاز درجو والاري ٿي. ساهتيه جي هر صنف تي ڪاميابيءَ سان قلم آزمائي ڪئي اٿس. بهوگٽي شخصيت آهي پوپٽي. هن جي جيتري به ساراهه ڪجي اوتري ٿوري آهي.

پروفيسر ايشوري جوتواڻي ۽ پروفيسر چندران آڏواڻي به پوپٽيءَ سنئون لکڻ شروع ڪيو. چندران گهڻو مذاقي لکيو آهي. تارا ميرچنداڻيءَ به لکڻ جي شروعات 60-1950 جي دؤر ۾ ڪئي هن جو سنڌي ساهتيه ۾ سنو مقام آهي. اهڙو درجو رڪمڻي چئناڻيءَ جو به آهي.

پيڻ ريتا شهاڻيءَ تڪڙي ۽ ڪامياب ۾ ڪامياب وڪ وڌائي آهي سنڌي ساهتيه ۾. هن کي مرڪزي تعليمي وزرات جي سنڌي يونٽ پاران انعام حاصل ٿيو آهي، سنمان ٿيا آهن.

سوني ميرچنداڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ ديش ۽ غريبيءَ جي وشيه خاص آهي، اِزانسواءِ سماج جي اجوڪي مسئلي تي لکي ان جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. پونم واڌواڻيءَ جو قلم به تڪڙو تڪڙو هليو آهي. هن جدا جدا مسئلن کي ڪٽي اوڪ ڊوڪ ڪئي آهي. لوناوالا جي هيملتا بجاج به خاص مضمونن تي چڱي ڪلڪراني ڪئي آهي.

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ سنڌي ساهتيه کي مالامال ڪيو آهي. هن جي ڪهاڻين جون نائڪائون خوددار، همت ۽ حوصلي واريون آهن. ساهتيه جي پن پن شاخن تي ڪامياب ڪلڪراني تہ ڪري رهي آهي پر ساڳئي وقت سني آرگنائيزر، فصيح زبان آهي. مشاعرن جو سنچالن ساراهه جوڳو هوندو اٿس. سيمينارن ۾ مڪمل مقالا تہ هوندا ئي اٿس پر ساڳئي وقت هر لحاظ کان پاڻ موڪيندي آهي. سنڌي ساهتيه ۾ هن جو مٿاهون درجو آهي. برک ليکڪا، شاعرا ۽ تعليمدان آهي. ڪتابن تي انعام عطا ٿيل اٿس.

پيڻ سشيلا مونواڻي تعليمدان آهي. اجمير ڪاليج ۾ سنڌي سيڪشن جي هيڊ هئي ۽ هاڻي رٽاير آهي. هن مضمونن کانسواءِ ڪهاڻيون به لکيون آهن. ڪملا بختياڻيءَ به ڪهاڻيون لکيون آهن. سماج جا مسئلا جهڙوڪ پرشناچار،

اي. جي. اُتم جو ديهانت چنچر ڏينهن 18 سيپٽمبر 2004ع تي ٿيو
هند-سنڌ ۾ کين شرڌانجلي ڏني ويئي. اهڙا اعليٰ اديب ادب دوارا
سداحيات آهن.

سنڌي ساهتيه ۾ ليکڪائن جو يوگدان

ساهتيه زندگيءَ جي ترجماني آهي. ساهتيه اُها آرسي آهي جنهن
زندگيءَ جي چل چترن جو عڪس بخوبيءَ پسي سگهجي ٿو. اُهو ساهتيڪ
جي قلم تي مدار آهي ته زندگيءَ جي واقعن ۽ حالتن کي، ڪردارن جي
پيش ڪش جو عڪس ڪيتري قدر چٽو ڏيکاري سگهي ٿو. اُها قوم سڌريل
اڳتي وڌندڙ نه چئي سگهبي جنهن کي پنهنجي ساهتيه يا علم ادب لاءِ پيار
آهي. ساهتيه سماج جو اَملهه خزانو آهي.

سنڌي ساهتيه سرجڻ ۾ اڄ ليکڪائون کي ٻاڻ ٻٽيون هونديون هيون
1940 کان 1947 جي دؤر ۾ سنڌ ۾ ساهتيه کيتر ۾ کي ليکڪائون نڪر
نروار ٿيون. اُهي آهن : ڪملا هيرانند، سيتا سامتاڻي، پروفيسر ڪلا ريجسنگهاڻي
پوپٽي هيرانندڻي، چندران آڏواڻي، گوپي موٽواڻي ۽ کي ٻيون.

دادي ڪملا هيرانند راڄنيتي ليک لکندي هئي، ساڻ ساڻ ڌارمڪ ۽ سماج
ليک به هندواسيءَ ۾ ڇپيل اٿس. شريمتي گلي سدارنگاڻيءَ به ڀارت ۾ ه
ناول 'ساڌنا جو سپنو' ڇپايو آهي. دادي سيتا سامتاڻي پنهنجي اِسڪول ج
جلسن لاءِ پاڻ ناٽڪ لکي تيار ڪندي هئي. ٻيا به کي ليک لکيا اٿائين. پ
ڪرشنا ڀمياڻي پڻ سني ليکڪا ۽ تعليمدان آهي. آديپور گانڌيڌام جي تعلي
سنستائن سان جڙيل آهي.

ڀارت ۾ شروع واري دؤر ۾ يعني ڪ 60-1950 ترقي پسند ليڪ نڪ
نروار ٿيا اُهي آهن : اُتم، موتي پرڪاش، ڪرشن راهي ۽ لعل پشپ جن
پتنيون سندري اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، مايا راهي ۽ ڪوتا پشپ ساه
کيتر ۾ قدم رکيو. سندريءَ ۽ ڪلا پرڪاش ته جلد ئي پختا پير کوڙي ج
اُکڙي آيل سنڌين جي حالتن جو ذڪر ۽ ڀارت ۾ پاڻ کي ٿانئيڪو ڪ

اندران واسواڻي، ڊاڪٽر ڪويتا راگهاڻي، ٿماري تلسي نوتاڻي، نرملا آسناڻي، پونم بلواڻي، ديا لالچنداڻي، ديپا ٽيڪواڻي، آشا سهجاڻي، مينا شهدادپوري، ڪمل ٽهلراماڻي، ڪملا رامچند ٻيلاڻي، شريمتي پريما ٻالچنداڻي، ريشما مولچنداڻي ۽ ڪي ٻيون.

مٿئين ذخيري مان اِها ڄاڻ پوي ٿي ته سنڌي ليکڪائن جي ساهت ۾ ڪا جهڙي تهڙي حاصلات نه آهي. ادب جي هر صنف تي ڪامياب قلم هلايو آهي. آفرين!

ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ ان جي تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ سان ٿيندي آهي. ٻوليءَ کي ادبي جامو پائي ان کي دائميت بخشڻ اديب جو ڪم آهي. ٻيءَ معنيٰ ۾ ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ جي واڌاري لاءِ ادب ضروري آهي. سنڌي ادب جو مطالع ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ان جو اِتهاس ايترو پراڻو ڪونهي. ادب تي يورپ جو گهڻو اثر رهيو آهي ۽ شروعاتي سنڌي ادب گهڻو تڻو يورپيه ادب جي ترجمي جي روپ ۾ ئي مُيسر ٿئي ٿو. گڏوگڏ اِها به ڄاڻ ملي ٿي ته ان وقت عورت پردي نشينيءَ جا عذاب سهندي، پاڻ اِظهاري سهڻ جو سور سيني ۾ سانڍي سنسار مان چالاڻو ڪري ويندي هئي جيڪڏهن عورت جي جذبي کي اظهار مليو ته پرش ذريعي پوءِ کيس ڪڏهن سسئي، ڪڏهن مارئي، ڪڏهن هيرَ، ڪڏهن ليلا، ڪڏهن نوري، ڪڏهن مارئي، ڪڏهن سهڻيءَ جو جامو پهرايو ويو. پر وقت جي بدلاءَ سان عورت جو درجو هڪ وڏي سوال جي نشاني بڻجي اسان سان عورت جو دورجو هڪ وڏي سوال جي نشاني بڻجي سان جي آڏو اچي رهيو آهي. اڄ سنڌي ليکڪائون سنڌي ساهتيه جا گهڙا ري سنڌي جاتيءَ سان وڌو وڌ ڪري رهيون آهن.

جئه سنڌي ۽ بس.

پري پرائيمري اِسڪول تعليم

مادري ٻولي اُها ٻولي آهي جيڪا ٻارُ سڀ کان پهرين سهج ۽ سڀاويڪ ني سکي ٿو. ان ٻوليءَ ذريعي هوُ پنهنجي آس پاس جي ماحول کان واقف

ڏيتي ليتي، پيءُ پٽ جا رشتا ڪهاڻين جي ڪردارن ۾ چڱي جان ڦوڪ
ڪهاڻين کي اثرائتو بڻايو آهي.

ٻين ليکڪائن به سنڌي ساهتيه ۾ چڱو يوگدان ڏنو آهي. لتا ٺهلياڻي
پريم لتا ۽ وينا شرنگيءَ جا نالا قابل-ذڪر آهن. پيڻ وينا شرنگي دهلي
آڪاشواڻيءَ جيُ ايڪسٽرنل سنڌي سروسز جي سني پوسٽ تي آهي. ه
سنڌي ساهتيه سان چڱو وڙ ڪيو آهي. سني ليکڪا، شاعرا ته آهي ئي
ساڳئي وقت پروگرامن جي ڪامياب آرگنائيزر به آهي. سماج سڌارڪن ت
تکي طنز ته ڪري ئي ٿي ساڻ ساڻ سنڌيت سنديون تصنيفون لکي ساهتيه
ڪافي اضافو آڻي رهي آهي. مرڪزي تعليم وزرات جي سنڌي يونٽ پارا
وينا کي انعام عطا ٿيو آهي. سماجڪ، سپيتڪ، ساهتڪ سنستا ”مارئي“ ج
روح روان آهي.

گجرات ساهتيه اڪادميءَ پاران چڱين ليکڪائن کي انعام ته عطا ٿ
آهن ساڻ ساڻ ٻين ڪتاب ڇپائڻ لاءِ مالي اِمداد به ملي ٿي اِن سلسلي
ٻيون به صوبائي اڪادميون پاڻ موکي رهيون آهن.

ڪتابي شمار جي خيال کان پوپٽيءَ جو نالو پهرين صف ۾ اچي ٿو. ان
36 ڪتابن جي مونکي به بخوبي ڄاڻ آهي. هيءَ ليکڪا سنڌي ساهتيه
ممتاز درجو والاري ٿي. اِن کانسواءِ ٻيون ليکڪائون آهن- ڪلا پرملاڻي، س
ٺهلراماڻي، يشوڌرا واڌواڻي، سنڌو چانڊواڻي ۽ ڪي ٻيون.

هنن ليکڪائن سياسي، سماجڪ ۽ ڪٽنبي وشين کي ڪٿي مسئلن جو
ڳولهيو آهي. ڪن غلط فهمين ڪري ٿيندڙ جهيڙن کي ٽارڻ جا ناياب نس
مُيسر ڪيا آهن، ڏيتي ليتيءَ جي ڪِٽ پِٽ کي ڪڏ ۾ ڦٽي ڪرڻ جي ص
ڏني آهي. جيون جو سنڪٽ دور ڪرڻو آهي. انهن جي لکڻي اثرائتي آه

ساهتيه اڪادميءَ جا اِنعام ته چڱين ليکڪائن کي عطا ٿيا آهن نه صر
اڪادمين جا ساڳئي وقت ڪيترين سنستائن جا مختلف اِنعام ۽ سنمان
جماعت سنستا UNESCO پاران انيتا پياسيءَ ۽ ڦول روهڙا کي NCERT پا
انعام مليو آهي.

گجرات جي ليکڪائن ۾ انيتا ڪمل پياسيءَ کانسواءِ جن ليکڪائن
موڪيو آهي اُهي آهن سروج پارواڻي، ومي سدارنگاڻي، رتوُ پاٽيا، نشا واڌوا

وڪاس به ٿئي ٿو. شرير کي صحتمند ۽ نروڳي رکڻ لاءِ ڪسرت ۽ راند ضروري آهي.
دماغ تڏهن سالم هوندو جڏهن جو سرير سالم هوندو. سرير کي سالم ۽ سگهي رکڻ لاءِ راندين جو کيڏڻ ضروري آهي ۽ راندين کيڏڻ لاءِ سنو ميدان کپي. ڪسرت ڪرڻ سبب سرير ۾ ٿڪاوٽ ٿئي ٿي جنهن ڪري ٻار ڪاڏو به مزي سان کائيندا ۽ سٺي ننڊ ڪندا.
ڪن اِسڪولن ۾ ميدان جوته سوال ئي نه ٿو اُٿي، ان ڪانسواءِ نه اِسڪول جي عمارت جو برابر ٺڪاڻو ۽ نه ڪلاسن ۾ تعليمي ماحول. ڪلاس هجڻ جڻ چتر شالا. نه ڪلاسن ۾ پوري هوا ۽ نه تعليم لاءِ سموري گهربل سامگري ۽ نه اهڙيون پرورتيون جنهن سبب وديارٿين ۾ چاهه پيدا ٿئي. ٻال مندر جا جيڪي وديارٿي هوشيار ۽ هوئٽهار هجن انهن کي اِنعامي جلسي ۾ اِنعام عطا ڪيا وڃن. اهڙي قسم جي اِنعامي جلسي ۾ اِنعام ڏيڻ سان، قدرشناسي ٿيڻ تي ٻارن جو حوصلو بلند ٿئي ٿو. اُستاد نه صرف قابل هجن پر محنتي ۽ مهربان هجن؛ ائين لڳي جڻ اِهي ننڍڙا ٻار هنن جا پٽ-ڌيئر آهن. ٻار ڀوڳٽي ٿين، اُستاد جو اهڙو وهنوار ۽ علم ڏيڻ جو سرشتو هجي جو هنن کي قابليت Talent ڏيکارڻ جا وجهه ملن.
ڪي تعليمي سنستائون راجيه سطح تي پنهنجي سر ڪاريه ڪنديون پئي رهيون آهن ۽ پنهنجن تعليمي مسئلن ۽ ڏکيائين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪمر ڪسينديون پئي رهيون آهن، سنجيدگي ۽ باريڪبينيءَ سان انهن تي غور ڪري ان تي ڪنهن حد تائين عمل ڪري رهيون آهن ۽ اجا ان سلسلي ۾ محنت ۽ مشقت ڪان ڪم وٺي باقي رهيل ڪاريه پورا ڪن جيئن ننڍڙن ٻارن کي پوريون سهوليتون ملن.
اِنسان جي سڀ کان سندر ترقيءَ جي بنياد ۾ تعليم جو سڀ کان وڏيڪ هٿ پئي رهيو آهي. اڄ اسان اِنسان کي جن روپن ۾ ڏسي رهيا آهيون اُهو تعليم جو نتيجو آهي. ويتر ننڍڙن ٻارن جي تعليم جي پيڙهه مضبوط هوندي ته اِهي ٻار هوشيار ۽ هوئٽهار ثابت ٿيندا.
سنڌي ماڌيم ٻال مندرن ۾ به ٻارن جو تعداد ڪافي گهٽجندو ٿو وڃي. ڀارت ۾ سنڌي تمام ٿورائيءَ ۾ (آباديءَ جو فقط 0.3%) آهن اُهي به سڄي ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٽڙيل پکڙيل. انيڪ سبن ڪري سنڌن مادري زبان

تئي ٿو، پنهنجي آزمودن ۽ احساسن کي خيالن ۾ خلقي ٿو ۽ انهن کي اظهار
ٿو. جذباتي سطح تي مادري زبان هر شخص جي شخصيت جو اُهو اڻونڊ
حصو آهي جنهن کي قائم رکڻ، وڌائڻ ويجهائڻ سندس اِخلاقي فرض
بڻجي وڃي.

پر افسوس! اِهو فرض بجا نہ ٿو آندو وڃي. شهرن ۾ رهندڙ سنڌي ڀوڳيا
ٿي پيا آهن. ڪنهن بہ اُسريل ٻوليءَ جو استعمال ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪانسا
سرڪاري ڪاروبار، تعليم، ادب ۽ ماس ميڊيا وغيره ذريعي ڪيو وڃي ٿو

ڀارت جي سيني ڀاڱن ۾ سنڌي تورائيءَ واري ٻوليءَ هئڻ سبب تعل
جي ڪنهن نہ ڪنهن سطح تي سنڌي شاگردن کي سنڌي ماڌيم ڇڏڻو پ
ٿو. اِن ڪانسواءِ سنڌي اِسڪولن جون اڻپوريون سهوليتون؛ گهٽيل معيار
سنڌيءَ ۾ چاهہ نہ وٺڻ جا پيا سبب رهيا آهن. اٿرائتي نموني سنڌي پاڙ
لاءِ قابل ماسترن ۽ پاڙهڻ جي ساڌنن جي ڪافي اڻاٺ رهي آهي.

اِن هوندي بہ ڪيترائي شاگرد سنڌي ماڌيم ذريعي تعليم وٺي رهيا
۽ سني سيڪڙي سان پاس ٿي پنهنجو آئينده اَڏي رهيا آهن. ٻال مندر
ٻارهين درجي تائين سنڌي ماڌيم ذريعي تعليم پرائين ٿا.

ٻال مندر ۾ سڄو سال سموري آئيوِتا سيکاري ويندي آهي جا نہ
بلئڪ بورڊ تي لکيل هوندي آهي پر سائڳي وقت اِن جا چارٽ پڻ هوندا آ
ٻار الف-ب لکي سگهن اِن لاءِ پاڙهيندڙ وري وري ڏُهراءُ ڪرائيندو
آهي جيئن ٻارَ برابر سمجهي سگهن ۽ نيٺ ٻارن جي عمر ڪيتري! ساڍ
سالن کان ساڍا چار سال!! اڄ جي دؤر ۾ عمر گهٽ وڌ ڪئي پيئي وڃي.
جي ساڌنن، چارٽن ۽ چترن وسيلي پکين، جانورن، ميون ۽ ڀاڄين
سيکاريا ويندا آهن. 1 کان 50. 25 تائين انگ سيکاريا ويندا آهن. اِشارن
۽ سُرَ سان ٻارن کان بيت ۽ گيت ڳارايا يا چوايا ويندا آهن- مثال : پيس
پٽ تان- پيسي جو ورتم گاهہ... سولو جنرل ناليج بہ سيکاريو ويندو آهي
ڪتاب رکيل نہ آهي. اڄ کي ڪتاب بہ چالو ڪيا ويا آهن.

تعليم ۾ راندين کي وڏي اهميت آهي جهڙيءَ طرح ودوانن جي
وڏا فيلسوفاڻا خيال گهمندا رهندا آهن تهڙيءَ طرح ٻارن جي ننڍڙي
رانديون رونديون ۽ اِسڪول جو ڪم گهمندو رهندو آهي. راندين دواران

۽ سيکاري ويندي آهي. تعليمي سامگري ميسر هوندي آهي.

جيتوڻيڪ مذڪور وديا-وندر اِشارن، چترن، راندين وغيره دوارا ـــ ـ وڃي ٿي. جيئن ٻارڙن جي دل ۽ دماغ تي اثر ڪري ۽ حافظي ۾ وهي ٻ ساڳئي وقت سکيا اهڙي جا سهج ۽ سپاويڪ لڳي ۽ نہ توسيل گهڻي بوج واري. ٻار جي دماغ جي حد کي سمجهڻو آهي. اِها ذميواري سرڪاري آهي، سرڪاري ڪورس ڪاميٽين جي آهي ۽ ساڳئي وقت اُستاد ـ جي بہ آهي. زبان شيرين ۽ سلاست واري هجي؛ اُها ئي تعليم نہ ـ مڪمل اثرائتي ٿيندي پر ساڳئي وقت ٻارن جو مانسڪ وڪاس ٿيندو؛ منوبل وڌندو.

ان عمر جي ٻارن جو من ڪومل ۽ ڪچڙو ٿئي ٿو ۽ جيڪي اثر اِن عرصي ۾ پون ٿا اُهي ساري زندگيءَ ۾ قائم دائم رهن ٿا. ٻارن کي جسماني، دماغي ۽ روحاني ترقي ڪرڻي آهي، اهڙا آدرشي (پڙهائيءَ جا)سرشتا اپنائڻ گهرجن نہ ڪِ ٻار طوطي جيان رٽين ۽ ڪتابي ڪيڙا ٿين.

انگہ اکر ڏيکارين ٿا تہ بجيٽ ۾ تعليم تي گهٽ خرچ ڪيو ٿو وڃي ۽ اِهو ئي ڪارڻ آهي جو تعليم ۾ گهربل سڌارا نہ ٿيا آهن. موجوده سرشتي کي ڦيريو وڃي. تعليم جو مقصد صرف جڙوادي پدارٿ حاصل ڪرڻو نہ آهي بلڪ آتمڪ وڪاس کي وڏي اهميت آهي.

”ٻار آئينده جا اَبا آهن“ ايندڙ وقت جون سموريون جوابداريون بس پيش سندن ڪلهن تي هموار ٿيڻيون آهن. هن جي انتهڪرڻ ـ هڪ ـ جي جاڳرتي پيدا ٿئي جيئن ڪنهن منزل-مقصد تي پهچي سگهي ۽ سڦلتا ناگرڪ ثابت ٿئي.

اِسڪول سماج جو ننڍڙو روپ آهي. اِسڪول لئٽن لفظ ”اِسڪولا“ (Schola) مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ آهي آشرم. Kinder garten جنهن جو Short Form ننڍو اکر ڪي. جي. آهي. ان جي معنيٰ آهي ٻارن جي ڦلواڙي. آشرم ۽ ڦلواڙيءَ جي معنيٰ موجب هلڻو آهي.

هيٺن جي همراه، مسڪينن جي مددگار، مهاودوان ۽ اوچ ڪوٽيءَ جي تعليمدان ۽ ساهتڪار سرڳواسي شري ٿانورداس ليلارام واسواڻي جنهن جو ننڍو نالو ساڌو واسواڻي چيو وڃي ٿو تنهن چيو آهي تہ :

سنڌيءَ جي استعمال جو ڪيتر وچي پيو گهٽجندو ۽ انگريزي ماڌيم زور پڪڙي
رهيو آهي. سنڌي ماڌيم ٻال مندرن جو تعداد بہ اِن ڪري گهٽجي رهيو آهي
چاڪاڻ تہ ڪي سنڌي ۽ انگريزي ماڌيم شروع کان ئي چاهن ٿا جيئن سندن
ٻارن جي انگريزي ماڌيم جي پيڙھ مضبوط ٿئي اِن ڪري اڍائي-ٽن سالن
جي ٻارن کي ''نرسريءَ'' ۾ پڙهائن ٿا.

نرسريءَ ۾، تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ اِشاري
سان سيکاريو ويندو آهي- ويهي رهو- اُٿي بيهو. نہ صرف ايترو پر انگريزي،
هندي ۽ مئٿميٽڪ Mathematics (علم رياضي) جا ڪتاب پڻ ڪورس ۾ رکيل
آهن. علم رياضيءَ کي ڳڻت وديا بہ چوندا آهن. هڪ کان پنجاه تائين انگ
سيکاريا ويندا آهن. انهن ٻارڙن جي عمر ٽي سال هوندي آهي.

نرسريءَ کانپوءِ ٻار ''جونيئر ڪي. جي.'' KG پڙهندا آهن. جولاءِ کان
آڪٽوبر تائين A کان Z تائين اکر سيکاريا ويندا آهن ۽ سڄو سال ان جو دهرا
بہ اُستاد ڪرائيندا رهندا آهن. ڊسمبر، جنوري ۽ فيبروريءَ تائين ننڍي
اي. بي. سي. ۽ وڏي Capital اي.بي.سي. سيکاري ويندي آهي. زباني Oral
ويهي رهو. اُٿي بيهو وغيره اِشارن وسيلي سيکاريو ويندو آهي. هڪ کان س
تائين انگ سي بہ زباني سيکاريندا آهن. جونيئر ڪي. جي. ڪورس ۾ هي
ٽي ڪتاب رکيل آهي. هڪ انگريزي Rainbow English Pre-Primary- ٻيو
وشيہ هندي शिशु गीत ۽ ٽيون وشيہ Mathematics ڪتابن جي ڪافي بدل سدا
ڪئي پيئي وڃي. علم رياضي يا ڳڻت وديا. ٽئن سالن جي عمر جي خيا
کان ڪافي بوج وارو ڪورس چيو ويندو آهي.

جونيئر ڪي. جي. پاس ڪرڻ کانپوءِ ٻار کي سينيئر ڪي. جيءَ ۾ داخ
ملندي آهي. چار ڪتاب تہ رکيل آهن ئي جي آهن :

(1) انگريزي Radiant-Way Primary (2) ''علم رياضي'' مئٿميٽڪس (3
هندي हिन्दी शब्द ज्ञान (4) ڊرائنگ Art activity by stages تنهن کانسواءِ بيت
لاءِ ....Twinkle twinkle little Star.

ڪتابن جو بوج هوندي بہ سموري سکيا دلچسپ نموني ڏني ويندي آهي
Poems سُر سان چوايون ۽ ڳارايون وينديون آهن. راندين روندين کي بہ خا
اهميت ڏني ويندي آهي. انگريزي، هندي، علم رياضيءَ سان گڏوگڏ ڊرائ

سچي تصوير شعر ۾ پيش ڪن ٿا.

سنڌي شاعريءَ جي سلسلي ۾ شاهه صاحب جي مارئيءَ جي صورت ۾ ديش پريمُ اسان جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. دودي چنيسر وارو جنگي داستان سنڌي شاعريءَ جو اوائلي دؤر آهي. سنڌ جي دليريءَ ۽ ديش ڀڳتيءَ تي ڪافي شعر رچيل آهن.

شاهه صاحب چوي ٿو :

''سورهيه ڪڙهن سوڀَ کي، ته دل جا وهم سارِ،
هڻ ڀالا وِڙهُ ڀا ڪرين آڏي ڍال ۾ ڍار،
مٿان تيغ تراران، مار ته متارو ٿيئين.''

شمشير ال حيدري چوي ٿو :

''هڪڙي پاسي بم بارودَ ۽ ٻئي پاسي دل جو دوُد،
بند ڪريو سڀ ساز سرود، جنگ لڳي وئي آهي زوُد.''

اِمداد حسيني شاعر فرمايو آهي :

''مڃيوسين ته سر ساهه هڪڙو ئي آهي-
مڃيوسين ته آهي سندس ملهه مهانگو،
مگر ساٿيو، جانبازو جوانو،
وطن لاءِ هيءَ سؤدو آهي سهانگو.''

شيخ اياز وطن پرستيءَ تي لکندي چوي ٿو :

''اندر منجهه اٿاهه محبت ماروئڙن جي،
پاڇو آهي پرينءَ جو تن جو سهڻو ساهه،
جيڪر چميون چاهه، ڏيان ساري ڏيهه کي.''

اهڙيءَ طرح بين شاعرن اِن صديءَ ۾ ديش ڀڳتيءَ تي ڪافي شعر رچي ملڪي محبت جا مچ ان شاعريءَ ۾ ٻاري وطن پرستيءَ جي ڀاونائن کي اُجاگر ڪيو آهي. سنڌي شاعري ملڪي محبت جي مشعال کڻي اڳتي ۽ اڳتي وڪ وڌائيندي پئي رهي آهي.

ڪشنچند ''بيوس'' اسانجو پهريون شاعر هو جنهن جديد سنڌي شاعريءَ لاءِ هڪ نئين راه کولي- حقيقت نگاريءَ جي راهه. بيوس جو قومي شعر ڌارين جي غلاميءَ خلاف نفرت، ملڪ لاءِ محبت، ايڪتا ۽ قوميت جي جذبي سان

1. Child is the light and life of the nation.
2. Build new India in the dreams and needs of the little ones.
3. Children are the richest treasure of the nation.
4. I am a good child of god so I am fearless.
   I shall always speak the truth.
   I shall always be sweet.
   I shall be loving and helpful.

ٻارن کي تعليم ڏيڻ کانسواءِ ٻه ڳالهيون ٻه ٻڌائڻو آهي- اُهي گڻ آهن- انتظام سان هلڻ، سداچاري ٿيڻ، ديش لاءِ پريم، وقت جو سدا اُپيوڳ ڪرڻ ۽ محنتي ٿيڻ. آدرش ۽ لائق وديارٿي پنهنجي ڪٽنب، سماج ۽ ملڪ لاءِ وڏو سهارو آهي.

سنڌي ڪوتا ۾ ديش ڀڳتي

هندستان 1857 ۾ غلاميءَ جا ٻنڌن ٽوڙڻ لاءِ پهريون دفعو وسيعُ پيماني تي انگريزي حاڪمن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. سامراجين جي ساري زور هئي جو هوُ بغاوت کي دٻائي سگهيا. ليڪن بغاوت جي آگ صفا اُجهامي ڪانه ويئي. اُن مان جا چڻنگ رهجي ويئي سا آهستي آهستي دُکندي هڪ ڀنيت ٻڻجي پيئي، جنهن غلاميءَ جي گهانگهي کي جلائي ڀسم ڪري ڇڏيو.

1857 کان 1947 تائين، 90 سالن جو دؤر هندستان جي اِتهاس ۾ آزاديءَ جو يُگ، سڏجي ٿو. ان دؤر ۾ هندواسين هڪ اهڙيءَ سلطنت سان ٽڪريون کاڌيون جنهن تان سج ڪڏهن به نه لهندو هو. نيٺ 15 آگسٽ 1947 تي ديش آزاد ٿيو.

ساهت سماج جو آئينو آهي، اُهو زماني جي پيدائش آهي. اِنڪري اسان جي ساهت جو اِن يگ جي آزاديءَ جي هلچل کان متاثر ٿيڻ نه فقط سڀاويڪ هو پر اڻٽر به هو. ساهتيه جا ٻه پهلوُ آهن: نثر ۽ نظم. منهنجي موضوع موجب مان رُڳو اُنهن نظم نويسن جو ذڪر ڪندس جن ديش ڀڳتيءَ تي ٻه ڪِلڪِ جي ڪرِت ڪري ديش ڀڳتي ۽ راشٽريه ڀاونا کي اِظهاريو آهي. هند سنڌ ۾ آزاديءَ جي لهر هلي ان لهر کان اسان جا ڪوي ڪافي متاثر ٿيا.

شاعر قوم جا عيوضي آهن. شاعر جاتي ۽ ديش جا فوٽوگرافر آهن. شاعر ديش جا چترڪار آهن. هوُ پنهنجي ڪاويه ڪلا دواران پنهنجي يُگ جي

لڳي لِنوَ لِنوَ ۾ اهڙي لگن،
پل ڪان نہ پلن تنهنجا پاڻ پون.“
پروفيسر ديال آشا شهيدن کي شرڌانجلي ڏيندي چوي ٿو:
”شهادت جو جام جن پيتو، سدائين سي زنده آهن،
هِتي بہ جيت آٽن جي، هُتي پي جيت ٿا پائن.“
اندر پوجواڻيءَ جي اندر ۾ ديش پريم جي دونهي دُکي ٿي اِن ڪري اڄ
جي سياست تي بازاري لفظن جو بہ اظهار پنهنجي تَنهَنِ ۾ ڪري ٿو:
”رن سياست بدچال راڄن ۾ رولو وڃيءَ،
بازاري رن، شل منجهو ڪچيئي ملڪ مان.“
وشنداس پاڳيا ”لڪل“ اڳوانن تي تکي طنز بہ ڪئي آهي :
”ستا لئہ سياست ۾ اڳوان پورو،
ڪري پنهنجو اخلاق قربان پورو،
رکي پنهنجا ساٿي ۽ ووٽرن ڏٺن ۾،
وطن آ آزاد اڙڏن هٿن ۾.“
هند سند جي سنڌي شاعرن ۾ ممتاز درجو والاريندڙ مان هڪ شاعر ارجن
حاسد وقت جي تقاضا هِنَ ريت ڏسي آهي :
”اُٿو اڄ وقت جي آهي تقاضا،
جوانو ديش جي سؤمان خاطر،
وطن جي آن لئہ ايمان خاطر.“
ارجن شاد ملڪي محبت خاطر مرڻ لاءِ بہ تيار آهي.
”مون کي فخر تنهنجي محبت تي آهي،
وطن کان مٿي جنهن کي بيو ڪونہ آهي،
وطن لاءِ مربو، وطن لاءِ رهبو،
نہ پارت جي عزت تي ڪو داغ سهبو.“
نئين ڪوتا جي باني هريش واسواڻيءَ هڪ شعر ”ويهين صديءَ جي هڪ
پڌرائي“ ڪنهن پارتي اڳوان جي ڪڏيل چوندن جي پڌرنامي جو هڪ حصو:
”پوجنائن جي هن يگ ۾ گناهن کي ختم ڪرڻ لاءِ
قيدخانا سڌاريا ۽ وڌايا ويندا

تمثار آهي. ڪيترن موقعن تي، هن جو ديش ڀڳتيءَ تي رچيل شعر ڳايو ويندو آهي. وات مان نڪري ٿو وڃي:

”پهڻ سهندو پٽيون ٽيندو، غلاميءَ ۾ نه گهاريندو،
ڏنو جنهن ڪي نِنڊي هوندي امڙ آزاد اوراڻو.“
”اِها ئي باس باسينديون ته رهجي ملڪ جي عظمت.“

پرسرام ضيا طنز ڪندي ليڊرن جي واتان چوائي ٿو:

”اسان ڪي صرف نالي واسطي تي ليڊري گهرجي،
نه مطلب قوم سان ۽ نا وطن جي بهتري گهرجي.“

سنڌ جي آزاديءَ جي سپاهيءَ ۽ قومي ڪوي هوندراج دکايل پنهنجي وطن سان وداعي ڪندي هيءُ ڪلام ٿو چوي:

”منهنجا ننڊڙا سرڳ! توکي رام رام،
تو وڃان، تو وٽ ڇڏي، تنهنجو تمام،
ڇا ڪٽان، ڇا جي ڪري ۽ ڇو ڪٽان؟“

پدم شري هوندراج ”دکايل“ ڳوٺ ڳوٺ وڃي چارڻ وانگر ڊفلي وڄائي آزاديءَ جا گيت ڳائي عوام ۾ ديش ڀڳتيءَ جي جذبي کي جاڳائيندو هو. حب الوطنيءَ جي شاعريءَ جي سلسلي ۾ هن جو درجو وڏي اهميت رکي ٿو. هن جا قومي ترانا لاثاني آهن.

گوردن محبوباڻي ”ڀارتي“ ڀارت جي مهانتا جي مهما ڳائيندي لکيو آهي:

”هماليه کان ڪنيا ڪماريءَ تائين ڀارت جو،
هر سورهيه سپاهي ڀارت ۾ ناميارو آهي،
مندر مسجد گرجاگهر ۾ گونجي ٿو هيءُ نعرو،
ڀارت ديش اسان کي آهي پراڻن کان به پيارو.“

ڊاڪٽر لکميچند پريم ”اڄ آهه وطن آزاد ٿيو“ ۾ هوءَ صاحب لکي ٿو ته:

زردار ته اڄ رت چوسي ٿو،
نادار ته روئي نوسي ٿو.

ڪيئلداس ”فاني“ ”او منهنجا وطن“ شعر ۾ چوي ٿو ته:

”او منهنجا وطن، دلدار وطن،
ڪيڏا ڪيا پالڻ جا مون جتن،

يا علم ادب لاءِ پيار نہ آهي. ساهتيہ اِنساني سماج جو آئينو آهي ساهتيہ مان ئي اُن قوم جي سڀيتا جي پوري ڄاڻ ملي ٿي. اِن ڪري ساهتيہ کي زندگيءَ کان ڌار ڪري ڏسي نہ سگهبو. ساهتيہ املهہ خزانو آهي.

ساهتيہ لفظ ۾ سهت-ڀاو سمايل هوندو آهي. ساهتيہ[16] اِنسان جي جذبات جي مڪمل ترجماني ڪري ٿو. ساهتيہ ۾ 'ستيہ، شِوءِ سندر' سمايل آهي. انسان جون ڀاونائون اِظهاري ٿو. ادب اِظهار جي اڪ آهي. سک دک، جيت هار، نفرت، محبت وغيره جذبات جا چِٽر چِٽي ٿو. سنڌي جيوت جي ڄاڻ ڏئي ٿو.

هر ٻوليءَ کي پنهنجو پنهنجو ساهتيہ آهي. ساهتيہ ديش ۽ قوم جي آتما آهي. ساهتيہ سنسڪرتيءَ جو هڪ مورت روپ آهي. ساهتيڪار سماج جو چِٽر چِٽي ٿو ۽ رهبري ڪري ٿو. ساهتيڪار سماج سڌارڪ بہ آهي. اِنسان هڪ سماجڪ ساهوارو آهي. سماج سمنڊ مثل آهي. سماج جي عام ماڻهن کي صحيح رهنمائي نہ ٿي ملي. ڪن تصنيفن ۾ واسنا، آزاديءَ بدران ڇڙواڳي، اخلاق جي بدران بداخلاقي سمايل هوندي آهي.

ڪي ساهتيڪار اهڙا آهن جي پاڻ لکن ٿا ۽ پاڻ سمجهن ٿا نہ عام ماڻهن ۾ دلچسپي ڪيئن پيدا ٿيندي؟ ساهتيہ جي معنيٰ آهي س + هِت. ڀلي عام ماڻهن جو ڀلو. لکڻ مهل وٺيون وڃوٽيون ڇو؟

اِن ڪري عام ماڻهو، اهڙي ساهتيہ جي مطالعي کان ونءُ ٿين ٿا. وڌيڪ عام ماڻهن جو تہ سوال ئي پيو آهي.

ساهتيڪارن جا ڪيترا ئي ڪتاب سنڌي ساهتيہ جو ذخيرو آهن پر انهن ڪتابن جي عام ماڻهو قدرشناسي نہ ٿا ڪن. ساهتيڪار پاڻ پتوڙي، اڻ نچوئي، صحت سان کيلي ڪلڪراني تہ ڪن ٿا پر سنڌي عام ماڻهن کي فرصت ئي ڪٿي آهي؟ پستڪالين ۾ ساهتيہ جو مطالعو بہ نہ ڪرڻو آهي ساهتيہ خريد بہ نہ ڪرڻو آهي تہ پوءِ ڪيئن نہ مانائيءَ جي مُهر لڳندي؟ عام ماڻهن ۾ گهرائي ڪانهي. جڻ پوسائيل فضا آهي. جڻ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جو گلو گُهٽجي رهيو آهي.

عظيم درجو عطا ڪيل اديب علم ادب سان وڏو وڙ ڪري رهيا آهن. ڳاڻ ڳڻيا عام ماڻهو آهن جيڪي ليکڪن ۽ شاعرن جي ڏڪئي نثر خواهہ نظم کي سمجهي سگهن ٿا.

اِنسانن کي آجو رکيو ويندو
صرف احساس ۽ ايمان گرفتار ڪيا ويندا
پابند ۽ چئيوان، ايمان ۽ احساس مهانگين قيمتن تي
خريد ڪري چڙيا گهرن ۾ سجايا ويندا...''

هن ڪوتا ۾ صاف صاف اِظهاريل آهي ته ديش ڀڳتي ڪن سياستدانن وٽان ڀَرَ ڪري اڱامي ويئي آهي.

هند سنڌ جي عظيم شاعرن ۾ هڪ شاعر واسديو موهيءَ قدرت ذريعي جذبن کي اِظهاريو آهي :

اپاهج کيت چوڌاري ڏسان ٿو،
اکين ۾ سوڪ، هاري کو لڳان ٿو.

ڀڳوان نردوش جي هڪ مثنوي آهي :

''وطن لاءِ مرڻ جي رکون آرزو،
رکي جيئڻ سگهون ديش جي آبرو.''

ڪشن خوبچنداڻي ''رنجايل' جي غزل جو هڪ بند :

''هجن سر سوين جي کپائي ڇڏيون،
اچو کائون اهڙو اسان اڄ قسم.''

ديش ڀڳتيءَ جي وشيه تي بين ڪيترن ئي شاعرن شعر رَچيا آهن پر وقت جي محدودگيءَ سبب انهن شاعرن جا نالا نه ڏيئي سگهيو آهيان اِن لاءِ معافي طلبگار آهيان.

اِهو ضروري آهي ته اسان قوميت ڌاريون. اسان کي هڪ ئي قومي جهنڊي، قومي گيت ۽ قومي ٻوليءَ لاءِ آدر هئڻ گهرجي. ديش ڀڳتي اِنسان جو اُتم گڻ آهي. ديش جا گهڙا پرڻ ۽ ملڪ جو ماڻ مٿي ڪرڻ لاءِ اچو ته هڪ تي هلون؛ اِهو ئي سنديش آهي شاعرن جو.

عام ماڻهو ۽ سنڌي ساهتيه

اُها قوم سڌريل يا اڳتي وڌندڙ نه چئي سگهبي، جنهن کي پنهنجي ساهت

اوهان خوبصورت ويب پيج ناهي سگهو ٿا. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۽ ثقافتي ورثي کي جديد دؤر ۾ محفوظ رکي سگهجي ٿو. سنڌي ادب کي وڏيڪ ترقي وٺائي سگهجي ٿي. دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هڪ ٻئي سان رابطو اِي-ميل (e-mail) ذريعي رکي سگهجي ٿو. سنڌي پارٽي آريہ ٻولي آهي.

محمد ابراهيم جو رايو آهي تہ ”جڏهن ڪا قوم پنهنجي شخصيت کان باخبر ٿيندي آهي، تڏهن اُن جو ڀهريون ڏيان پنهنجي تواريخ ۽ ٻوليءَ ڏانهن ويندو آهي.“ پر ڏک سان چوڻو پوي ٿو تہ اڄ گهڻا سنڌي پنهنجي مادري ٻولي، ساهتيہ، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ ڏانهن باخبر نہ جڻ بيخبر آهن.

سوجهہ ٻوجهہ جي پرڪريا گهرجي. عوام ۾ چيتنا Consciousness اچڻ گهرجي تہ سنڌيت جو ننگہ ماتا جو ننگہ آهي. ناموافق ماحول جي باوجود آشاوادي نظريو اپنائڻو آهي. سنڌيت جو آواز بلند ڪرڻو آهي. سنڌين جي اڏڪارن لاءِ بہ ڪافي جدوجهد ڪرڻي آهي. ڳالهين سان ڳوڻ نہ ٻڌبا آهن. اچو تہ پرتگيا ڪريون تہ عملي ڪاريہ ڪري سنڌيت جي جوت جلائينداسين.

سليس ۽ سپڪ سنڌي هجي، اصطلاحي ۽ عبارت عمدي هجي، خالص سنڌي اکر هجن. عام ماڻهن کي روحاني ۽ دماغي ترقي ملي، طراوت ملي. وزنائتا ويچار هجن نہ ڪر وڙ وڪڙ وارا. قوميت ۽ ڪشادهہ دلي ڪوٽان ڪوٽ ڀريل هجي. ماحول مايوس ماري، اعليٰ آدرش، چرتر نرماڻ، پنگتي اوٽاين لاءِ عملي رٿائون، تعليمي سڌارا، برين رسمن کي هٽائڻ، نفاق ۽ ناسازي جي وايومنڊل کان پري هجن. ڪتاب نت نوان لڳن، عام ماڻهن جي صحيح معنيٰ ۾ رهنمائي ڪن. ڪٽنبي جيون ۾ گهپي ۽ ڪلڪل سبب پيدا ٿيندڙ مسئلن جو حل هجي، اوکہ ڏوکہ ۽ چندچاڻ ڪيل هجي، سکيائن جو گويا چشمو هجي، پريرٽائن جو روشن منار هجي. آرٽڪ، ٻوليوار ۽ پرانتڪ، ڌارمڪ سماجڪ ويڇا نہ وڌن.

عالم ۽ اديب ساهتيہ کي مالامال تہ ڪن ٿا. حقيقت ۾ هڪ اوچ ڪوٽيءَ جو ساهتيڪار هڪ وڏي سماج جو، عام ماڻهن جو، پاڇو آهي ان جي قلم ۾ ڪا اهڙي جهڙي شڪتي سمايل نہ آهي! عام ماڻهن کي حقيقت شناس ٿيڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. بي ساجهہ عام ماڻهن ۾ ساجهہ ۽ سنڌي ساهتيہ جي سوجهہ ٻوجهہ پيدا ڪري ٿو. عام ماڻهن ۾ جاڳرتي جو جذبو جاڳائي ٿو. انتهڪرڻ ۾

عام ماڻهن کي سنڌي ساهتيہ لاءِ صدق پيدا ڪرڻ جو اهم رول، سنڌي
اخبارون بہ ادا ڪري سگهن ٿيون. اِن سلسلي ۾ تعليم پڻ مکيہ وسيلو آهي
عام ماڻهن ۾ چيتنا ڪاڻهي.

ڀارت جي سيني ڀاڱن ۾ سنڌي ٿورائيءَ واري ٻولي هئڻ سبب تعليم جي
ڪنهن نہ ڪنهن سطح تي سنڌي شاگردن کي سنڌي ماڌيم ڇڏڻو پوي ٿو. اِن
ڪري هو شروع کان ئي سنڌي ماڌيم کان ڪنارو ڪن ٿا. اِن ڪانسواءِ سنڌي
اِسڪولن جون اڻپوريون سهوليتون، گهٽيل معيار پڻ سنڌيءَ ۾ چاهہ نہ وٺڻ جا
ٻيا سبب رهيا آهن. اثرائتي نموني سنڌي پاڙهڻ لاءِ قابل ماسترن ۽ پاڙهڻ
جي ساڌنن جي ڪافي اڻاٺ آهي. اِن هوندي بہ شاگرد سنڌي ماڌيم ذريعي
تعليم حاصل ڪن ٿا ۽ سني سيڪڙي سان پاس ٿين ٿا.

هڪ ودوان چيو آهي تہ جنهن قوم کي پنهنجي ڪلا، ساهت ۽ سنسڪرتي
ڪانهي اُها قوم زنده نہ ٿي رهي سگهي. اِهو رايو بلڪل صحيح آهي تہ قوم
اُها زنده آهي ۽ امر رهي ٿي جنهن وٽ پنهنجي ڪلا آهي. اسان سنڌين وٽ
جهنجي قديم ڪلا جهڙوڪ : نرتيہ، سنگيت ۽ گيت وغيره ڪلائون آهن
پراچين سڀيتا Civilization ۽ سنسڪرتي Culture موجود آهي.

سنسڪرتيءَ جي معنيٰ آهي ڪنهن شخص، جاتي، ديش وغيره جون اُهي
سڀ ڳالهيون جو انهن جو من، چاهہ، آچار-ويچار، ڪلا ڪوشل توڙي سڀيتا
جي کيتر ۾ ٻوڌڪ وڪاس جو سوچڪ هوندو آهي. سنسڪرتيءَ جون لفظي
معنائون آهن: تهذيب، سڌارو، ترتيب. سنسڪرتي لفظ ڪم آڻڻ وقت اسان
جي اڳيان ڪنهن بہ قوم جون ريتيہ ن-رسمون، رهڻي-ڪهڻي، پرم-سنسا
وشواس ۽ ڀاونائون ازخود اچي بيهنديون.

سڀيتا جي معنيٰ آهي ڪنهن ديس، جاتيءَ جون اُهي سڀ ڳالهيون جيڪي
ان جي سڌانت ۽ وڪاس جون سوچڪ هونديون آهن. سڀيتا جي اِها بہ معنيٰ
آهي پراچين ڌرم، اوچ، تعليم وغيره بابت ڳالهيون. سڀيتا جون ٻيون ه
معنائون آهن - سڌارو، تمدن، تهذيب، اخلاق مطلب سنسڪرتي Culture
سڀيتا Civilization جي معنيٰ ۾ تفاوت آهي.

ٻولي سنسڪرتيءَ جو مکيہ انش آهي. توهان کي اِها بخوبي ڄاڻ آهي
هاڻي سنڌي ٻولي آسانيءَ سان اِنٽرنيٽ تي پڙهي سگهجي ٿي. ان ڪانسو

(4) کاڌو بدل سدل ڪري کائجي جيئن هر قسم جي طاقت جا جزا ملن ۽ کاڌي مان سواد بہ اچي. طاقت جا الڳ الڳ جزا بدن کي هر قسم جي طاقت بخشين ٿا.

(5) چشڪو نقصانڪار آهي تنهن ڪري گهڻي مرچ مصالح وارو کاڌو ورتائڻ نہ گهرجي. کٽاڻ يا آچار بہ تندرستي ڊاهي ٿو. تندرستيءَ جو وڏي ۾ وڏو ويري چشڪو آهي.

(6) گهميل ۽ بازاري رکيل شين کائڻ کان پاسو ڪجي. ٺڌيون شيون کائڻ سان بدهاضمو ٿيندو آهي. بازاري کاڌو ملاوتي هئڻ سبب هاضمي کي ڇيهو رسائيندو آهي.

(7) گهڻو مناڻ بہ نہ کائجي. گهڻو مناڻ کائڻ سان سرير ڦيڦو ٿيندو آهي. ڪيترين بيمارين ٿيڻ جو امڪان رهي ٿو.

(8) کاڌو چڱيءَ طرح چباڙي کائجي جيئن جلد هضم ٿئي ۽ معدو ڪمزور نہ ٿئي. چباڙي کائڻ سان کاڌي مان لذت بہ ايندي آهي.

(9) نشيدار شين کان پري ڀڄجي. اهڙو کاڌو بدن جي رڳن، عضون وغيره کي ڪمزور ڪندو آهي. اهڙا ماڻهو بعضي موت جي ڄڀي ۾ بہ اچي ويندا آهن.

(10) دير هضم ۽ ڳرو کاڌو نہ کائجي. اِن سبب بدهاضمو ٿيندو آهي. بدهاضمو گهڻين بيمارين جي جڙ آهي.

مٿين نيمن جي پيروي ڪرڻ ڪانسواءِ هيءُ ڳالهيون بہ ڌيان ۾ رکڻ کپن- کاڌو اُهو کائجي جيڪو طبيعت تي ڀاءِ پوي. جوانيءَ واريءَ عمر ۾ جيڪو کاڌو سولائيءَ سان هضم ڪري سگهبو آهي سو ٻڍاپي ۾ بدهاضمو پيدا ڪندو، تنهن ڪري عمر کي خيال ۾ رکي کاڌو کائجي. کاڌو ڪم ۽ آبهوا تي بہ مدار تو رکي. ننڌ وقت نہ کائجي. کائي يڪدم سمهي نہ پئجي. ورت رکڻ بہ فائديمند آهي. ورت رکڻ سان پيٽ کي آرام ملي ٿو ۽ هاضمو سنو ٿئي ٿو.

تندرستيءَ جي مٿين اصلهہ نيمن جو پالن ڪرڻ سان سرير سگهارو رهندو. نہ طبيبن تات پئبو نہ وئديہ جي ور چڙهبو. بيمارين جي پيڙا کان بہ بچبو. پيسي جي خرچ جو بہ بچاءُ ٿيندو. صحتمند ماڻهو دنيا جي مصيبتن کي بہ منهن ڏيئي سگهندو. وڏي عمر بہ ماڻي سگهندو. تندرستي قائم هوندي تہ رکي روٽي بہ پيئي وڻندي، سيني [illegible] جو آنند وٺي سگهندو. چوندا آهن،

هڪ اهڙي پاونا اچي جيئن ڪنهن منزل مقصد تي پهچي سگهي ائين عا
ماڻهو به چاهي ٿو.

اسان جو سنڌي ساهتيہ هندستان جي ڪنهن به ٻئي پرانت جي ساهت
کان گهٽ نہ آهي.

کاڌي جي پرهيز

دنيا ۾ ڪي شيون اهڙيون آهن جي پيسي سان خريد ڪري نٿيون سگهج
مثلا تندرستي، حياتي ۽ وقت. حياتي بيحد مني ۽ پياري آهي. ايشور ج
سڀ کان وڏيڪ نعمت حياتي آهي. حياتي يا زندگيءَ ۾ تندرستي مکيہ ۽ م
ڳالهہ آهي. صحت سٺي هوندي تہ زندگيءَ مان مزو پيو ايندو. سياڻن ج
آهي، ''جيءُ خوش تہ جهان خوش.''

تندرست رهڻ لاءِ کاڌي جي پوري پرهيز رکڻ ضروري آهي. جيڪو کا
جي سنڀال نہ ٿو ڪري تنهن کي ڪا نہ ڪا بيماري ٿيندي رهي ٿي. بدپر
رهڻ سان بيماريون منهن ڪڍي بهن ٿيون. مطلب تہ کاڌي ۾ پل تي نہ آ
۽ ماڻهو بيمار ٿيو نہ آهي. بدپرهيز ماڻهن کي ڊاڪٽرن جو در وري و
کڙڪائڻو پوي ٿو.

بيمارين کان بچڻ لاءِ ۽ تندرستي قائم رکڻ لاءِ کاڌي جي باري ۾ هي
نيمن تي عمل ڪرڻ کپي.

(1) کاڌو مقرر وقتن تي کائجي. ڪي ماڻهو سڄو ڏينهن چر چر ڪ
آهن. اهڙن ماڻهن جو کاڌو پورو هضم ڪين ٿيندو. مقرر وقتن تي ۽ بکہ
کائڻ سان کاڌو وڻندو آهي. چوندا آهن، ''بکہ ۾ بصر بہ منا.''

(2) کاڌو گهرج کان گهٽ کائجي. پيٽ ڀري کائڻ سان سستي ٿي
آهي. کاڌو سوادي لڳندي ئي گهڻا ماڻهو هبچ ڪري کائيندا آهن.
کائجي جيترو هضم ٿي سگهي.

(3) کاڌو پورو پڪل ۽ چڱيءَ طرح رڌل کائجي. تريل ۽ گهٽي سٽي
کاڌي کائڻ سان معدو خراب ٿيندو آهي. ڪچو کاڌو کائڻ سان پيٽ ۾
ٿيندو آهي

ساڌو هيرانند نارمل اِسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ 1875ع واري امتحان ۾ پهريون نمبر آيو. ننڍي عمر سبب مئٽرڪ اِمتحان ڏيئي نہ سگهيو ۽ وڌيڪ پڙهائيءَ لاءِ کيس ڪلڪتي موڪليو ويو ۽ ويهن ورهين جي عمر ۾ بي. اي. پاس ڪري حيدرآباد سنڌ ڏانهن واپس وريو.

سرڪاري نوڪريءَ ۾ ٻڌڻ ۽ محتاجي آهي تنهن ڪري ان جي نالي ڪان بہ ونءُ ويندو هو. ڪلڪتي ۾ رهندي هن جو ميلاپ برهمو سماج جي هرتا ڪرتا شري ڪيشب چندرسين سان ٿيو ۽ هن جو ڪچڙو هردو پارس سان ملي سون ٿي ويو. برهمو سماج جا اُصول هن کي ڪافي پسند پيا. وقت ملندوهوس تہ دکشينشور ڏانهن وڃي رامڪرشن پرمهنس جو درشن ڪري پنهنجو من ناريندو هو. ننڍي وهيءَ ۾ ئي وڏن وڏن عالمن، جهڙوڪ ايشور چندر وديا ساگر، ڪيشب چندرسين ۽ رامڪرشن پرمهنس سان گيان جي ڳوڙهين ڳالهين تي بحث ڪندو هو. ساڌو هيرانند ٻالڪ دادا واسوائيءَ کي بيحد وڻندو هو. ڪيشب چندرسين جي ماتا شاردا سندري، هيرانند کي پٽ جيان پيائيندي هئي. بيمار پيئي تہ 21 ڏينهن هن جي شيوا ڪيائين.

1887ع ۾ سنڌ ۾ اچڻ ڪانپوءِ هن حيدرآباد ۾ برهمو سماج جي شاخا کولي ان سان گڏ هوميوپٿي دوائن جي ڪم آڻڻ جو پڻ علم پرايائين ۽ زناني اِسپتال جو کيس سيڪريٽري چونڊيو ويو. پورب جنم جي ڪرمن ڪري ۽ ايشور جي مهر ميا سان هن ۾ سٺن ڪرمن جا سنسڪار اڳ ۾ ئي پئجي چڪا هئا ۽ ان سان گڏ اديبن ۽ سنتن جو سنگ کيس نصيب ٿيو هو ۽ حيدرآباد ۾ سماجي ۽ پنگتي ڪمن ۾ جنبي ويو.

هوُ هڪ ڊاڪٽر، اُستاد، تعليمي ڄاڻو، سماج سڌارڪ، آچاريہ، سچ جو ڳانڪي، آدرش وادي، پراُپڪاري، سچو سنت،ايشور ڀڳت ۽ نسوارٿ ڪم ڪرڻ جي لڳن وارومنش هو. ڪراچيءَ جي پرسان منگهيپير ۾ ڪوڙهين لاءِ اِسپتال کوليائين.

ساڌو هيرانند رشي ڏيارام گدومل جي صلاح ۽ آشيرواد سان ڪراچيءَ ۾ سنڌ سڌار اخبار جي سمپادڪيءَ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. ان وقت کيس اهڙي نازڪ ڪم جو رتيءَ پر بہ آزمودو ڪونہ هو. جڏهن پاڻ ۾ همٿ سمجهيائين تہ هڪ انگريزي اخبار سنڌ ٽائيمس جو ڪاريہ هٿ ۾ ڪنيائين ۽ ان جو سمپادڪ

”هڪ تندرستي هزار نعمت.“
کائڻ لاءِ عمدا طعام هجن، پهرڻ لاءِ سنا ڪپڙا هجن ۽ رهڻ لاءِ بنگلا ماڙيو
هجن پر هڪ تندرستي نه هجي ته اِهي سڀ ڪهڙي ڪم جا؟ اِهي سڀ ج
ڏُک پيا لڳندا. بيمار ۽ روڳي ماڻهوءَ کي ڪجهه به نه وڻندو آهي. ان جو بد
نبل هوندو آهي. نبل اِنسان حياتيءَ ۾ سڦل ڪيئن ٿيندو؟ اِنسان جي تن
من ۾ چستي ۽ مستي ڪيئن رهندي.

چستيءَ ۽ مستيءَ بنا زندگي ڪهڙي؟

تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته کاڄ پيئڄ جي ڪم ۾ بي‌پرواهي ۽ غلط
نه ڪريون. جهڙيءَ طرح پنهنجي بدن جي ٻاهرئين ٺاهه ٺوهه ۽ هار سينگ
ڌانهن ڌيان ٿا ڏيون اهڙيءَ طرح کاڌي پيتي جي نيمن موجب هلو
بدپرهيزيءَ کان دور رهون ۽ تندرست گذاريون.

مطلب ته صحت ۾ ئي سچي سونهن سمجهون.

ساڌو هيرانند

ماڻهو مڙيئي نه سهڻا، پکي مڙيئي نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

سنت ۽ ساڌو سنسار جا سرتاج آهن، پريوءَ جا اوتار آهن. سنتن ۽ ساڌن
جيون چرتر روشن منار جيان روحاني راهه جي پانڌيئڙن جي راهه روشن ڪن
سونهاري سنڌ ڪئين صوفي سنت، سنت، ديش ڀڳت پيدا ڪيا آهن ان
مان ساڌو هيرانند به هڪ هو.

حيدرآباد سنڌ عالمن، اديبن ۽ سنڌ ورڪين جو مهانگر چئجي. ساڌو هيرا
جو جنم 23 مارچ، 1863ع ۾ شري شونقيرام آڏواڻيءَ جو جنم حيدرآباد
۾ ٿيو. هن جو پتا وچولي درجي واري ڪٽنب مان هو. ماتا پتا جي ڌار
سنسڪارن جو ٻالڪ هيرانند تي ڪافي اثر پيو. هن جو پتا شونقيرام ته ش
گرواڻيءَ تي وياکيان ڪندو هو. هيرانند جو وڏو ڀاءُ نولراءِ، جو پڻ اُتم ڪ
ڪري ساڌو نولراءِ جي نالي سان پرسڌ ٿيو. هن جي شادي سورهن سالن
عمر ۾ ٿي.

وقت سندس عمر فقط 30 ورهيہ هئي. حيدرآباد ۾ غم جي لهر ڇانئجي ويئي. ساڌو هيرانند ثابت ڪري ڏيکاريو تہ نڪمي وڏي حياتيءَ کان ڪمائتي ٿوري حياتي اُتم آهي.

سچل سرمست

سنڌي صوفين جي سرتاج سچلَ سرمست جو جنم سنہ 1739ع ۾ خيرپور ميرس سنڌ جي درازن ڳوٺ ۾ فقير صلاح الدين جي گھر ٿيو. سچلَ جو اصل نالو ميان عبدالوهاب هو، پر ننڍي هوندي مائٽ کيس سچيڏنو چوندا هئا. پاڻ سچلَ بہ پنهنجو تخلصُ ڪِٿي سچوُ، ڪٿي سچلُ تہ ڪٿي سچيڏنو ڪتب آندو آهي. ''راز ناهہ'' ۽ ''رهبر ناهہ'' ۾ پنهنجو تخلصُ ''خُدائي'' پڻ لکيو اٿس ۽ پارسي ڪلام ''ديوان آشڪارا'' ۾ پاڻ کي ''آشڪارا'' جي تخلصَ سان سڏيو اَٿس.

سچلَ جي والد جلد ئي وفات ڪئي تنهن ڪري سندس پرورش چاچي عبدالحق ڪئي. ميان عبدالحق پاڻ بہ فقير تن هو. هن ئي سچلَ جي رهنمائي ڪئي ۽ سچلَ کيس پنهنجو مرشد ڪري مڃيو آهي:

''مرشد هاديءَ عبدالحق جي وَتِ پُنيءَ پيناڙُ لڳو،
سچوُ حجاب ويا هڪ ٿياسين دم بہ دم ديدارُ لڳو.''

ميان عبدالحق کيس پنهنجي ڌيءُ سان نڪاح ڪرايو. اِن حساب سان فقير عبدالحق سچلَ جو چاچو، سهرو ۽ مرشدُ هو. شادي ڪرڻ کان بہ سال پوءِ ستت ئي سچلَ سائينءَ جي عوَرت گذر ڪري ويئي. وري هن ٻي شادي نہ ڪئي.

سچلَ سائينءَ تي صوفي سِرتاج منصور حلاج جو ڪافي اثر هو. منصور وانگر هن يارَ بہ حق جو نعرو هنيو. سچلَ ''اناالحق'' يعني مان خدا آهيان جو نعرو هنيو ۽ پنهنجي مرشدَ عبدالحق کي ''خدا'' چيو اٿائين.

سچلُ جڏهن پنجن سالن جي عمر جو هو تہ شاهہ عبداللطيفُ درازن جي ڳوٺ ۾ ويو هو. هن سچلَ کي ڏسندي ئي چيو، ''اسان جيڪو ڪُنو چاڙهيو آهي تنهن جو ڍڪڻُ هيِ لاهيندو.'' شاهہ صاحب جي اڳڪٿي سچي ثابت ٿي. سچل سرمست ئي تصَوف جي ڪُني جو ڍڪُ لاهڻَ جي جريت ڪئي. رهسيہ واد ۽ تصوف محض بہ هم معنيٰ لفظ آهن.

تي رهيو. ٻارن ۽ زالن کي سڌارڻ جي خيال کان سرسوتي سنڌيءَ ۾ سڌار
پتريڪا ڳرمکيءَ ۾ ڇپائڻ شروع ڪيائين. پنهنجن ساٿين سان گڏجي سماج
سڌار منڊليون برپا ڪيائين.

ساڌو هيرانند جي عمر ڏاڍي ننڍي هئي پر هن جا ڪم بلند هئا. هو
اِنساني چولي ۾ ديوتا هو ۽ سندس نسوارت ڪم ڪرڻ جي شڪتي اديت
هئي. پنهنجين اخبارن ذريعي پنگتي براين کي تڙي ڪڍڻ لاءِ هن ليک ۽ ٽيڪائون
لکيون. سندس عقيدو هو ته ٻارن ۾ ڪچيءَ ۾ سنا سنسڪار وجهي اُنهن کي لائق نا
رڪ بڻائجي. هن اهڙيءَ آدرشي ودِيا جو حيدرآباد سنڌ ۾ پايو وڌو.

ساڌو هيرانند ۽ رشي ڏيارام گدومل کي اون تي ته ڇوڪرين لاءِ جدا اِسڪول
کولجن. آخر هنن صاحبن جي اَتڪ ڪوشش ڪري سندن لايا سڄايا تيا
ساڌو نولراءِ، تاراچند موتيرام ۽ پرپداس جي سهايتا سان ڇوڪرين لاءِ جد
اِسڪول اِسٿاپن ڪيو ويو. زناني نارمل اِسڪول ۾ وڃي سنڌي پاڙهيندو هو.

هن اِسڪولن ۾ ودوا ڀينرن ڏانهن ماليءَ طور مدد جو هٿ ڊگهيڙڻ لا
انهن کي اِسڪول ۾ نوڪريءَ ۾ رکي سندن مالي حالت سڌاري سندن اونداهي
جيون ۾ روشنيءَ جو ترورو آندو. شروعات ۾ ڪيس انيڪ ڪنايون ڏسٽيون
پيبيون ۽ مٿس خنده‌زني تي پر مانجهي مڙس انهن جي پرواه ڪتي تا ڪن
ڀينرن لاءِ هن ڪجهه ناري شالائون کوليون جن ۾ سبڻ پرڻ جو ڪم ٻه شام
ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت هن نوجوان سماج جي جيڪا شيوا ڪئي سان ڪنه
کان ٻه وسرڻ جي نه آهي.

حيدرآباد شهر ۾ رهي، شهر جي ڇوڪرن جي ٻچڙن ڪرتوتن ڏسڻ ڪر
کيس اَرمان ٿيو. دوستن جي صلاح سان يونين ائڪيڊميءَ جو پايو ان مر
سان وڌائين جيئن ڇوڪرن کي چڱا لڇڻ سيکارجن ۽ انهن کي فضول خرچ
ڪوڙ، فاحش گفتگو ۽ ٻين علتن کان ڇڏائجي.

رامڪرشن پرمهنس جي آگيا سان ساڌو هيرانند ۽ نريندر (سوامي وويڪانن
جو ۾ گيان جو وارتالاپ ٿيو. شري رامڪرشن پرمهنس چيو ته هيءَ ڇوڪ
ڪيترو نه ڏيرجوان آهي. ان وقت ساڌو هيرانند جي عمر 23 سال هئي.

1883ع ۾ هو پنهنجي ٻالڪيءَ جي پڙهائيءَ لاءِ بانڪيپور روانو ٿيو. ته
تيز بخار سبب 14 جولاءِ 1893ع تي شام جو 4 بجي اوچته گذاري ويو.

شاعرن مجازَ کي حقيقت جي پُل ڪري ميڄيو آهي. هر چيز جو ذاتي وجود عشقُ آهي.

”جلوه عشقَ جو عرض ورس تي، سَرِ زمين چا زيرِ زمين.“

سچلَ جي ڪلامَ ۾ اکين جي جادوءَ، وارن جي ظلمَ ۽ چپن جي خلمَ جو ڪافي بَيان ڪيو آهي. هو عشقَ جو اِظهارُ ڪندي مستيءَ ۾ اچي چوندو هو:

”سچلَ پنڌ عشق جا سچا، بيا ڪل پنڌ اجايا.“

سچلُ چوي ٿو : ”عاشقُ نام سڏاوڻُ سوکا، اؤکا اُس پر رهڻا هئہ.“

سچلَ حقيقي عشقَ جي فِلسفہ کي سمجھائڻ لاءِ، جامَ، ساقي، مَئہ، ميخاني جو بيان ڪيو آهي. سچلَ کي ”حافظ درازي“ ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. ايراني شاعر حافظَ جي ڪلامِ واري مستي سندس ڪلام ۾ آهي. هو چوي ٿو تہ اِنسان جي دل ۾ سچو عشقُ جاڳيو تہ هو ظاهري عبادت کي ويجھو ئي نہ ويندو.

سچلَ جي ساڌنا پڌتي عشقُ آهي. اِن ئي راهہ تي هلندي هن محبوب جو مُشاهدو ماڻيو. عقلَ کان وڌيڪ اهميتَ عشقَ کي ڏني اَٿائين. مالڪَ جي مُحبت ئي سچي آهي. بيون دنيوي ڳالهيون سڀ ڪوڙيون آهن. سندس خيال موجب عشقُ سدائين جَوان آهي.

”جيئڻ آهي جڳ ۾ بنا عشق عذاب.“

عشقُ ئي سچلَ جي زندگي هو، عشقُ ئي سندس مذهبُ هو. سچلُ سائين پنهنجي دؤر جو هڪ بيباڪ ۽ ترقي پسند شاعر هو. هوُ چوي ٿو :

”توڙِ رواج ۽ رسمون ساريون، مردُ ٿئي مردانو،
پاڻ بيگانو مول نہ ڄاڻين، آهين يار يگانو.“

اڄ جيڪڏهن اٿاٽ آهي تہ عشقَ جي، پريم دواران ڪيترا ئي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. پريمُ ڪشاده دلي آڻي ٿو. عشقُ ايشوري امانت آهي.

”عشق امانت خاص الله جي، دل کي ڏي فراخي.“

سچلَ مُلن مؤلوين جي تعصب کي تہ ننديو آهي پر هندن کي بہ تاڪيد ڪري ٿو تہ بلاشڪ جپ صاحب جو پاٺ ڪريو مگر قرب جي ڪپ سان نفرت جي سلي کي ڪَٽي ڇڏيو. صرف پاٺ پڙهڻ سان ڪجھہ ڪين ٿيندو : اِسلام موجب بندو الله کان جدا آهي. مگر سچلُ سائين حقيقت شناس ٿي

منصور وانگر سچل سائينءَ جي به ڪن مخالفتين مخالفت ڪئي پر سچ
سائين ثابت قدم رهيو. هن پنهنجي ڪلامَ ۾ چيو:

''سچُ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٺي نه وٺي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دمُ ٻٽي نه ٻٽي.''

منصور حلاج سچل سائينءَ جو آدرش هو. پنهنجي ڪلام ۾ هن منصور جو
ور ور ذڪر ڪيو آهي.

سچلُ سوادي ڪاڏو ڪين ڪائيندو هو. اَيوڳي روٽي ڪائيندو هو. مٿي تي
ٽوپيءَ بدن تي گوڏن تائين ڦردني پهريندو هو. پاڻ ئي چوي ٿو:

''همنَ ڪو خشڪُ روٽي بس، ڪمر ڪو يڪ لنگوٽي بس،
سِري پر ايڪ ٽوپي بس، همن ڪو لذتان ڪيا ڙي.''

هڪ دفعي حيدرآباد سنڌ جي هڪ ديوان کي ميرن جيل ۾ بند ڪيو. اِ
ديوانَ جي مترن سچلَ سائينءَ جي مرشد سائين پير عبدالحق کي عرض
ڪيو ته ميرن کي چئي ديوان کي آزاد ڪرايو. سائين عبدالحق اِن ڪم
سچلَ سائينءَ کي خيرپور ميرن وٽ موڪليو. ميرن سچلَ جي آجيان ڪئي
ميرن ڪيس هٿيار ڏيکاريندي چيو ته اِنهن سان هو شينهنِ جو شڪار ڪند
آهن. اِهو ٻڌي سچل آکيو نه ڇا توهان شينهنِ جو شڪار ڪندا آهيو!

اِتي ئي اوچتو ميرن ڏٺو ته سچلُ غائب آهيءَ اُن جاءِ تي ڪين هڪ شينه
نظر آيو. شينهنَ کي ڏسي هنن ڪان رڙ نڪري ويئي. ڪجهه وقت بعد ڏسن
اُتي سچل سائين ويٺو آهي. اِهو ڪوتڪ ڏسي ميرَ دنگ رهجي ويا، هنن سچ
جي حڪمَ موجب اِن ديوان کي جيل مان آزاد ڪيو. سچلُ سائين روحان
شڪتيءَ جو مالڪ هو. سچلُ تيرهن سالن جو هو جڏهن شاهه وفات ڪئي.

سچلُ ننڍي هوندي ئي اڪيلائي پسند ڪندو هو. جهنگل ۾ وڃي وٽن ج
هيٺان عبادت ڪندو هو. جيئن وڏو ٿيو ته ڪيترن درويشن ۽ فقيرن جي صحبت
روحاني فيضُ حاصل ڪيائين. هن جي اکين ۾ عشق جو خمار هوندو هو. نه شر
جو نشو ۽ نه ڀنگ جو نشو، مگر نينهن جي نشي سبب پاڻ ئي چوي ٿو:

''ڀنگ ڀوڙي دا اِهو نشا ناهين.''

سچلُ سائين مالڪ جي محبت جي مستيءَ ۾ مخمُور هوندو هو. سند
ڪلام ۾ به اُها مستي آهي. اِن ڪري ئي ڪيس سرمستُ سڏيندا آهن. صو

جا ٻالهہ شاهہ لطيف پنهنجي سورمين جي تمثيلن ذريعي ڪئي، سان ٻالهہ سچلَ سائينءَ ڪنهن سورميءَ جي مُسلسل لوڪ ڪٿا جي ڍڪَ پردي کان سواءِ ظاهر ظهورَ نموني ڪئي. سچلَ ڪن هنڌ ”آشڪارا“ تخلص ڪم آندو آهي جنهن جي معنيٰ ٿي آهي، ”ظاهرا ظهور.“ سچلَ سرمستَ شاهہ صاحبَ جي چاڙهيل ڪُنيءَ تان ڍَڪڻ لاٿو ۽ عام ۽ خاص سنڌي لوڪن جي دلين ۽ دماغن ۾ ان جو هڳاءُ پرجي ويو. جيئن تہ سچلُ واتَ ڦاٽو هو ۽ سندس شاعريءَ ۾ ”سچ“ پڌري پٽ آيو. مٿس سندس همعمر مولوي البت گهڻو وڌيڪ ناراض رهيا ۽ اِسلاموادي شخص ڏاڍا ناخوش ٿيا.

شاه لطيفَ شب ۾ بوليو، روزن نمازن کي ۽ بين مذهبي عقيدن جي مخالفت ڪين ڪئي پر سچل سائينءَ نرييڪ ٿي پنهنجا خيال ظاهر ڪيا.

”هندو مومن هڪ ٿيو، ٻول نہ ٻئي ڪنهن پل،
ٿيءُ گلابي گُل، مَرُ مارينءِ منصور جان.“

اڄ جي سندرپ ۾ بہ سچلُ سائين هندو-مسلم ايڪتا جو پيغام ڏيندي سچل سائين آکي ٿو :

”ڪڍ مذهب من مان ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي محبت جا ڪر ميل.“

سچلَ جي ڪلام مان ظاهر آهي تہ هي صاحب اُردو، فارسيءَ ۽ عربيءَ جو عالمُ هو. هن سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ شعر چيو آهي. هن جي ڪلام جا مجموعا آهن : سچل جو ڪلام، راز ناهہ، ديوان آسڪارا، رهبر ناهہ، قتل ناهہ، گذار ناهہ. هن جي شاعريءَ ۾ سرائڪي، عربي ۽ فارسي لفظن جو اِستعمال ٿيل آهي.

سچلَ سائينءَ روايت موجب هئيت جي لحاظ کان بيتَ بہ چيا آهن تہ علم عروض جي آڌار تي غزلَ بہ چيا آهن. سندس ڪافيءَ جي صِنف اُيري بيني آهي. ڪافين ۾ سنگيت جو عناصر موجود آهي. سچلَ جو گهڻو ڪلامُ سماع ۽ مستيءَ واريءَ حالت ۾ چيل آهي تنهن ڪري ڪي نقاد سچل سرمست کي ممتاز سنڌي گيتڪار مڃين ٿا.

سچلَ غزلَ جي بحر وزنَ ۽ قافيہ سان نباهيو آهي. سندس ڪلامَ ۾ رسُ، رواني، اُڏام، ميناج ۽ موسيقي آهي. خيالن جي گهرائي آهي. لفظي صنعتون (شبد

آکي ٿو تہ بندو ۽ الله تعاليٰ هڪ آهن.

”جا نہ چوڻ جهڙي، سا مان چوان ڪيئن،

قصو آهي هيئن، هي ۽ هوُ هڪ ٿيو.“

چوي ٿو : ”وحدت جنين وساري تن جي مٿي اٿاسي.“

ويدانت سوتر ’ايڪو برهم دوتيہ نہ استي‘ جي جهلڪ بہ سچلَ سرمست جي ڪلام ۾ ملي ٿي. ويدانت جا ويچار سچلَ سليس نموني سمجهايا آهن. جيو آتما پرماتما مان ئي پيدا ٿي آهي. سچلُ سائين هڪ مسلمان ٿي، ديني ريتين رسمن ۽ پاکنڊي مُلائن ۽ مؤلوين تي تکي طنز ڪئي آهي، ان مان سندس جرئت ۽ نڌرتا جو احساسُ ٿئي ٿو. چوي ٿو : ”ڪُٿِ مُلان جي نوڙه...“

شاهہ لطيف شبَ ۾ ٻوليو پر سچلَ ظاهران ظهور چيو. اڄ جي حوالي ۾ بہ هندو-مسلم ايڪتا جي تقاضا آهي، ضرورت آهي.

شاعرن جي سرتاج شاهہ لطيفَ ۽ ٻين شاعرن جو اثر سچلَ سائينءَ تي ظاهران ظهورُ آهي. شاهہ لطيفَ وانگر سچلَ سائينءَ بہ سهڻي ميهارَ، سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي، عمر مارئي، مومل راڻو، راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي. سچل انهن ڪهاڻين جي ذريعي روحاني راز سليا آهن. شاه لطيف جي شبداولي بہ سچلَ جي ڪلام ۾ ملي ٿي:

سسئي : ”پنهون! پنهون ٿي ڪريان، آءٌ پڻ پنهون پاڻ،

اديون! ٿيس اڄاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي.

مومل : ”راضي ٿي راڻا! معاف مڙيئي ڪر مَندايون،

مومل سان ماڻا، جانبَ تو نہ جڳائيا.“

سچلَ پنهنجي بيتن ۾ قدرت جي نظارن جو بہ بينظير بيان ڪيو آهي. سُکَ کان وڌيڪ ترجيح ڏکن کي ڏني آهي:

”ڏکن منجهان سکہ، مون تان لذا، جيڏيون!

ڏوريندي کي ڏکہ، سونهان ٿيڙا سڄڻان.“

ڏکہ ئي دلبر جي ويجهو آڻين ٿا. سکہ سپرينءَ کان پري رکن ٿا. سچلَ شاهہ لطيف وانگر دوها-سورٺا، اڌ دوهو، اڌ سورٺو پڻ لکيا آهن:

سورٺو : ”جي سارو پڇان لوڪ تا گوندرَ وارو نہ لهان،

هڙو پلو ٿوڪ، ڪنهين پاڳہ پرائيو.“

قديم شعر آهي دوهو. دوهي جو اصلوڪو لفظ آهي ''دوهرو''، جنهن جو بِگڙيلُ اُچار ڏوهيڙو آهي. سنڌي زباني شعر ڏوهيڙن سان شروع ٿيو. اِهو دؤر 1351ع کان 1521ع تائين ڇيو وڃي ٿو.

اِن بعد سنڌي شعر جو اوائلي تحريري دؤر شروع ٿيو، انيڪ شاعرن شعرُ رَچيو- سنڌ کي ترمورتي اعليٰ شاعر - شاهه، سچلُ ۽ سامي عطار ٿيا جن تي سنڌ هند کي نازُ آهي. اِهو شعرُ جو روحاني دؤر هو. سنڌي شعر جو اِهو سونهري زمانو چئجي. تنهن ڪري 18 صديءَ ۽ 19 صديءَ جو پهريون اڌ سونهري اکرن ۾ لکڻ جهڙو آهي جو سنڌي ساهتيه خوب مالا مال ٿيو.

نون خيالن، ترقي پسند دؤر کي جنم ڏنو، جنهن جو باني سنڌي شعر ۾ ڪشنچند بيوس هو. خيالَ اوچا پر رهت سادي. نوان موضوع ڏنائين ۽ نيون ريتيون اپنايائين. علم عروض جي اصولن تي لکيائين ته چند رچنا تي به هنجي شعر ۾ فطرت نگاري به آهي ته حقيقت نگاري به. ڪوي بيوس 1947 ۾ راهه رباني وٺي رمندو رهيو.

1947ع ۾ اسان جو ديش آزاد ٿيو. اُن وقت هر ڪنهن کي لڳي روٽي روزيءَ جي. ڪن ائين سمجهيو ته ادبي ورثو قائم نه رهندو. سنڌي اديبن ادبي ورثو قائم دائم ڪري رکيو. اِن دؤر جا سٺا شاعر آهن- ليکراج عزيز، ڪيئلداس فاني، پرسرام ضيا، هرومل سدارنگاڻي خادم، نارائڻ شيام، هوندراج دکايل، هري دلگير، ڏيونداس آزاد، پروفيسر رام پنجواڻي، پربو وفا، ارجن شاد، ايشور آنچل، سگن آهوجا، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش ۽ ٻيا. هيءَ به ترقي پسند شاعرن جو دؤر هو.

مٿين شاعرن کانسواءِ ٻيا به ڪيترا ئي پختا سٺا شاعر آهن- تلسيداس تلسيو، ٻلديو گاجرا، سترامداس سائل، ڊاڪٽر لڇميچند پريم، ارجن حاسد، واسديو موهي، ارجن سڪايل، تنوير عباسي، واسديو نرمل، هاسارام پيئڻا، اندر پوجواڻي، پربو ناشاد، ايم . ڪمل، لڇمڻ ڪومل، سترام همدرد، هريڪانت، قمر شهباز، شيخ اياز، ٽيڪچند مست، روچو خوابي، ديال آشا، گورڌن شرما گهايل، آشا درگاپوري، ڪمل پياسي، وشنداس لڪل، آسن واسواڻي مجبور، ڪشن خوبچنداڻي 'رنجايل'، جيوترام ترنگ، سندر جڳواڻي 'مجرم'، ڀڳوان نردوش، سريچند جاني، ڊولڻ راهي، ڪمل سرتاج ۽ ڪي ٻيا.

النڪار) ۽ معنوي صنعتون (ارٿ النڪار) ٻه سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن.

تجنيسي حرفي : ''ورقَ وِسارج وڃ جا، فارغ ٿي في الحال.''
''سارنگ سُر سُرائتا، ساجهر سو ريا.''

تشبيه : ''مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
بجلي بادل سان، آهي جيئن سپرين.''

استعارو : ''لاتي لاهوتين، ڏرم جي ڏوٽي.''

پرتيڪ : بحر اُتون جا لهرَ اُٿي ٿي، موٽي ٿيو مهران.

'بحر' الله جو ۽ 'لهرَ' بندي (جيو آتما) جو پرتيڪ آهي.

سچلَ سائينءَ جي شعر ۾ شانت رس مکيہ آهي ۽ شرنگار رس گَوڻ آهي.

سنڌ کي ترمورتي اعليٰ شاعر شاهہ، سچلُ ۽ سامي عطا ٿيا جن تي اسان سنڌين کي ناز آهي. سنڌي شعر جو اِهو سونهري زمانو هو. ''شاهہ، سچل ۽ ساميءَ وارو صوفيزم'' سنڌ جي تصوف کي اهم جڳهہ عطا ڪري ٿو.

هر يُگہ جو شاعرُ پنهنجي سماج سان جڙيل ٿو رهي ۽ هِنجي شاعري جڻ عامَ جي آهي ۽ عامَ لاءِ آهي ۽ سچلَ سرمستَ جو ڪلامُ اَڄُ جي سندرڀَ ۾ ٻہ هندو-مسلم ايڪتا جو سنديش ڏئي ٿو.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي شاعري

ساهتيہ جاتيءَ جو سچو خزانو آهي. ساهتيہ مان ئي اسان کي پنهنجي پراچين سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي جهلڪ ملي ٿي. ساهتيہ اسان جي رح کي روشن ڪري ٿو. اِن ڪري پنهنجي ساهتيہ روپي امولیہ خزاني کي محفوظ رکڻ اسان جو فرض آهي. سنڌي ڪاويہ اهميت وارو ڪاويہ آهي.

شعر آتما جي ٻولي آهي- شعر دل مان نڪري ٿو ۽ دل ۾ پيهڻَ جي ڪوشش ڪري ٿو. شعرُ تڏهن ٿو جُڙي جڏهن شاعرُ، جو هڪُ پيغمبر آهي، رشي آهي تنهنجي من ۾ ولوڙو ٿو پوي، ڪنهن پيڙا جو احساس ٿو ٿئي، ڪنهن خوشي يا آنند جو انيو ٿو ٿئي. اُهو احساس يا انيو هوُ شبدن ۾ قلم بند ڪري ٻين تائين پهچائڻ جو يتن ٿو ڪري.

اڪثر هر ٻوليءَ جي ساهتيہ جي شروعات شعر سان ئي ٿي آهي. سنڌ ج

وديارٿي، لڇمڻ هردواڻي، برج موهن، شيام جئسنگهاڻي، موهن ديپ، ناري پدم، موهن ڪلپنا، آنند کيماڻي، لعل پشپ، نامديو تاراچنداڻي، رتن آڏتاڻي، ايشور آنچل، هيرو شيوڪاڻي، هوندراج بلواڻي، ايم. ڪمل، ارجن حاسد، لڇمڻ ڪومل، هريڪانت، ڪرشن راهي، ڪشن کوبچنداڻي، امل آهوجا، گهنشيام ساگر، رميش جڳياسي ۽ ڪي ٻيا.

ڇڱي وڏي عمر ۾ ڀڳوانداس دؤلتاڻي 'هوش' شعرَ رَچڻ شروع ڪيا تہ نہ صرف سنڌ ۽ پختو شاعر ثابت ٿيو پر سائِي وقت علم عروض ۽ چند شاستر تي ڪتاب بہ لکيائين. ٻيا شاعر آهن - کيمن مولاڻي، هوتو سنڌو پياسي، پهلاج مسافر، ناري لڇواڻي، منوهر بيدي، ڪانجيلال قاصد، ميارام ڪڪريجا، لڇمڻ ڪڪريجا، موهن اُداسي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، نرملا آسناڻي، لڪشمڻ نردوش، روپڪمار گهايل، لتا ٿهلياڻي، اندر جسوجا. ڪومل، ڪرشن لال بجاج، پرديپ، اين. ڪمل ويڌاڻي، راڌاڪرشن راهي، گل شرما، سياش شرما، شرد ديوانا، گوپال نکر، ڪشن بجاج، وينا شرنگي، اندران واسواڻي، ڪوڏومل جانب، نامديو لاڏلا، جئرام چمناڻي 'ديپ'، هري تنواڻي 'نماڻو'، اندرلال سوماڻي، ٽيڪم آفتاب، نند 'آنند'، گوبندرام 'آنند'، ڪرشن مسرور، لڪشمڻ دبي، سريچند دبي، ايم. وي. پيماڻي، دوارڪاداس سنتاڻي، کيول مسافر، گلاڻي ديپڪ، مينا سياڳاڻي 'شمع'، پروفيسر شهدادپوري 'پدم'، کيمچند 'کيمن'، مکيش تلوڪاڻي، مينا شهدادپوري، جڳديش شهدادپوري، موتيرام رامچنداڻي 'باغي'، کتري چيتانند پرماننداڻي ۽ ايس. ڊي. ايسراڻي 'سُڌا'.

سنڌي شاعرن هر موضوع تي لکيو آهي ۽ هر صنف تي ڪامياب قلمُ هلائي سنڌي شاعريءَ سان وڏو وڙُ ڪيو آهي.

سچ تہ نظمُ نثر کان گوءِ کڻي ويو آهي. شعر اُهو جيڪو دماغ کي طراوت بخشي، دل کي راحت رسائي ۽ تن کي تازگي ڏئي ۽ سنڌي شعرَ اِئين ڪري ڏيکاريو آهي. اڄ اسان وٽ سٺا شاعر موجود آهن جن جي شعر ۽ شاعريءَ تي نظر وجهندي چئي سگهبو تہ سنڌي شعرَ جو آئينده بلڪل روشن، روشن، روشن رهندو.

اِن بعد شاعرن تجرباتي دؤر شروع ڪيو. شعر ۾ نيون ڏارائون اختيار
ڪيائون. شاعر مواد ۽ هئيت (Form) ٻنهي ۾ تجربا ڪرڻ لڳا. هئيت جي
خيال کان سنڌي شعر جا جهونا فارم - بيت، وايون، ڪافيون، دوها ۽ سورٺا
هستيءَ ۾ آيا ۽ ٻيا به ڪي نوان فارمَ نهڻ لڳا.

ترقي پسند ڌارا ۽ نئين ڪلاسيڪل ڌارا کانپوءِ 1965 ڌاري نئين ڪويتا جو
وڪاس ٿيو. ائين ته وچ وچ ۾، اسان جي ڀارت ديش تي چين ۽ پاڪستان جي
حملن وقت، وطن لاءِ حُبَ ۽ پنهنجون جانيون قربان ڪرڻ واري ڀاونا جي
سياوڪ لهر اُٿندي رهي. نئين ڪويتا ۾ اجوڪي پريشان-سرگردان اِنسان
جي ڀرپور تصوير آهي. اِنسان جي نراشا، گهبراهٽ ۽ ٿڪاوٽ کي عڪس-
اندوز ڪندڙ تصوير. زندگيءَ جا قدر تمام گهڻي تبزيءَ سان بدلجي رهيا
آهن. پيڙهين جي وچ ۾ کاهي وڃي ٿي تهائين وڌندي. وڌندڙ آباديءَ جي
اجوڪي سمي ۾ نئين اِنسان جو جنمُ نعمت نه، لعنت ٿي پيو آهي جڻ. شايد
اِن ڪري سيڪس-سنبنڌ غير پاڪُ، ريل ڇيل، گهرگهلا ٿي پيا آهن. سڀ
ڪجهه روا ٿي پيو آهي.

پريوگ يا تجربي جي اِها پرورتي اڄ ڪلهه نئين ڪوتا جي نالي سان
مشهور آهي. گويا نظم ۽ نثر جي ٻوليءَ ۾ ڪو ڀيد نه رهيو آهي. ائين به چيو
وڃي ٿو ته سنڌي ساهتيه ۾ آزاد نظم جو پهريون نمونو ”ڇهبوڪ من جا“ نالي
ڪتاب ۾ ڏنلُ آهي. اِن ڪتابَ جو ليکڪُ اسان جو مهان ودوان رشي ڏيارام
گدومل آهي. سنڌين جي روحاني رهبر ۽ سالڪ ساڌو واسواڻي به اهڙي ئي
قسم جي آزاد نظم لکڻ لڳو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ۽ جهامنداس مسافر
نظماڻو نثر لکيو آهي. چيو وڃي ٿو ته پاڪستان ۾ نثراڻي نظم يا نظماڻي نثر
کي ادب لطيف ٿا چون. شروعاتي دؤر ۾ (1958 کان 1962) گورڌن ڀارتي
موهن ڪلپنا، موتيلال جوتواڻي، ڪيرت مهرچنداڻي، ڪشن کوبچنداڻي
گورڌن تنواڻيءَ ۽ ڪن ٻين ادب لطيف ۽ آزاد نظم لکيا.

موجوده دؤر ۾ نئين ڪويتا ۾ جن شاعرن ڪاميابيءَ سان قلم هلايو آهي
اُهي آهن : هريش واسواڻي، واسديو موهي، پريم پرڪاش، ٿتن پرسواڻي
ڀيڙهو رفيق، ڪلا پرڪاش، سندري اُتمچنداڻي، پوپٽي هيرانندداڻي، سدانند
تولاڻي، ڪمار تمچواڻي، اندران پوناوالا، ريٽا شهاڻي، وشنو ڀاٽيا، هرڪشن

کنا کري کين مجموعي روپ ۾ آڻي سنڌي لوڪ ادب کي مالامال ڪيو آهي. سنڌي پهاڪا گڏ ڪري لاشڪ جس جوڳو ڪم ڪيو آهي.

پهاڪا، عقلمندن جي پرايل آزمودن مان جڙيل آهن. وڏڙن ۽ سياڻن جي سياڻپ سبب اِنهن پهاڪن ۾ نصيحت آميز نُڪتا ميسر آهن. ديش ۽ جاتيءَ جي رهڻي ڪهڻي، ريتين رسمن، مذهبي خيالن ۽ تهذيب تمدن جي بہ ڄاڻ ملي ٿي.

پهاڪو لفظ جي اکري معنيٰ هنَ ريت آهي - سنڌيءَ ۾ هڪ مصدرِ آهي پَهَڻُ. اُن جون مکيہ معنائون آهن: خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح وٺڻ يا ڏيڻ، ملڻ، سرڇڻ، نبرڻ. 'پهہ' ڌاتوءَ ۾ 'اڪو' پڇاڙي گڏڻ سان لفظ ٺهيو آهي 'پهاڪو.' اِن ريت فعل ڌاتوءَ ۾ 'اڪو' يا 'ڪو' پڇاڙي جوڙڻ سان سنڌيءَ ۾ بيا بہ اِسم ناهبا آهن جيئن تہ : ميڙ-ميڙڻ-ميڙاڪو، چبڻ-چَبڪو. اِن ڪري پهاڪي جي اکري معنيٰ آهي 'اُهو نُڪتو يا گُفتو، جنهن ۾ ڪو اونهو خيال يا ويچار سمايل آهي.' عام ماڻهن جي روزاني جيوت ۾ اِهو گفتو صلاح يا هدايت طور ڪتب آڻجي ٿو. جنهن مان بين کي اڪثر صحيح واٽ تي هلڻ لاءِ، اِشارو ملي ٿو، نصيحت ملي ٿي. ساڳيءَ طرح راجستاني ۽ هنديءَ ۾ 'پهہ، پاهہ' لفظ ملن ٿا جن جي معنيٰ آهي رستو، واٽ.

ڪِنَ سان ڪِنُ ڪونہ ڌوپندو. هن پهاڪي مان اِها سکيا ملي ٿي تہ جيڪڏهن ڪو پرائي پچار ڪري ٿو يا خراب هلت ڪري ٿو تہ ساڳي هلت هلڻ سان هوُ سڌري نہ سگهندو. پُڇڻا نہ مُنجهڻا. بين کان صلاح وٺي ڪم ڪبو تہ مونجهارو نہ ٿيندو. ڏڪ هڻ ڏيءَ کي سکي نونهن. نَنهنَ سان ڇڇي تہ ڪاتي نہ وهائجي. پلي بکہ پرم جي شل نہ وڇي شان. لکيو منجهہ للاٽ، قلم ڪياڙيءَ نہ وَهي. سنگ تاري ڪُسنگہ بوڙي. ڪاٺيءَ جي وهاڻ ۾ سنڪت گهڻا. مطلب هر پهاڪي مان نصيحت ملي ٿي.

ڪن پهاڪن ۾ اِنساني جذبات جو رد-عمل هوندو آهي ۽ سکيادائڪ نُڪتا هوندا آهن. مثال : ڪر چڱائي ڇٽ سان، ڦيري هٽي پٽ سان. چوڪرَ ڇتيءَ ذات جا، يون يون ڪن ڀڳت ۾. ديوانَ جو دم، دمڙيءَ جي دال ٿي. منهن تہ موسيٰ جهڙو، سيرت شيطاني. سنت اُهو جو گهاءُ سَهي، پيءُ اُهو جو بار سهي. اَب جو ڏنو کهڙي ڪم جو، جاسين رب نہ ڏئي. ماءُ ڏسي پيٽ، زال ڏسي

سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين ۾ سڪيائون

ڇپيو وڃي ٿو تہ ڏند ڪٿائون، مذهبي قصا، تاريخ واقعات، عام قص
ڪهاڻيون- پهاڪن جو بنياد آهن. پهاڪن جي پيڙه سمجهڻ لاءِ تحقيق جي
تہ ۾ وڃڻو پوندو. کوجنيڪن کي کوج ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪسڻي پوندي. پهاڪن
جي بنياد جو پتو پئجي نہ سگهيو آهي. ها، ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اِنساني
ٻولين جي دؤر کان پهاڪن جي اِبتدا ٿي هوندي. هر زبان پهاڪن سان
جهنجهي پيئي آهي. هر ٻوليءَ ۾ پهاڪا، اڻ ڪت انداز ۾ آهن. اسان جي
سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ اَڪيچار پهاڪا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي پهاڪن جي حق ۾، راءِ بهادر ڪؤڙومل چندنمل کلناڻيءَ
کيرون لهڻيون، جنهن پهريائين سنڌي پهاڪي نالي ڪتاب 1885ع ۾ لکي،
هن ميدان تي، ادبي پڳ ڏريو. ڪتاب ۾ تقريبا ٻارهن سؤ پهاڪا ڇپيل آهن.

ٻيو ڪتاب ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ جو ''گلشڪر'' نالي آهي،
جو هن صاحب آڪٽوبر 1869ع ۾ لکي پورو ڪيو، ليڪن سرڪار 1905ع ۾
شايع ڪرايو. ٽيون ڪتاب ''پهاڪن جي حڪمت'' آهي جو مرزا قليچ بيگ
1925ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. چوٿون ڪتاب ''پهاڪن جي پيڙهہ'' ۽ ''گلقند''
آهي جو ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ 1928ع ۾ شايع ڪرايو.

اِنهيءَ دؤر ۾ روچيرام گجومل ڪرپالاڻيءَ نالي سنڌيءَ جي هڪ ٻئي نثر
نويس بہ پهاڪن جي گڏ ڪرڻ طرف ڌيان ڏنو. هن سنڌي سکندڙ انگريزي
عملدارن جي سهوليت لاءِ اَٺ سؤ ڪن سنڌي پهاڪا انگريزي ترجمي سان گڏ
سال 1892 ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا.

پنجون ڪتاب عبدالڪريم سنديلي جو ''پهاڪن جي پاڙ'' لاڙڪاڻي سنڌ
۾ 1966ع ۾ ڇپيو. ڇهون ڪتاب تيرٿداس پيسومل هاٿيراماڻيءَ جو ''پهاڪن
جي پاڇوهہ'' بمبئيءَ ۾ 1972 ۾ شايع ٿيو. ستون ڪتاب پروفيسر سترامداس
''سائل'' جو آهي- ''دُرن جي دهلي'' جيڪو 1982ع ۾ احمدآباد ۾ ڇپيو.
اَٺون ڪتاب سنتداس پنهونمل ڪشناڻي ''سنتل'' جو ''سنڌي پهاڪا ۽ مُحاورا''
(سمپادڪ مرليڌر جيٽلي) پونا ۾ 1993ع ۾ ڇپيو.

سنڌي عالمن جبري جاکوڙ ڪري جدا جدا گوشن ۽ جاين تان سنڌي پهاڪ

گهڻين زالين ڳهڙ نہ هلي، گهڻين مردين هَرُ نہ هلي. هن چوڻيءَ مان اِها سکيا ملي ٿي تہ ڪنهن ڪَمَ ۾ گهڻن جو هٿ پوندو تہ بگڙي پوندو. ٻي چوڻي- پنهنجا وري بہ پنهنجا يا رَت وِنگو بہ وري. مهمان آهي ڀڳوان جو روپ. اَويلو مهمان، پتائي پاڻ. انڌوءَ اڻ سونهون ٻئي هڪ آچار. حاڪم، باهہ ۽ پاڻي، اِهي ٽيئي گهٽ نہ ڄاڻ. هڪ انڌو، ٻيو پوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ٻار، پنجون بيمار، اِهي پنج ئي ٻي ميار. مَرد جي ڪتي، زال جي سهيڙ. ڄائو پُٽ لٿي سِڪ، پرڻيو پُٽ، پيئي پِڪ. ڪٿيو ڪائي مڙس جو، ڇي جيئي منهنجو اَبو. شاهوڪار جو سالو بہ سيڪو سڏائي، غريب جو پيٽوئيو بہ ڪو نہ سڏائي.

ڀاڪن ۽ چوڻين ۾ نہ صرف سکيائون سمايل آهن پر ساڳئي وقت تقرير خواه تحرير ۾ اِستعمال ڪرڻ سان ٻولي اَثرائتي بہ ٿئي ٿي. لوڪ ادب جي هيءَ صنف ڪافي قديم آهي جا معياري ادب جو عام جزو آهي.

سنڌي ڪويتا ۾ طنز ۽ مذاق

اُها قوم سڌريل يا اڳتي وڌيل نہ چئي سگهبي جنهن کي پنهنجي ساهتيہ يا علم ادب لاءِ پيار نہ آهي. ساهتيہ اِنساني سماج جو آئينو آهي، اَملهہ خزانو آهي.

ساهتيہ جا بہ پهلوُ آهن : نثرُ ۽ نظمُ. ٻئي پهلو زندگيءَ جو چترُ چٽين ٿا. نثرُ دماغ وسيلي جيوت جي رهنمائي ڪري ٿو. نظم ڪلپنا جي ذريعي زندگيءَ کي پيش ڪري ٿو. ”سنڌي ڪويتا ۾ طنز ۽ مذاق“ وشيہ تي ئي ذڪر ڪندس.

(Humour) مذاق جا بہ ڪجهہ قسم ٿيندا آهن. هڪ قسم جي مذاق کي طنز Satire بہ چئبو آهي. طنز نہ صرف تلخ ۽ تيز ٿيندي آهي پر ساڳئي وقت چيندڙ ۽ اثردايڪ پڻ. ائين ڪٿي چئجي تہ اُهو مذاق يا کِلَ جيڪا گهاءُ ڪري تنهن کي طنز چئبو آهي. طنز جو جنم درشيہ ڪاويہ کان شروع ٿيو ائين چيو وڃي ٿو.

جناب شمس الدين ”بلبل“ کي جديد مذاقي ساهتيہ جو باني سڏيو وڃي

كيسا. پٽ وڏيو، سوُن وڏيو، ڏيءُ وڏي سُئڙي لڳي. پائر وڏيا بہ ويري نہ چئجن

اُن جي چاڙهيءَ کي بہ لعنت تہ لاهيءَ کي بہ لعنت. سکيا ملي ٿي ت

نبريل ماڻهوءَ جي دوستي - توڙي دشمني ڏکہ ڏيندڙ آهي. ٻاهران چڪي مکي

اندران ٻڙ ٻڙ ڏکي. معنيٰ - ٻاهران جاپ اندر ۾ پاپ. ٻاهرَ جو سٺو اَندر ج

خراب. ڪڏهن پريءَ ۾ تہ ڪڏهن پاڪر ۾. اِن جي معنيٰ اِها آهي تہ ماڻ

تي ڀروسو ڪونهي، ڪڏهن وڏ تہ، ڪڏهن گهٽ. ماڻهو ٻٽيهہ لڇڻو ۽ موچڙو چئبه

لڇڻو. اِن مان اِها هدايت ملي ٿي تہ ڪڏهن ڪڏهن موچڙي سان ڪم ٿيند

آهي. منهن ڪُنئري ٻُتا پَٽائي. نرمي اڪثر نقصان ۾ وجهندي آهي.

رچنا جي لحاظ کان پهاڪي يعني ڪهاوت سان ملندڙ ٻيو روپ آهي

چوڻي. اِهو مصدر ''چَوَڻ'' ۾ 'اِي' جوڙي اسم ذات لفظن جي طرز تي ٺهي

آهي. ويتپتيءَ جي لحاظ کان اِن جو سنسڪرت ۾ مول ڌاتو آهي 'چيوُ' - (چ

تي) () جنهن جو بہ مطلب آهي - 'چوڻ، ڳالهائڻ'. ڪهاوت ۽ چوڻيءَ کي

سنسڪرت، هنديءَ ۽ ٻين ڪن ڀارتي ٻولين ۾ 'لوڪ-اُڪتي' بہ چئبو آهي

جنهن جي اکري معنيٰ آهي 'لوڪ يعني عوام ۾ مُروج گفتو يا سخن'.

پهاڪو اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻيو مطلب ڏيندو آهي

جيئن تہ 'پرڻ چوي ڏونگهي کي، هل ڙي ٽٽونگا.' اِن پهاڪي ۾ پرڻ ۽ ڏونگه

جو مثال ڪٽي، گهڻن عيبن سان ڀريل ۽ گهٽ عيبن واري شخص طرف اِشا

ڪيو ويو آهي. هن پهاڪي مان اِها نصيحت ملي ٿي تہ ڪير پنهنجا گه

عيب ڏسي.

چوڻي : 'ترت دان مها پن.' هيءَ اَکري معنيٰ ۾ ئي ڪتب ايندي آه

رچنا يا بناوت جي لحاظ کان پهاڪو ۽ چوڻي، ٻئي هڪ پورو جملو يا جملن

ايڪو آهن.

هيءُ اُهي چوڻيون آهن جيڪي سڌو سنواٽو بيان ڪن ٿيون ۽ نصيحت

ڏين ٿيون جيئن تہ (1) شاهوڪاري ٻار، چريو يا چُٽون. (2) پنهنجي سنهنج

(3) اُتراڻ اُتريو، اڏ سيارو ڪُتريو. (4) نيڪي برباد، گناه لازم. (5) پاءُ آ

پاءُ، پر جي ٽئي دشمن تہ ڪڍي ساهہ. (راڄن تان، ملڪيت تان پائرن

جهڳڙا اڪثر ڏٺا ويا آهن. پوءِ اُهي هڪٻئي جا جاني دشمن بڻجيو پون.

جي لوڪ ڪٿائن ۾ دودي چنيسر جو قصو مشهور آهي.)

سچلَ کي هفت زبان شاعر (ستن ٻولين جو شاعر) چوندا آهن. اُهي ست ٻوليون آهن : سنڌي، هندي، اُردو، پنجابي، سرائڪي، پارسي ۽ عربي. جن ۾ هن مذاقيہ خواہ طنزيہ ڪلام رچيو. هوُ مستيءَ جو ئي تہ مالڪ هو! هڪ نمونو طنز جو :

مُلان تہ ڪارڻ مانين جي، ختما پڙهن ٿا خاصا،
جُڙي ويهن ٿا مانين تي، ڪَليون پرن ٿا پاسا.

سنڌ جي ترمورتي شاعرن ۾ ساميءَ اڳيان روپي انڌ جا پردا هٽائڻ جو مارگہ ڏيکاريو. ويدن جي واٽيءَ کي سنڌي جامو پهرايائين. ڍونگي شخص تي تکي طنز ڪندي اُنهن جي پاکنڊ کي پڌرو ڪيو آهي. چوي ٿو :

مڙيئي روڳي، اَٿيئي جيءَ جهانَ جا،
نڳيءَ جو ويس ڪري، سامي ٿيا جوڳي.

ڀائي دلپت ايشور الله کي هڪ مهيندي چوي ٿو تہ :

چا کي وڏو پاڻ ۾ تُرڪن واٽين ويرُ؟
جي پپر ۾ پاڻ ڏٺي تان ڪِرڙَ ۾ ڪيرُ؟
انڌا ڪاٽا ڪين ڪي لهن هن پوٽن جو پيرُ.

قاضي قادن (15 صدي) ڪان اڳہ مامو ئي فقير ٿي گذريا آهن. انهن جو هڪ طنزي نمونو :

”زالن مٿي ہہ چوٽيون، مڙسن مٿي وارَ،
ٻاروچا ٻارَ، ٽڪي تي وڪامندا!!

جديد مذاقي ساهت ۾ بلبل ڪانپوءِ درجو جيڪڏهن مليو آهي تہ اُهو آهي مرزا قليچ بيگ جنهن جو جنم بلبل شاعر ڪان ٻہ سال اڳہ 1885 ۾ ٿيو. هن صاحب پڻ نثر خواہ نظم ۾ چڱو چوکو مذاقي ۽ طنزي ساهت سرجيو آهي جن ۾ سندس هيٺيان شعر قابل-داد آهن.

اِنسان ملڪ ۾ ٿو ڏسان اڄ ڪي مختصر،
ماڻهو گهڻا ٻہ پيرا ۽ ٻيا ڍورَ ٿو ڏسان.

نقلي مُلن مولوين بابت :

جي ڪو ٻانگہ ڏيڻ سان ٿئي ها مُلو،
ڪُڪُڙُ جيڪر هٽي جاميءَ سان کُلهو.

تو. سندس پيٽ اُردو مذاقي شاعر اڪبر الهٰباديءَ سان ڪئي ويندي آهي جنهن اُردو مذاقي شاعريءَ جو بنياد وڌو. معيار جي خيال کان هوُ ٻئي شاعر پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

سنڌي شاعر شمس الدين ”بلبل“ آفتاب اخبار ۾ مذاقي ليک ۽ شعر اڪثر ڇپائيندو هو جن ۾ اُن وقت جي ڊرمي پيلپاون ۽ ڀروپي نيتائن تي مذاقيہ طنز سان چوڏا لاتا اٿائين. هن شاعر جون ننڍيون مذاقيہ پستڪائون پڻ ڇپيل آهن، جن ۾ خاص آهن : (1) قلندر جو ميلو (2) تيرهن جار (3) جام جن ۽ ٺيا سافي نيچري. شاعري بلبل 1857 واري ڀرين آزاديءَ جي بلوي وقت ڄائو هو. غلام محمد گراميءَ ۽ ٻين جي راءِ موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ مذاقيہ واري فن کي چڱيءَ طرح اُڀارڻ ۾ بلبل شاعر کي وڏي اهميت آهي. ڪن شاعرن تہ شمس الدين بلبل کي سنڌ جي ”حالي“ شاعر سان ڀيٽيو آهي پر مذاق جي خيال کان فني ڦُوتون ”حاليءَ“ کان بہ وڌيڪ بلبل جي شاعريءَ ۾ پاسن ٿيون. ڏسو شاعر بلبل جي هيٺئين شعر کي، جنهن ۾ هن صاحب انگريزي عملدارن جي ”جي حضوريءَ“ تي مذاقيہ طنز ڪئي آهي:

سنڌيدان اِڊيٽ، سنڌيدان فول،
رُڳا جانور، جهنگلي ۽ جهولَ.

فئشن بابت :

گلا بند، ڪالر، لڪڙ هاف بوٽ،
گهڙي، ڪوٽ، پتلون، چشما ڪوٽ.

فئشن پرست عورت بابت :

گهر ۾ بلبل گائون ڍڪائج، شام صبح جو واڪ ڪرائج،
ٻانهن ٻغل ۾ منهن تي جاري، هِپ هِپ هُري، هِپ هِپ.

سنڌ کي ترمورتي اعليٰ شاعر - شاهہ، سچل ۽ سامي عطا ٿيا جن تي سنڌ هند کي ناز آهي جن سنڌي ساهتيہ کي خوب مالا مال ڪيو آهي تنهن ڪر 18 صدي ۽ 19 صديءَ جو ڀريون اڌ سونهري اکرن ۾ لکڻ جهڙو آهي.

شاهہ چوي ٿو :

لاهي لنگها ويهہ، آريجن مان آسرو،
ٻني پرائو ڏيهہ، اڇي ڪاءُ آريجن ۾.

جديد مذاقي شاعريءَ ۾ ''پيراڻو ينيرو'' بہ وساري نہ ٿو سگهجي. ٻڌو هن جا بيت :

انڌو هاٿي لشڪر جو زيان،
چٽ ملوڪ گلم جو زيان،
بي تالي ٻائٽي ڏڪڙ جو زيان.
وئشيا کي ڏنائين پٽ پٽيھر، ستيءَ نهي نہ ساڙهي،
سُهڻا نيڻ ڏنائين مِرگهہ کي، جو بن ۾ ڦري آهاري.

جمال شاه :

اجوکي يارَ ياريءَ ۾ اُلفت جو اکر ڪونهي،
ڪوُڙو ناتو پيا لائن، ڪميڻن ۾ قدر ڪونهي.

ملير جي ''وڳنڊ وڏيري'' تي خندہ‌زني ڪندي لالچمد امرڏنيمل چيو آهي:

سَڱَ ۾ جنَاءُ چڱو، سُڃَ ۾ تلاءُ چڱو،
چنڊَ ۾ اُهاءُ چڱو، ڪم ۾ اُڪلاءُ چڱو،
تيو چڱو مليرَ منجهہ، وڳنڊ وڏيرو،
وارن منجھون ويڙهون ناهيائين،
ڏاڙهيءَ منجھون ڍيرو.

ديوان ڏيارام گدومل شهاڻي هڪ وڏو سماج سڌارڪ ۽ ساهتيڪار هو. تعليمي سرشتي تي طنز ڪندي چوي ٿو :

پڪارِن ٻالڪڙا روئن زوارون زار،
هي خلق خدا جي، ڪريو ڪو ويچارُ،
مڪتب هاٿوڪا، اسان لاءِ آزارُ،
وقت ناس گهٽو، ڪو ڪريو اُپڪارُ.

ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ بہ مايا جي پوڄارين تي مصريءَ جهڙي مني مني طنز ڪئي آهي :

سڄ جو سونو سُڪڙو ڪين نهاريئہ، تئين شڪار،
ڪوڙ وڪار جا پيارا! سنگہ ڪيئہ شهباز.

يوڄراج لوڪومل واڌواڻيءَ جنهن سوامي يوڌراج ''يوڌ'' سان شهرت حاصل

دغابازن جي اڄ بازي، چغل خورن مان سڀ راضي،
تڙين جي آبروُ تازي، عجب هي دؤر آيو آ.

بهادريءَ جو دم هڻندڙن تي طنز:

ٻُڌو اوهان کي ٻڌايان بهادري چاهي،
آءٌ هڪڙي مُڪ سان وجهان پاڻ جو ڍڳہ ڊاهي.

ساڳئي دؤر ۾ ٻيا بہ شاعر اُڀريا جن پنهنجي رنگين طبيعت توڙي خوش
مزاجيءَ جي ترجماني ڪئي جن ۾ سکر ضلع جي رانوڻي ڳوٺ جو ايسرلعل ب
قابل ذڪر آهي. ”ايسر“ تخلص سان ان وقت جي حالات تي طنزي مذاق
وارو شعرُ هن ريت ڦهڪائي ڏنو:

ڪُوڙُ آدم، ڪُوڙُ حوا، ڪُوڙُ سارا هي سنسار،
لوڀ ممتا ڪوڙُ تي ڪوڙو جوين جمعدار.

ايسرلال-بيدل، بيڪس، پاروشاهه وغيره سنتن ۽ درويشن جو همعصر هو
انهن جي صحبت ماڻيائين. ايسرلال 1890 ۾ چالاڻو ڪيو. بيدل 1872ع ۾
هن جي پٽ محمد حسن ”بيڪس“ 1882 ۾ گذاري ويو.

اِن بعد اِمام بخش ”خادم“ پنهنجي ڪويتائن جو مجموعو ”ڪليا
خادم“ ڇپايو ڏسو سندس سنڌ جي بانيڪارن تي ٽوڪزني:

سنڌ ويچاريءَ جو نڪو ڌڻي ۽ نڪو ڌوري،
هڪ ڏاڍائي ڏيهہ ۾، ٻيو چوڌاري وچُوري.

هڪ فقير محمد ڪيٽاڻ جو شعر:

جوءِ سان تو جنگہ ڪريان، ڏسو جوڻم جا حال،
ڪِنگر آندم ڪالهہ، ٽونگا هڻائي نڪريون ڪيائين.

جديد مذاقي شاعرن ۾ مسخرن جو بہ بيان اچي ٿو. مسخرو مدن اِن ڏ
۾ مشهور آهي. نہ صرف مذاقُ پر ساڻ ساڻ سڌي خواهه اڻسڌي طنز بہ آهي
مدن جي بيتن ۾ ٻڌو سندس هيءُ بيت:

مَردن ۾ ناهہ ڀلو، طعامن ۾ پُلاهہ ڀلو،
زالن ۾ حياءُ ڀلو، شاهن ۾ نياءُ ڀلو،
راجا ڪان آهي ڀلو مدن مسخرو،
شڪل جنهن ملوڪ جي اونده ۾ سوجهرو.

عيش و عشرت ساڻ روشن محفل سرمايدارُ.

حيدر بخش جتوئي :

مائٽ اهڙو نہ ڀيو جهڙو برادر پيسو،
پيسو جنهن کي نہ ٿي، کوہ ۾ پوي سو.

کي مذاقي لوڪ گيت :

— سس ڙي سس تون تہ ديگڙي جي کَسُ.
— پٽ تي ويو پڙهڻ پڙهڻ، وري لڳا سڙڻ سڙڻ،
سڪيون مورو ويني ڳايان.
— ٽنبڊٿين ڦٽاڪو، جئي منهنجو ڪاڪو،
ڪاڪو وينو ماڙيءَ تي، ڳُلُ ڪاڪي جي ڏاڙهيءَ تي.
— وچون ڙي وچون، ڪاٽي ڙي ڪاٽي؟
— گهوٽ چڙهيو گهوڙيءَ تي، ناسَ ڦٽو ٻوڙي،
سوا گهڙيِءَ جي واسطي، ساري عمر ٿو لوڙي.
— هڙ ۾ ڦوٽا، ڇورا اندر جا کوٽا.
— اسان نہ ماريو، ڪاريءَ ڪُتيءَ ماريو،
ڪاري ڪُتي جيل ۾، اسين پنهنجي ريل ۾.

اهڙي زماني ۾ خود غرض اِنسانن کي ڏسي سنڌي شاعريءَ جو عمر خيام سڏجندڙ شاعر هرو سدارنگاڻي ”خادم“ ڪيئن نہ ٿي پوئتي پئجي سگهيو. هڪ رباعي ٻڌو طنزي روپ ۾.

گل سان مون ذڪر جڏهن زماني جو ڪيو،
دڪ دل جو لڪائي هوُ اچي ڪِلَ ۾ پيو،
هڪ ٻئي کان ڇني ڏار ورق ڪيس گلچين،
حيرت تي انهيءَ وقت ۾ هُن ڪين رنو.

مذڪور شاعرن کان سواءِ ٻيا هيءُ بہ شاعر آهن جن جي شاعريءَ ۾ طنز آهي ئي آهي، اُهي آهن : هري دلگير، ڪيئلداس فاني، ارجن شاد، رام پنجواڻي، پربو وفا، ايشور آنچل، سگن آهوجا، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش، اِهو ترقي پسند شاعرن جو دؤر هو. ٻيا شاعر آهن: ٻلديو گاجرا، سترامداس سائل، ڊاڪٽر لڪميچند پريم، ارجن حاسد، واسديو موهي ۽ ڪي ٻيا.

ڪئي تنهن بہ ڌرم جي ٻهروپي ٻاون/پوڄارين تي صاف چٽي نموني ط
ڪئي آهي ۽ تعصب تي طنز ڪندي هڪ شعر ۾ چوي ٿو :

عجب اڄ دؤر دنيا ۾ ڌرم جي ناهہ نيشاني،
يا آهي ڏيک ادمبر، يا آهہ خفت خفتاني.

مذاقي ۽ طنزي لکڻ ۾ هڪ ٻيو عالماڻو شخص شمار ڪري سگهجي ٿو. ا
هو پروفيسر هاسانند جادوگر. ڪي مثال :

- نِڪمو نرُ هجي يا نارِ، تنهن کي نانگ مثل مارِ.
- فئشنُ ٿيو ڪين وئلُ، مردُ بڻو آهي بيئلُ،
  ناز نخرن جو نئلُ، هيءَ جوءِ تي ڪين جيلُ.
- فئشن چوان يا ڦوندِ، بصر چوان يا ٻوندِ،
  ٽڪراٽي کي چوندِ، مَن گهگهريون ٿهن گهير سان.
- وارن سنديءَ ولِ ۾، بڪلَ ڪانٽا بہ ڳُلَ،
  اهڙا پيا آهن هُل تہ، اُتان رستا نڪرندا ريل جا.
- سچ مرچان ڪوڙ ڳڙُ، پير پيسا، زالَ گُر.

ورهاڱي کان اڳ جي مذاقيہ/طنزيہ شاعريءَ تي اچون جيڪا سنڌ ۽ هند
گڏيل/مسيل لکيل ملي ٿي اُنهن ۾ پوئين دؤر جي لڳ ڀڳ سيني شاعرن مذاق
طنزيہ ڪويتائن تي قلم آزمايو آهي، اُهي آهن سنڌي ساهتيہ جو وهائو ت
ڪشنچند بيوس، سنگيتاميہ شاعريءَ جو شهنشاه پرسرام ضيا، سادگي
گنڀير تا جو شاعر نارائڻ شيام.

ائين چوڻ ۾ اچي ٿو تہ مذاقيہ شعر جي شروعات ٻوپال جي خوبچ
پريمي، جنهن کي ٻيجل بہ چوندا هئا، اجمير جي روچي خوابيءَ ۽ اُلهاس
۾ رهندڙ پرسرام ضيا ڪئي.

ضيا جي شعر جو هڪ مثال :

اسان کي صرف نالي واسطي ٿي ليڊَري گُهرجي،
نہ مطلب قوم سان ۽ نا وطن جي بهتري گهرجي.

ڀارت جي قومي شاعر 'دڪايل' جي دکي دانهن جنهن طنز جو روپ
آهي تنهنجو ذڪر ڪريون :

پورهيتن جي گهر الا، اِخلاف غُربَت جو انڌيرُ،

اديبن جا رايا

مهنجا پيارا جهونا ادبي متر، ڪشن کوبچنداڻي ’رنجايل‘

پوئين دفعي اسين احمدآباد ۾، پريس ۾ مليا هئاسين. تڏهن تو، مونکي پنهنجي شاعريءَ جا ٽي ڪتاب (1) بانوري باک (1993)، (2) پل پل تند تنوار (1997) ۽ (3) ذات جا ڏيئا (2002) ۽ اُن سان گڏ پنهنجي بايوڊيٽا ۽ ٻيو مواد ڏنا هئا. مون توسان واعدو ڪيو هو ته فرصت هٿ ڪري پڙهي، توکي پنهنجن راين کان واقف ڪندس.

اُن بعد ترت مان پنهنجن ٻارن، پوٽن، پوٽين سان ملڻ لاءِ مهنو ڪن اُلهاسنگر هلي ويو هوس. اُتان موٽي تنهنجي شاعري ڳتڪن کي غور سان پڙهيو اٿم. اِئين ته توکي سالن کان سڃاڻان، سٺ واري ڏهاڪي، ست اٺ سال احمدآباد ۾ هوس، تڏهن روبرو تنهنجي ادبي ۽ سماجي سرگرمين کي ويجهڙائيءَ تان ڏٺو هوم.

’بانوري باک‘ جي ڪوَر تي دلگير صاحب جي اِن راءِ سان ته بلڪل سهمت آهيان ته ڪوتا ڪلا-ماترائن، ڇند، قافيه، رديف جي توکي پوري ڄاڻ آهي ۽ تنهنجي شعر جي زبان به پختي آهي. لاشڪ تو سالن کان ڪوتا ڪلا جي پئي ساڌنا ڪئي آهي. ساهتيه جي لاڳيتي اڀياس ۽ تعليمي کيتر ۾ رهندي دنيا جي ڀاون ۽ مسئلن بابت تنهنجو پختو ۽ اِنسان پسند نظريو به تنهنجي شعر و شاعريءَ ۾ آهي. ها، مان به اُن کي شاعري مڃان ٿو، محض تڪبندي ڪانهي- جئن اڄ ڪلهه گهڻا پيا ڪن.

پر، منهنجو اِهو رايو آهي، تو شاعريءَ ۾ پنهنجي جدا، نج ڇاپ حاصل ڪانه ڪئي آهي. اُن ۾ ڏانو گهٽو آهي، ذات گهٽ.

منهنجو ڪجهه اهڙو تاثر آهي ته شاعريءَ جي هر ڪنهن صنف تي قلم آزمائڻ ڪري، تنهنجي پنهنجي ذات، ورهائجي ويئي آهي. مان هوُند چاهيان ها (جا به) ته تون جنهن صنف ۾ پاڻ کي وڌيڪ Identity نظر ڪندو اچين، اُن لاءِ ليک کان ڪجهه هٽي، لکڻ جي ڪوشش ڪر، پنهنجي الڳ وات تلاش ڪر.

نئين ڪويتا ۾ بہ جان تان طنز جو تکو گھاءُ هوندو ئي آهي. نئين ڪوين
جو بہ دور چيو وڃي ٿو تہ 1965-1966 کان شروع ٿيو. آزاد نظم جو پهريون
نمونو ”ڇهبوڪ من جا“ نالي ڪتاب ۾ ڏنل آهي. اِن ڪتاب جو ليکڪ اسا
جو مهان ودوان رشي ڏيارام گدومل آهي. ساڌو واسواڻي بہ اهڙي قسم جا آزا
نظم لکڻ لڳو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ۽ ڄهامنداس مسافر نظماڻو نث
لکيو آهي. اِن سلسلي ۾ ٻيا شاعر آهن : گوردڌن ڀارتي، موهن ڪلپنا، موتيلا
جوتواڻي، ڪيرت مهرچنداڻي، ڪشن کوبچنداڻي ۽ گوردڌن تنواڻي. هن
طنزي شعر رچيو آهي.

نئين ڪويتا جي جن شاعرن ڪاميابيءَ سان قلم هلايو آهي اُهي آهن
هريش واسواڻي، واسديو موهي، پريم پرڪاش، ٿقتن پرسواڻي، ويڙهو رفيق
ڪلا پرڪاش، وشنو ڀاٽيا، شيام جئسنگهاڻي، برج موهن، موهن ديپ، موه
ڪلپنا، آنند کيماڻي، لعل پشپ، نامديو تاراچنداڻي، ايشور آنچل، هي
شيوڪاڻي، هوندراج بلواڻي، ايم. ڪمل، ارجن حاسد، ليڇمڻ ڪومل
هريڪانت، امل آهوجا، سريچند کيسواڻي، وينا شرنگي ۽ ڪي ٻيا. اُنه
سيني شاعرن طنز جا تير اُڇليا آهن. انهن مان ڪي پختا ۽ سٺا شاعر آه
انهن شاعرن کانسواءِ ٻيا شاعر آهن : ارجن سڪايل، واسديو نرمل، هاسار
پيئا، اندر پوجواڻي، ليڇمڻ ڪومل، سترام همدرد، ٽيڪچند مست، دي
آشا، گوردڌن شرما گهايل، آشا درگاپوري، ڪمل پياسي، وشنداس لڪل، آ
واسواڻي مجبور، جيوترام ترنگ، سندر ڄڳواڻي مجرم، ڀڳوان نردوش، مو
اُداسي، سريچند جاني، ڏولڻ راهي، ليڇمڻ دبي، موتيرام رامچنداڻ
جڳديش شهدادپوري، مينا شهدادپوري، ريکا ڀاڳچنداڻي، سندر
اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، ريتا شهاڻي، وڪرم شهاڻي، ڄئرام چمناڻ
گهنشيام ساگر، تارو گرناڻي، ڪوڏومل جانب، نريش اُڏاڻي ۽ ڪي ٻيا.

1947 ۾ لال سنگهہ اجواڻيءَ اهڙو اِشارو ڏنو هو تہ ”جي نئين سنڌ سچ
آزاد ٿي ۽ ڀاڻ سڄاڻائين تہ پهرين نشاني ٿيندي خوشيءَ جا گيت ۽ مذ
شعر.“ ٢

ڪيترين ئي اخبارن سان واسطو رهيو آهي. ڪن جو سمپادڪ، خاطو، ڪالمست ۽ پئٽرن (مربي) تي رهيو آهي.

هن بابت ودوان جيڪي رايا ڏنا آهن اُنهن کي به خيال ۾ رکيو آهي. ”ساهتيہ سريتا“ جو صورت ۾ سنڌيءَ کي هڪ سنو ساهتڪ مضمونن جو گلدستو ڏنو آهي.

اديب دوستو، هيءَ اتو ڪشن خوبچنداڻيءَ جي توري ۾ چُني. نکشتر، چوُگهڙيا، گره گوچر ڪڍڻ لاءِ ڪنهن برهمڻ کي چوندا. ها، متي لکيو اتم ڪرشڻ ۽ ڪشن. بنسريءَ وارو هوُ ڪرشڻ سانورو هو. اسان جو هيءُ ڪلڪ وارو ڪشن سهڻو آهي! مونکي تہ وڻندو آهي. آهي بہ مونکان ڏيڍ سال ڪن ننڍو! توهان جو ڇا ويچار آهي؟ اهو توهان پاڻ ٻڌائيندا!

- تيج ’قابل

پيارا ڀاءُ رنجايل صاحب،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا، اوهانجو نذرانو ”پل پل تند تنوار“ مليو. لک ٿورا. اڄ پڙهي پورو ڪيم. هن ڪتاب ۾ غزل ٿورا آهن پر نيون ڪوتائون بہ واهہ جو رنگت لايو ويٺيون آهن. ”بي ادبي ادب تي غالب پئجي ويئي آ.“ ڪيڏي نہ صحيح ڳالهہ لکي اٿو. اهڙا ڪئين گفتا آهن، جيڪي سچ جو اظهار ڪن ٿا. ذهن کي ولوڙين ٿا. ”ڪوتا پاڳلپڻو آ/ گم ڪرڻو آ/پاڻ کي/پاڳل پڻي ۾.“ يا ”سيا جو پرمکہ/ڪانءُ هو/هنسن جو بهشڪار.“ اڄ ائين ئي پيو ٿئي. غزل سڀ سهڻا آهن. هائڪوُ تي سني ڪلڪراني ڪئي اٿو. ترائيل ڪافي وقت کان پوءِ ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهڻ لاءِ مليا آهن. بيحد سٺا آهن. گيت بہ 3 آهن پر هر شيءِ ذائقيدار آهي. توهان هر صنف تي سٺي نموني قلم هلائي سگهيا آهيو. جس هجيوَ. منهنجو رايو نہ ڇاپائي سگهيا. شايد وڏو مضمون هو. خير راين موڪليندڙن ۾ نالو تہ ڏنو. ڌنيواد.

- ڪيمن يوُ. مولاڻي (ڀوپال)

رنجايل کي مان مرڪندو ڏسڻ چاهيان ٿو
پل بہ تہ مان ويراڳہ ورتيءَ ۾ ورتل رهان ٿو
نيايان ٿو فرض پنهنجو، ڪيئن بہ ڪري ڏيندس رايو
رايو منهنجو آهي منهنجو، بي باڪ بيهڻ گهران ٿو.

باوجود اِن جي، هن وقت بہ جيڪي ادبي ۽ سماجي سرگرميون پنهن
صحت ۽ وت آهر ڪري رهيو آهين، اُهي فرصت ۽ سؤمان سان ڪندو
جاري رکہ. من ۾ ڪنهن بہ احساس ڪمتريءَ جو پاو اچڻ نہ ڏي.

ڪشن، تون بنيادي طرح هڪڙو پَلو، سين جو گهڻگهرو شخص آهين،
احساس مونکي، اُتي پريس ۾ توسان چند ڪلاڪن جي گڏجاڻيءَ ۾ و
ٿيو. اسان اديبن ۾ اهڙا تو جهڙا شخص، وشواس رکہ، تمام ٿورا آهن. اِن
خصلت بہ هڪڙو وڏو گڻ آهي. هن وقت عمر جي جنهن سنڌيا ويلا ۾ تو ۽
جهڙا ماڻهو آهن، تن کي فرحت سان، پنهنجون سرگرميون ڪندو رهڻ
تو هيل تائين جيڪو حاصل ڪيو آهي، اُهو بہ گهٽ ڪونهي.

وري ترت جڏهن روبرو گڏباسين، تڏهن تو جهڙي سکر ماڻهوءَ سان
گرم جوشيءَ سان گلي ملندس.

تنهنجو گهڻ گُهرو : هيرو شيوڪ

ڪشن ڪلڪ وارو

هو ڏسو ڪرشڻ جمنا نديءَ جي ڪناري تي ڪدمب جي وڻ هيٺا
بنسري وڄائي ۽ گايون پيون بنسريءَ جي آواز تي مستيءَ ۾ گاه ڪائير

۽ هيءُ ڏسو ڪشن ڪبيرنگر جي گهر ۾ هڪ ننڍڙي ڪوٺڙيءَ ۾
ڪلڪراني پيو ڪري. ڪتاب ڇپائي عوام کي پيو ڏئي. عوام هن جي
غزل وغيره کي پڙهي پيو جهومي ۽ دماغي خوراڪ حاصل ڪري. ڪهڙ
آهي؟ هڪ پاسي بنسري تہ ٻئي طرف ڪلڪ!

ڪشن ايسرداس خوبچنداڻي ”رنجايل“ (ڪنهن جو رنجايل آهي
ڪيس خبر. مان دخل نہ ڏيندس.) جو جنم 1-1-1934 تي پريا ڳوٺ
نوابشاه-سنڌ ۾ ٿيو.هن سان منهنجي دوستي تڏهن ٿي جڏهن هيءُ
۾ ايف.سي.آءِ. ۾ نوڪري ڪندو هو. ان ڪانپوءِ اسڪول ۾ ماستر ٿيو ۽ پر
جو عهدو ماڻي رٽائر ٿيو.

هيءُ ڪيترين ئي سنسٿائن جو عهديدار ٿي رهيو. هن تعليمي ۽
ڪيتر ۾ پاڻ موکيو آهي. هيءُ گجرات ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جو سمالو
رهيو آهي. هن جون رچنائون درسي ڪتابن ۾ ڇپيون آهن. هيءُ ڪن
جو سمپادڪ ٿي رهيو آهي تہ ڪن جو وري سمپادن ڪاريہ ڪيو اٿائين

محترم دوست شري ڪشن کوبچنداڻي توهان جي سڪ پيري سوغات : رنجايل جا ٧٥ غزل ۽... جو ذائقو ورتم. ڏاڍو مزو آيو. توهان بيجوڙ محنت ڪئي آهي. تنهن لاءِ واڌايون.

آشا رکجي ٿي تہ رنجايل جا 100 ڪتاب ۽ 200 سال عمر-

شل مالڪ اوهان جي عمر ڪري دراز،
ساهتيہ ۽ ادب جي کيتر ۾ رهو سدا سرفراز،
خوش ٿئي ”داس“ پڙهي ناياب ڪتاب اوهان جا،
آهيو توهان بلاشڪ عالم ۽ ودوان،
سنڌي ساهتيہ ۾ آهہ اوهان جو امولیہ يوگدان،
ڏيندا رهو گيان اسان جهڙن اگيانين کي.

- **کتري چيتانند جي پرمانندا ڻي ’داس‘**

ڪشن کوبچنداڻيءَ جي ٻولي سپڪ ۽ محاورن سان سينگاري پيئي آهي. ڪن مضمونن منهنجي من کي موج ۾ آندو آهي. ڪافي عرصي کان ساهتڪ ۽ تعليمي کيتر ۾ سرگرم رهيو آهي. مضمون نويسي سندس خاص شغل آهي. ڪن مضمون چٽاڀيٽين ۾ انعام بہ حاصل ڪيا اٿس. هن کيترن سيمينارن ۾ پڻ ڀاڱہ وٺي ڌار ڌار وشين تي غور لائق مضمون پڙهيا آهن جيڪي پسند پيا آهن. هيءُ گلدستو سنڌي ساهتيہ جي ڦلواڙيءَ ۾ هڪ سنو اضافو ٿيندو ۽ پنهنجي مهڪ سان کيترن کي معطر ڪندو.

- **ڪيرت ٻاٻاڻي** (ڊسمبر 1982ع، ممبئي)

(ساهتڪ مضمونن جي مجموعي ”ساهتیہ سريتا“ تان ورتل)

ٻهومکي شخصيت جو مالڪ شري ڪشن کوبچنداڻي نہ صرف هڪ اعليٰ درجي جو مضمون نگار آهي پر ان سان گڏ هڪ سنو ۽ پختو شاعر، ترجمان ۽ تعليمدان پڻ آهي. ليکڪ جون رچنائون 1958ع کان وٺي ڀارت جي جدا جدا مخزنن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن جن ۾ هندواسي، سپيتا، ڀارتواسي، چوڏس، ڪونج، سنڌي گلشن، سنڌو ڌارا، نئين دنيا، سپون، نذرانو ۽ ٻيا رسالا اچي وڃن ٿا. ڪشن ”رنجايل“ پنهنجي ساهت جي اٽڪ ڪوشش ۾ سرگردان آهي.

’بانوري باڪ‘ مان کنيل.

- **پگوان نردوش** (1993ع)

منهنجي نظر ۾ رچنائون سهڻن ويچارن واريون آهن. سطحي ته آ
ئي، ساڻ ساڻ خيالات خوب وڻندڙ آهي.
غزل گهڻو سٺا آهن. ڪي ڪي دل کي ڇهندڙ ۽ شاندار آهن. مثلن :

(1) اسين ڪين چاڻون ٻنهه بيوفائي،
وفا تي اسان کي فخر ئي رهيو آ.
(2) ڪٿن منهنجو من شانت رهي،
تعصب تو ڇڙواڳه گهمي.
(3) ٽڪر چنڊ جو ڪولڪل هو ڪڪر ۾،
هٿن سان پوتي هٽائي ڇڏيندس.
(4) شاهي عيب اسان کي پنهنجا،
ٻئي جي نندڙي تي ڪلون ٿا.
(5) سچ جي مرڪ لڳي تي ڦڪي،
ڪوڙ ڪري تو پاڻ تي ناز.

- **اِندرلال سوماڻي 'ويراڳي'** (اُلهاسنگر

(1) اوهان جو 5 نومبر جي هندواسيءَ ۾ ''سنڌي ٻولي ۽ جهونو ساه
ليکه پڙهيو اٿم. ليکه مون کي ڏاڍو وڻيو. اڳتي پڻ ڪوجناتمڪ ليکه ل
رهندا. (2) مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ته اِتي ياونگر ڪانياواڙ طرف جي
وٽ پيل پراڻو ساهت هٿ ڪرڻ جي ڪاريه ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهيو.

- **ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچند**

8-12-61 ۽ 18-7-1962ع ده

ڪشنچند خوبچنداڻيءَ سان منهنجو ناتو 1959ع کان آهي، جڏ
''چوڏس'' ماهوار مخزن ڪڍندو هوس. هو نه رڳو رچنائون لکندو هو پر يا
۾ اخبارن/مخزنن جو ڦهلاءُ به ڪندو هو. سنڌيت جي هلچل ۾ هو هم
اڳرو پيئي رهيو آهي. سوراشٽر جي ساهتڪ ۽ تعليمي هلچل ۾ تڪو بهرو و
هو. خوش طبع شخصيت جو مالڪ آهي.
ساهتڪ مضمون ''ساهتيه سريتا'' مان ڪنيل.

- **ديال موٽواڻي** (نومبر 2
(سمپادڪ : جهوليلعل هفتيوار اخبار - احمد

شاعريءَ جي اونهي عميق ۾ هڪ ٽوبو ٻڌجي، ٽبيون ڏيئي، غزل، هائڪو ۽ ترائيل جهڙا اَنيڪ بي بها مُلهائتا موتي هٿ ڪري، عوام جي اڳيان آڻي، سنڌي اَدب جي شيوا جيڪا توهان ڪئي آهي، ان لاءِ بيشڪ واڌاين جا مستحق آهيو.

سنڌي اَدب ۾ اُهو ئي جوش ۽ جذبو قائم رکي، توهان جي اِها وڏايل وکَ اڳتي هلي، توهان جي اڪيچار اَڻ ڇپيل ساهتيہ کي بہ ڪتابي صورت بخشيندي، اَهڙي اَسان جي پيار ڀري آشا آهي.

- چمن شرما (احمدآباد، فيبروري 1994)

ڪشن هڪ ملنسار ۽ هرهڪ کيتر ۾ هر وقت هٿ وٺائيندڙ سنڌي هستين مان هڪ مکيہ هستي آهي. ڪشن هڪ سٺو شاعر، ڪامياب ڪهاڻي نويس ۽ مضمون نگار آهي. هن جا ڪوجناتمڪ مضمون تہ ڪافي معيار وارا آهن. هن جو اڀياس وسيع آهي. سنڌيت جي جوت جلائيندڙ آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ماڌيم کي قائم دائم رکڻ جي سرگرمين ۾ سرگردان ٿي پئي رهيو آهي. هو رلڻي ملڻي سڀاءُ وارو ۽ سدائين کلڻو شخص آهي.

- ليلارام رچنداڻي (احمدآباد-1994)

اسين ڪين ڄاڻون بنہ بيوفائي،
وفا تي اسان کي فخر ئي رهيو آ.

سچڻ توهان جي هن شعر تي قلم کڻڻ لاءِ مجبور ڪيو. اوهان جي ئي اِن غزل ۾ اُن کان اڳہ وارو بند لبن تي اچي ويو.

نہ دل تي خوشين جو اثر ئي رهيو آ،
نہ يارن ۾ هاڻي قدر ئي رهيو آهہ.

واه! توهان جو هيءُ شعر جڻ منهنجي جذبن جي ترجماني آ. هونئن بہ شاعر عوام جي دل جو آواز ۽ احساس پيش ڪندو آ. اوهان جي شاعريءَ ۾ اَڄ جي دؤر جو عڪس آ، عام جو آواز آ ۽ سنڌ جي سار بہ آ. اوهان جو ڪتاب شعر وَ شاعريءَ ۾ چاهہ رکندڙن لاءِ سهڻي سوغات آهي.

''بانوري باکہ'' بابت.

- وينا شرنگي (دهلي، 1995-10-3)

لوڪ ڪهاڻيون قلم بند ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن. پر جديد ماحول

سنڌي ادبي ڪيتر سان سالن کان جڙيل بر ڪه تعليمدان ۽ رٽايرڊ پرنسپ
شري ڪشن کوبچنداڻي ائين تہ ساهتيڪ، تعليمي، تحريڪي ۽ سماج
ڪيتر سان ڪافي سرگرم روپ سان جڙيل پئي رهيو آهي. پر ڪن گه
جوابدارين سبب هوُ ڪجهہ وقت ادبي ڪيتر کان ڪنارو ڪري ويا هئا پر ور
نئين اُتساهہ ۽ اُمنگہ، جوش ۽ خروش سان هنن نئين سر ادبي ڪيتر ۾ پنهن
قدم پختي نموني ڄمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

”بانوري باڪہ“ جنهن ۾ غزل، هائڪو، گيت، ترائيل، قطعا وغيره شاعري
جون صنفون شامل آهن انهن تي نظرثاني ڪندي اِهو بخوبي چئي سگهج
تو تہ جيتوڻيڪ ”رنجايل“ جي شاعري جو هي ٻيو مجموعو آهي پر ا
هڪ پختي شاعر جيان علم عروض جي وزن ۽ ڇندن تي رچيل آهي.

- جڳديش شهدادپور

شري ڪشنچند کوبچنداڻي مقبول تعليمدان سان گڏ مقبول ساهتيڪ
بہ آهي. سندس ساهتڪ يوگدان کي وساري نٿو سگهجي.

تازو ئي سندس نئون شعرن جو مجموعو ”بانوري باڪ“ نظر مان ڪ
جنهن ۾ غزل، هائڪو، گيت، ترائيل ۽ قطع اچي ٿا وڃن. سندس رچنا
دلڪش ۽ موزون آهن. بيان ڪرڻ جو انداز پڻ وڻندڙ ٻولي سليس ۽ رو
واري آهي. رچنائن ۾ راحت، رنج محبت، محنت، جدائي، مِلن، قدر
سونهن، جيونجو فلسفو آشاواد، نزاڪت ۽ نفاست وغيره جا پهلو اچي وڃن

هن قلم روپي ساز ڪنيو آهي ۽ اِهو وڄايو آهي. جڏهن ڪو پاڻ لاءِ ئي چوي
: ڪوئي ساز وڄائي وينو، پنهنجي دل بهلائي وينو- جڏهن جيون ۾ ر
رنج جا پل آيا اٿس چيو اٿس :

مرڪ ڪسي ويو وقت هچارو
ماڻهو ٿي پيو آ ويچارو.

جيون آ سنگرام
جوئيندو رهہ جنگہ تون
ڪين ڪبو آرام.

- راجيندر واسواڻي ’سنڌي‘ (احمدآباد، 3

لهرن جو چهاءُ محسوس ٿي رهيو هو! سنڌوءَ جيان نرمل، پاڪ، آشاوادي ويچارن ۽ اونهن خيالن دل ۽ دماغ کي تز ۽ تازو ڪري ڇڏيو!! اهڙو آشاوادي شاعر ''رنجايل'' ڪيئن ٿيو؟ اهڙي پياري شاعر کي ڪير رنجائيندو؟ منهنجي ويچار موجب ته هڪ ڪک به ڪيس رنجائڻ ڪونه چاهيندو. اهڙي شاعر مٿان ته هرڪو پنهنجي جان پڻ نڇاور ڪرڻ چاهيندو!! ۽ بس.

- **پهلاج ''مسافر''** (رائيپور-1996-5-24)

توهان جو ''بانوري باڪ'' شعرن جو مجموعو سرسري نظر مان ڪڍيم واقع توهان جي فن ۾ پريپڪوتا آهي. چند وديا ۽ تڪبندي جاڻ وارا سنڌين ۾ اڄ ڪلهه آڱرين تي ڳڻڻ وارا وڃي بچيا آهن. توهان پلي قلم هلايو پائر ضرور قدر ڪندا.

ساڳئي پنڌ جا پانڌيئڙا ۽ ساڳين ويچارن وارا ملندا آهن ته ڪهڙو نه آنند ايندو آهي. اِهو آنند توهان سان دهليءَ ۾ ملي آيو، اِها ملاقات زندگيءَ پير ياد رهندي.

وقت به وقت پنهنجي طرف جي سرگرمين جو احوال ڏيندا رهندا. توهانجا سوُٽ وغيره هتي آهن، ڪڏهن اچو ته ضرور درشن ڏجو.

- **نولراءِ بڇاڻي** (اڌيڪش راجستان سنڌي اڪادمي، اجمير-1996-4-2)

توهان صاحب جو سِڪ پريو ناياب نذرانو ''بانوري باڪ'' شعرن جو مجموعو مليو. جيئن جيئن اِهو پڙهندو ويس، تمام معياري حاصلات مان لطف حاصل ٿيو. چو جو اَجڪلهه سنڌي ساهت ته ڇڱو شايع ٿي رهيو آهي ليڪن طبيعت کي جنهن مان لطف حاصل ٿئي سو گهٽ ميدان ۾ آيل آهي. ڪيترا ذهين شاعر ڪامل گرو ملڻ نه ڪري ڪيترو نه پاڻ پتوڙين ٿا. ته به ڪجهه نه ڪجهه اُن ۾ قابليت جي حاصلات رهجي ٿي وڃي.

اُميد ته اڳتي به پنهنجي قابل قلم کان هن پياسي کي وانجهيل نه رکندا. اشاعت نڪري ته ضرور به موڪلڻ جي عنايت ڪندا.

- **موهن اُداسي** (جئپور-1996-4-5)

اوهان جو پهريون شعرن جو مجموعو 'بانوري باڪ' مليو، لک ٿورا. سچو مجموعو واچيم پر مونکي ائين ڪونه لڳو ته اهو ڪنهن نئين شاعر جو پهريون مجموعو آهي. مونکي هڪ پڪي پختي شاعر جي شاعرانه مزاج جي تخليق

۾ جنهن نموني تڪڙيون بدل سدل ٿي رهيون آهن. پرچار ۽ پرسار جا ساڌ
وڌي رهيا آهن. آڪاشي منورنجن جو حملو دوردرشن، ٽي.وي، چئنل دوار
اِنساني جيوت تي ٿي رهيو آهي. اهڙي ماحول ۾ ڪيتريون ڳالهيون، ڪهاڻيو
گم ٿينديون پيئون وڃن. اُهي عوام جي ذهن تان ميساربيون پيون وڃ
اهڙن دٻاون ۾ اِهو لازمي آهي تہ جيڪي لوڪ پرمپرائون، ڪهاڻيون اڃا نائي
قلم بند نہ ٿي سگهيون آهن يا فلمايون نہ ويئون آهن اُهي تڪڙيون قلم ب
ڪيون وڃن ۽ اسان جو جيڪو قيمتي ورثو آهي اُن کي محفوظ رکڻ ج
ڪوشش جاري رکجي.

مونکي خوشي آهي تہ احمدآباد جي برک اديب، تعليمدان، ڪوي، سما
سڌارڪ شري ڪشن خوبچنداڻي اِن اهم ترين ضرورت کي محسوس ڪندي
ٻال لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو ”وڻ ۾ منهنجو ساهہ“ جوڙي شايع ڪيو آهي
جنهن ۾ 15 جدا جدا ٻال ڪهاڻيون درج ڪيون آهن. شري ڪشن خوبچنداڻ
”رنجايل“ جون قلم بند ڪيل ڪهاڻيون ديو، پرين، پکي پسن وغيره جو
آهن، جن ۾ ڪي ننڍي قد واريون، ڪي وچولي قد واريون تہ ڪي وري پور
قد ۽ مقدار واريون آهن. جيڪي جيون سڌار جو سنديش تہ ڏين ٿيون
بهادريءَ جو اظهار ڪندي، قومي ايڪتا جا درشن ڪرائيندي، ڀرپور منورنج
پڻ ڪن ٿيون.

”وڻ ۾ منهنجو ساهہ“ سنڌي لوڪ ادب ۾ هڪ وڌيڪ ۽ آجيان لائق اضا
آهي جيڪو ڪتابي صورت ۾ شري ڪشن شايع ڪيو آهي. اُن جو قدر ضر
ٿيندو اهڙو وشواس آهي.

- ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي (احمدآباد-995

اوهان جي شعرن جي مجموعي ”ٻانوري ٻاڪ“ ۾ معياري ڪويتائون ڏ
آهن، اوهان غزل، گيت، ترائيل، قطعا، هائڪوُ وغيره فارمن ۾ ڪاميابي
سان پنهنجي صادق جذبات کي اظهار ڏنو آهي، اوهان کي ڪوتا-ڪلا ج
پوري پوري ڄاڻ آهي. خدا ڪري زور قلم اؤر زياده!

- ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي (دهلي-1996-4-

”ٻانوري ٻاڪ“ اڄ پڙهي پورو ڪيو اٿم. علم عروض ۽ ڇند وديا جا پار
اوهان جي ”ٻانوري ٻاڪ“ کي ضرور پسند ڪندا. پڙهڻ وقت سنڌوءَ ج

ڪٿي طنز جا سوئا، ڪٿي سماج جون عقوبتون ڪٽي ڦيون اچن. هڪ عناصر، جيڪو خاص ڌيان ڇڪائي ٿو، سو آهي ''رنجايل'' جو نفي رخ-مواد مان شفي پهلو ڳولهي وٺڻ ۽ ان کي اپنائڻ جنّن ''ورود وٽندو آهي'' ۾ ورود کي طاقت مڃڻ ۽ ''روز جي اَپڊائون'' کي لکڻ لاءِ پريرڻا ڪري ڪٽڻ. اهڙي طرح ئي اونده ڪوتا ۾ هي سٽون:

هوُ پاڇو هو

يا روشني؟

مان احسانمند آهيان

جو اونده

سڀ راز کوليا.

پاڇو اونده ڪارائڻ هوندو آهي. ان کان منهن ڦيرڻ جي فطرتي عمل کانپوءِ 'رنجايل' ان کي ''روشني'' ٿو مڃي ڇاڪاڻ تہ پاڇو شخص جي اوٽاين جا راز کولي ٿو ڇڏي.

ڪوتائن ۾ ئي 'رنجايل' ''قدم هماليہ پهاڙ'' جهڙو استعارو ڏنو آهي. هڪ اڻچهيل استعارو نقطن ۾ بہ ڇڪي ٿو. لب-چقمق.

''رنجايل'' جي ''بانوري باڪ'' جي مهاڳ ۾ دلگير صاحب لکي ٿو: ''سندس (رنجايل جي) ٻولي سهڻي، سلوڻي ۽ پڪي پختي آهي ۽ جنّن تہ ڪيس وزن ۽ چند جي پوري ڄاڻ آهي، تئن سندس ڪوتا ۾ رواني بہ سٺي آهي.''

دلگير صاحب جهڙي پايي جي شاعر جي اهڙي رايي کان پوءِ ڪنهن شاعر کي ٻيو ڇا کپي؟

''پل پل تند تنوار'' (ڪوتائون) مان ڪنيل.

- **واسديو موهي** (احمدآباد-1997-8-21)

رنجشون دور ڪندڙ دادا ''رنجايل''.

دادا ڪشن خوبچنداڻي ''رنجايل'' سان منهنجي واقفيت سي.ايچ.ڊي ۽ (دهلي) پاران 1982ع ۾ اُديپور ۾ ڪوٺايل آل اِنڊيا سنڌي ماسٽر ورڪشاپ ۾ ٿي. سنڌي ورڪشاپ/سيمينار ۾ وڃڻ جو اِهو پهريون آزمودو هو. انن ڏينهن جي اُن ورڪشاپ دوران دادا جي پنهنجائپ پريل وهنوار اُتي جي ماحول کي گهرو ماحول بڻائڻ ۾ مدد ڪئي ۽ پوءِ وقت بہ وقت ان قسم جي پروگرامن ۾

لڳي. انَ جو ثبوت اهو آهي تہ هرهڪ رچنا جي هينان وزن بحر ڏنل آهن.
جيڪي اڪثر ڪتابن ۾ ڪونہ هوندا آهن. ڪافي فارمن تي قلم آزمائي
ڪئي اٿو. مجموعي ۾ 22 غزل، 51 هائڪوُ، 12 گيت، 11 قطعا ۽ 6 ترائيل ڏنل
آهن.

ڪل ملائي مجموعي ۾ شامل شعر ذهن کي تراوت ۽ دل کي سڪون ڏين ٿا.
مونکي اُميد ئي نہ پر پوري پڪ آهي تہ هي مجموعو سنڌي ادبي جڳت ۾
جوڳي جڳهہ والاريندو.

- ڪيمن يوُ. موُلاڻي (بڙا ٻڙه، ڀوپال-1996-7-22)

ڪشن سان گهاريل مون کي اُهي ڏينهن ياد آهن، جڏهن مان اورنگ آباد
مان بدلي ٿي سڌو ڀاونگر آيل هوس ۽ ڪشن اُن وقت مرڪزي سرڪار جي
اناج کاتي ۾ ڪلارڪ طور نباهيندو هو. ڪشن کي ساهتيہ سان منڍ کان ئي
ايترو لڳاءُ هوندو هو جو نوڪريءَ کان پوءِ هو الڳ الڳ هنڌن تي ويندو هو،
خاص سنڌي اخبارن کي نظر مان ڪڍڻ ۽ پڙهڻ لاءِ. اُهي اخبارون/رسالا نہ
صرف ڪشن کي پر مون کي بہ قلم کڻڻ لاءِ مجبور ڪنديون هيون. سنڌس
ساهتيڪ ۽ تعليمي مستي ئي آهي جو مرڪزي کاتي جي نوڪري ڇڏي 1966ع
۾ خانگي هاءِ اسڪول ۾ شڪشڪ طور تعليمي کيتر پسند ڪيو جيئن قلم ذريعي
ساهت ۽ سنڌي تعليم جي ڪاروان کي اڳتي وڌائي سگهي. هوُ ساهتيڪار
طور فن ۽ فڪر جو پارکو آهي. هوُ سٺو شاعر، ترجمان، تعليمدان ۽ ليکڪ طور
اُڀري آيو آهي. سنڌي ساهتيہ ۽ تعليم جي کيتر ۾ سندس اتڪ ڪوششون
آفرين جي لائق آهن.

- ڪمل پياسي (احمدآباد-1997-7-20)

رٽائرڊ پرنسيپال ڪسن خوبچنداڻي ''رنجايل'' اتڪل ڇئن ڏهاڪن کان
الڳ الڳ صنفن ذريعي ساهت ۾ پنهنجي حاضريءَ جو احساس ڪرائيندو
رهيو آهي... ۽ هڪ ٻيو مجموعو هن پيري اُهو ''پل پل تند تنوار'' آهي
ڪوتائن، نقطن، ترائيلن، غزلن، گيتن ۽ هائڪن جو هيءُ مجموعو اُسلوب
جي حوالي ۾ شاعر جي گوناگونيت جي ساک ڀري ٿو. شاعريءَ جي علحدہ
فارمن سان جدوجهد پنهنجي ليکي هڪ قابل-تعريف ڪارنامو آهي.

''رنجايل'' جون ڪوتائون ڪٿي پيار جي نفاست، ڪٿي روزاني هڻ پٽ

1998 تي (خوبچنداڻيءَ جي جنم ڏينهن تي) احمدآباد ۾ ڪيو هو. هن مجموعي ۾ آهن ڪويتائون، غزل، هائڪوُ گيت، ترائيل ۽ نڪتا.

- **شيام سچانندڻي** (احمدآباد-1998-3-8)

اوهان جو ڪوتا سنگرهه 'پل پل تند تنوار' اڄ پڙهي پورو ڪيم.

توهان جي نئين ڪوتائن جي ڀيٽ ۾ مان غزل، گيت، ترائيل، هائڪوُ (جيڪي وزن تي لکيل آهن) تِن کان وڌيڪ متاثر ٿيس. ان جو ڪارڻ اِهو به ٿي سگهي ٿو ته منهنجو من ترنم طرف مائل آهي. ويتر جو توهان نوان ويچار پنهنجن غزلن وغيره ذريعي شايع ڪيا آهن تِن هرديه ڇهي سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. مان به توهان سان شاملراءِ آهيان :ادل! سچي معنيٰ ۾ شاعر تڏهن ازخود شعر اُچارڻ شروع ڪندو آهي جڏهن دِل کي اَندرين پريرڻا اَچي ٿي. اُن پريرڻا کي بحر وزن جي بندش ۾ آڻڻ اهو وري شاعر جي ڪرتويه جي دائري ۾ اچي ٿو. بحر وزن کانسواءِ شعر شعر ناهي. اُن کي نظماڻو نثر چئي سگهجي ٿو.

اُميد ته قلمي گهوڙي کي اجا تيز... اجا تيز ڊوڙائيندا رهندا. سائين شل توهان جو شوق ۽ ذوق برقرار رکي.

- **وليرام ڪشناڻي** (1999-1-14)

سرسوتي پُتر سَوَن جي سوُنهپ ڪن ٿا. سرسوتي پُتر پرنسيپال ڪشنچند خوبچنداڻيءَ به زندگيءَ جو گهڻو حصو تعليم جي کيتر ۾ رهي، هزارين ودياريٿين جي راهه روشن ڪئي آهي. هن ڪيترين ڪچڙين دلين ۾ شبُ سنسڪارن جو سنچار ڪيو آهي. هي صاحب هڪ آدرشي اُستاد آهي. حليم ۽ خب وارو شخص آهي. هو رچ مڙس ۽ چنتن شيل آهي. سندس دل ۾ سندس ٻولي، تعليم ۽ ساهتيه لاءِ اٿاه اُتساه ۽ اجهل اُمنگ آهي.

ڪشن رنجايل جي شاعري ڀارت جي قومي جهنڊي مثل ٽرنگي آهي. سندس شاعريءَ ۾ آشاواد جو نظريو به آهي ته حقيقتنگاريءَ جو انش پڻ، ساڳئي وقت سندس شاعريءَ ۾ موزون شعر جي مؤج به آهي. هو خود پاڻ لاءِ چا ٿو چوي:

سنُو شعر هرڪو غزل ۾ چوان شل!
سنُو شهرواسي وطن ۾ ڏسان شل!

پنهنجي ڌرم پتنيءَ سان زندگيءَ جا چائيتاليهه سال گهاريندي، پنهنجي

ساٿن ملاقاتون جاري آهن. اهڙن سيمينارن ۾ دادا جي جنهن خوبيءَ مون کي متاثر ڪيو آهي سا اها جو سيمينار، جنهن شخص يا وشيه تي هجي ان جو اونهو مطالعو ڪري پيپر نمبر موجب نوٽس وٺي پوري مانسڪ تياريءَ سان ايندا آهن جنهن ڪري هرهڪ پيپر تي وزندار نموني ڳالهائي سگهندا آهن. دادا جي واقفيت مان ئي سندن نشنا، محنت، جاکوڙ ڪندڙ سياءُ ۽ ڀوڳٽي شخصيت جو مالڪ هجڻ جي شاهدي ملي ٿي. ساهتڪ کيتر ۾ سندن شيوائون اسان جي ٿهيءَ لاءِ پريرڻا جو باعث آهن. دادا جن جي پختي ۽ رسيلي ٻولي ۽ اظهار جي قوت بيشڪ سنڌي ساهتيه ۾ عمدو اضافو آهي.

- **ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي** (اجمير-1997-11-20)

دوست ڪشن بدلاءُ جي هڪ پيدائش آهي، ڪٿان جو ڪٿي؟ ڪتيانا کان پاونگر، احمدآباد، نڙياد وري پاونگر ۽ هاڻي رٽاير ٿيڻ کانپوءِ 1992 کان احمدآباد!

ٻارن جي ماهوار مخزن ”جهرمر“ (1969) جو منهنجو ساٿي سمپادڪ. سرو شري ڪيرت مهرچنداڻي، ڦتن سڪواڻي، سريچند ڪيسواڻي ۽ چندر امبواڻي ”جهرمر“ جي ايگزيڪيوٽو بورڊ جا ساٿي هئا ۽ سرڪيوليشن مئنيجر شري جيئو گناڻي. ادبي ماحول سبب مرڪزي سرڪار جي اناج کاتي، پاونگر مان بدلي ڪرائي 1964 ۾ احمدآباد ۾ خيمو کوڙيائين. سنڌي ساهتيه سنگت، ڪٻيرنگر جي ادبي بيٺڪن ۾ سرگرم رهيو. سنڌي ٻولي، علم ۽ ادب لاءِ چاهه سبب سرڪاري نوڪري ڇڏي هاءِ اسڪول ۾ 1966 کان شڪشڪ طور تعليمي کيتر ۾ گهڙيو. اِن ڏس ۾ سخت محنت ڪري اڳيان آيو ۽ 17 سال پرنسيپال طور شيوائون ڏنائين. هن کي سک نه کپي. کپن دوست ساهتيڪ، ادبي دوست، سنڌي ٻولي ۽ تعليم سان چاهه رکندڙ دوست.

- **گورڌن تنواڻي** (جلگانءُ-1997-12-18)

اڄ صبوح جو هڪ ڪويتائن جي مجموعي جا ورق ورائي رهيو هوس. ها، ڪويتائن جي هن مجموعي جو نالو آهي ”پل پل تند تنوار“ رچناڪار آهي منهنجو دلبر دوست ڪشن خوبچنداڻي. ڪشن خوبچنداڻيءَ سان هن صديءَ جي ڇهين ڏهاڪي ۾ سڃاڻپ ٿي ليڪن اڄ ٽيهن سالن بعد به ڄاڻي نه سگهيو آهيان نه سچ پچ هوُ ’رنجايل‘ آهي؟ هن کي ڪنهن ’رنجايو‘ آهي؟

’پل پل تند تنوار‘ جو مهورت پدم شري جيوتمل جئرامداس 1 جنوري

جيون ساٿيءَ لاءِ صاف گوئي، ساراه جي مستحق آهي، چوي ٿو:

هر غميءَ ۾ ساٿ ڏيندڙ آهين تون،
دلربا تون آنهه منهنجي دائمي!
شل! ”رنجايل“ ساهه مان اُن تي چڙهيان،
آتما منهنجي، مان هن جي زندگي.

’رنجايل‘ تخلص پلي سرو شري دلگير ۽ دکايل مثل دک جو اظهار ڪ
پر خود جيون ۾ آشاواد جو نظريو رکندڙ آهي. ڏسو سندس هڪ غزل جو ش

انڌارو وڇوڙي جو ويندو ئي رهندو،
اسان سڪ سان ويناسين ڏيئڙا جلائي.

ڪشن ڪامياب نثر خواهه نظم نويس آهي.

- **ڊاڪٽر ديال آشا** (ممبئي-2002

احمدآباد مان، ويندي ويندي اوهان هن بندي کي پنهنج
Bio-data جي ڪاپي ٺمائي چڙي هئي. اُها مون ريل گاڏيءَ ۾
مونکي لڳو، اوهان ڪيڏو نه پيار جو پورهيو ڪيو آهي، سڪيا ۽ ادب ج
۾ پاڻ ملهايو آهي.

هونئن به مونکي توهان لاءِ عزت آهي. اُن جو ڪارڻ شايد اِه
اسين ٻئي اڏياپڪن جي جاتيءَ سان وابسته آهيون.

هائو، مون اوهان کي پنهنجي ڪتاب ary of Sindhi Litereture
۾ ياد ڪيو آهي. اُن ۾ اوهان بابت داخلا آهي:

Khubchandani Kishin (B.1934)
r and Critic, Published his novel "SUJAATAA" (1963) and
ollection of Poerty "BAANWAREE BAAKHA" (1993).
"PALA PALA TANDA TANWAARI" (1997) and
"D'AAT JAA DEEAA" (2002)

- **ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي** (دهلي-6


ڪشن کوبچنداڻي ''رنجايل'' جا ڇپيل ڪتاب



















LIFE TIME ACHIEVEMENT



Name	: KISHINCHAND ISSARDAS KHUBCHANDANI
Education	: M.A. (Guj. (Uni.), B.Ed.(Vikram Uni.) Eng. Medium
Birth Date	: 1st January, 1934
Birth Place	: Bhiria, Dist., Nawabshah, Sindh.
Profession	: Retd. Principal of Higher Secondary School.
Library	: (1953-55) Library Incharge of two libraries in Kutyana Dist. Junagadh (Saurashtra)
As a wirter (since 1958)	: Published Eight Books (4 Books won prize), Numerous Original articles, Radio Scripts, Articles in Text Books of Gujarat, Papers for seminars, Manuscript writer etc., Paper reader etc.
As a Poet (since 1963)	: Four Books of Poems, Poems Published in different magazines, Poems for "Mushairo" (All India Level) Etc.
As an Editor (since 1967)	: Editorof "Jhir Mir" from 1969 Monthly Magazine, School Magazines, etc. Sindhi Text Books Gujarat, Guj. Sindhi Sahitya Academy, Magazines, Etc. Sindhi News papers, Literary Books, was H. Editor "Sindhi Bhasha", "Sindhi Boli".
As a Reviwer	: Review expert of Sindhi Text Books (Gujarat), of different Books of Gujarat Sindhi Sahitya Academy, Books of writers & Poets, Etc.
As a compiler	: Sindhi Text Books of Gujarat VIII, IX, X, XI
As a Translator	: One Novel, One Collection of stories, Articles in different Magazines, Syllabus of classess I to VII of Rajya Shiksha Bhavan Ahmedabad, Question papers of S.S.C. classess, translation from English, Hindhi & Gujarati into Sindhi.
Patron	: Two News Papers. Also Columnist & Correspondent.
Radio & T.V.	: Different Literary Subjects, Scripts of "Barani Mehfil" Etc. Talks,
Founder & Office Bearer (since-1955)	: Founder and Office Bearer of literary, Cultural, Educational & Social Institutions in different cities such as : Junagadh, Bhavnagar, Nadiad & Ahmedabad since 1955, of Saurashtra-1960 (meeting). Founder & Sec. of Saurashtra Sindhi Sahitya Mandal in Bantva on 9.10.1960
Member of Working Committee	: (1) All India Federation of Sindhi Educational Institutions from 1979. (2) Guj. Sindhi Sahitya Academy. (15 Years) (3) Sindhi Pensioners' Welfare Association, Ahmedabad. (4) Guj. Sindhi Association. (5) Central Panchayat, Ahmedabad. (6) Swami Lilashah Charitable Trust, Ahmedabad. (1) Sindhi Council of India.
President	: Adabi Class, Kubernagar, Ahmedabad.
Vice President	: Association of heads of Sindi High Schools Guj. State in 1977 etc.
Chairman	: Anand Park, Bunglows, New G-Ward, Kubernagar, A'bad-40.
Address	: 26/B, Anand Park, Near Chandrama Society, New G-Ward, Kubernagar, Ahmedabad-382340. Ph. : 079-22822681 M. 9328020018